www.iqbalkalmati.blogspot.com

# قرآن جو پيغام

افادات

حڪيم الاسلام مولانا عبيدالله سنڌي

ليڪ

ابوالفضل نور احمد سنڌي

حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ



قرآن جو پيغام
افادات: حڪيم الاسلام مولانا عبيدالله سنڌي
ليڪ: ابوالفضل نور احمد سنڌي

ڪمپوزر: نديم احمد سولنگی
ڇپيندڙ: ذڪی سنز، ڪراچی
ڇپائيندڙ: حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ، ڪراچی

ملھ: 40 رپيا

ملڻ جا هنڌ

سنڌيڪا بوڪ شاپ, 19 بلديہ پلازه گھنٽا گھر چوڪ فون: 5628368_071, سنڌيڪا بوڪ شاب, 23 ٽريڊ سينٽر حيدر چوڪ فون: 03013594679 – ڪتاب مرڪز فريئر روڊ, عزيز ڪتاب گھر بئراج روڊ, سکر۔ العماد بوڪ سيلرز, اردو بازا فون: 0212214521 ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي –سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ, تلڪ چاڙهي حيدرآباد – عثمانيہ لائبريري, چنيهاٽي ڪنڊيارو, قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو – نيشنل بوڪ اسٽور, نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ لاڙڪاڻو – رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو – رحيم ڪتاب گھر مهراڻ چوڪ بدين – رشيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ دادو – حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ, سعيد بوڪ اسٽور, گل ڪتاب گھر لکي در شڪارپور۔ المهراڻ ڪتاب گھر, زاهد بوڪ ڊپو سانگھڙ, سيد ماس ميگا اسٽور, جيڪب آباد. سرتاج ۽ گلزار بوڪ اسٽور, ڪنڌڪوٽ, ميمڻ بوڪ اسٽور, شاهي بازار نوشهروفيروز, ڪنول ڪتاب گھر, مورو. حافظ اينڊ ڪمپني, لياقت مارڪيٽ, نواب شاهہ, ٽر ڪتاب گھر, عمر ڪوٽ. ديدار بوڪ ڊپو ٽنڊوالهيار, رفعت بوڪ هائوس, ماتلي.
مرچو لال پريمي, بدين. مڪتبہ يوسفيہ, ميرپورخاص. فون. 3319565_0300

خط و ڪتابت لاءِ
حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030
فون: 021-4213117
موبائل: 03002707097

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# فهرست


نئين دنيا اوهان کي سڏي ٿي! ................................ 5

قرآن جي هدايت ڪنهن جي لاءِ؟ ................................ 7

قرآن ڇا آهي؟ ................................ 9

رڪاوٽون ۽ ڏڪائيون ................................ 10

اعتماد ۽ ڀروسو ................................ 11

سمجهي پڙهڻ ................................ 12

قرآني مشن جي تڪميل ................................ 15

عورتن لاءِ قرآن جي هدايت ................................ 18

شخصي تبديليءَ جا قرآني محرڪ ................................ 20

قرآن مجيد متقين جي لاءِ هدايت آهي ................................ 20

عدل ڇا آهي؟ ................................ 21

رباني انسان بڻجو ................................ 24

رباني انسانن جو رويو ................................ 26

الله جي صفتن کي اپنايو ................................ 28

انسانيت جا بنياڍي اخلاق ................................ 31

اجتماعي اخلاقن تي معاشيات جو اثر ................................ 39

اجتماعي تبديليءَ جا قرآني محرڪ ................................ 42

قرآن استحصالي نظام جو خاتمو گهري ٿو: ................................ 45

قرآن ڪمزورن کي طاقتور بنائڻ گهري ٿو: ................................ 47

قرآن ماڻهن جي شخصيت کي اوسر ڏئي ٿو: ................................ 49

قرآن جي تعليم انقلاب جي لاءِ آهي ................................ 51





قرآني عملي الاهيات ................................ 56

ربوبيت جي صفت: ................................ 57

رحمت جي صفت: ................................ 58

عدل جي صفت: ................................ 58

توحيد في الربوبيت ڇا آهي؟ ................................ 59

توحيد في الصفات ڇا آهي؟ ................................ 60

توحيد في العبادت ................................ 62

قرآن جو پيدا ڪيل سماجي شعور ................................ 66

سماجي زندگيءَ جو پهريون ايڪو: فرد ................................ 66

سماجي زندگيءَ جو ٻيو ايڪو: ڪٽنب ................................ 68

سماج جو ٽيون ايڪو: قوم ................................ 72

سماج جو چوٿون ايڪو: بين الاقواميت ................................ 76

قرآن جو پيدا ڪيل اقتصادي شعور ................................ 81

پالڻهاريءَ جو مفهوم ۽ خلافت جي ذميواري: ................................ 81

خلافت امانت آهي ۽ خليفو امين الله: ................................ 83

پيداوار جي ذريعن جي تقسيم ڪيئن ٿئي؟ ................................ 84

پيداوار جا ذريعا عام ڀلي لاءِ آهن: ................................ 85

ملڪيت جي مسئلي جو غلط تصور: ................................ 86

ملڪيت بابت اسلام جو نظريو: ................................ 87

قرآن سرمائي جو بنياد محنت کي بيهاري ٿو. ................................ 88

قرآن سمجهڻ ۾ رڪاوٽ ................................ 89

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# نئين دنيا اوهان کي سڏي ٿي!

1. هيءَ نئين دنيا اوهان کي خدا ۽ انسان جي تعلق جي بنيادن، خوبين ۽ نفاستن سان مالامال ڪندي. اوهان تي الله جي صفتن جو صحيح تصور آشڪار ڪندي تہ جيئن توهان خدا پرستيءَ جي راهہ ۾ ٿاٻا کائڻ ۽ ور وڙانگن رستن تي هلڻ کان بچي وڃو. هيءَ دنيا اوهان کي الله تعاليٰ جي نيابت ۽ بندگيءَ جي عملي لقائن ۽ تعلق کان آگاهہ ڪندي، جنهن ڪانپوءِ الله ۽ اوهان جي وچ ۾ رفاقت جو تعلق قائم ٿيڻو آهي.
2. هيءَ نئين دنيا اوهان کي الله تعاليٰ جي جوڙيل اٽل اختياري قانونن جو شعور عطا ڪندي. يعني جهڙي ريت دنيا ۾ هر شيءِ جي هڪ خصوصيت ۽ قدرتي تاثير مقرر آهي، تيئن انساني عملن جون پڻ معنوي خاصيتون ۽ نتيجا مقرر آهن. نيڪ عمليءَ جو نتيجو سٺائي ۽ بُري عمل جو نتيجو برائي آهي. ماڻهو ۽ قومون جيڪڏهن هن ڪائنات جي پالڻهار ۽ پروردگار جي عطا ڪيل قانونن مطابق عمل ڪنديون تہ يقيناً ان جا بهتر نتيجا نڪرندا.
3. هيءَ نئين دنيا اوهان جي سوچن ۽ عملن کي اهو ڪامل يقين عطا ڪندي تہ انسان جي زندگي هِن دنيا ۾ ختم ڪانہ ٿي وڃي ٿي. زندگيءَ جو سلسلو اڳتي بہ جاري رهي ٿو. انسان کان پنهنجن عملن جو پڇاڻو ٿيڻو آهي. هميشہ واري ابدي زندگيءَ ۾ الله تعاليٰ پنهنجي فرمانبردار ٻانهن کي پنهنجي قربت، رضا ۽ سلامتيءَ جي سايي ۾ رکندو پرسندس حڪمن جي پيچڪڙي ڪندڙن سان الله تعاليٰ قيامت ڏهاڙي نہ ڳالهائيندو ۽ نہ کين پاڪ ڪندو، بلڪ اهي دردناڪ عذاب ۾ هوندا.
4. هيءَ نئين دنيا اوهان کي فلاح ۽ سعادت جي سڌي گس تي چاڙهي ڇڏيندي. اهڙو سڌو گس جنهن ۾ وروڪڙ ۽ ڪاهيون نہ هونديون. هيءَ



دنيا توهان کي هاڻوڪي زندگيءَ جي حسناڪين، فلاح ۽ ڪاميابيءَ جي اهڙن رستن کان آگاهہ ڪندي، جنهن جي نتيجي ۾ آخرت جون حسناڪيون، فلاح ۽ ڪاميابيون اوهانجو مقدر بڻجي وينديون. اهي ئي چار ڳالهيون دين جو روح آهن.

❊

قرآن سلامتيءَ جو سڏ آهي، نئين دنيا ۽ نئين زندگيءَ ڏانهن اچڻ جي دعوت آهي. پڪ ڄاڻو تہ توهان جي زندگيءَ جو ڪوبہ قدم، قرآن ڏانهن ۽ قرآن جي گهراين ۾ سفر کان وڏيڪ عظيم، بابرڪت ۽ لاڀائتو نٿو ٿي سگهي. اهو سفر اوهان کي قرآن جي لازوال مسرتن ۽ انهن اڻ کٽ خزانن ڏانهن وٺي ويندو، جيڪي توهانجي خالق ۽ مالڪ سموري انسانيت لاءِ اُماڻيا آهن. قرآن ۾ اوهان کي علم ۽ دانش جي ناقابل بيان خزانن جي دنيا نظر ايندي جيڪا زندگيءَ جي شاهراهن تي توهان جي رهنمائي ۽ سوچ ۽ عمل جي صحيح سُوڌ سنوار ڪندي. هِتي اُها گهري بصيرت ملندي جيڪا توهان کي مالامال ڪري ڇڏيندي ۽ سنئين دڳ لائيندي. اوهان کي اِن مان اهڙي روشني ملندي جيڪا توهانکي روح جي گهراين تائين منور ڪري ڇڏيندي. هتي توهان جي جذبن ۽ احساسن کي اهڙي حرارت ملندي جيڪا اوهان جي دل ۾ تہ نرمي پيدا ڪندي پر اوهان جي ارادن کي جبلن کان بہ وڏيڪ مضبوطي عطا ڪندي.

ڪالهہ تائين توهان جي زندگيءَ ۾ جن سوالن جي ڪا اهميت ڪانہ هئي تہ: آئون ڪير آهيان؟ ڇو پيدا ڪيو ويس؟ ۽ منهنجي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ پر قرآن جي واديءَ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ توهان کي نہ رڳو اشرف المخلوقات واري سڃاڻپ حاصل ٿيندي بلڪ توهان جي زندگيءَ کي هڪ نصب العين عطا ٿيندو. آدميت جو عروج توهان جو مسلڪ ۽ انسانيت جو ڀلو توهان جي فڪر ۽ عمل جو محور بڻجي ويندو. هن زندگيءَ ۾ اها ئي اوهان لاءِ وڏي وٿ هوندي ۽ ان سان ئي توهان کي هڪ عملي انسان جي سڃاڻپ حاصل ٿيندي.

قرآن هديً للناس آهي. هن ڪتاب جي ذريعي توهان کي انسانن جي هدايت جي ذميداريءَ جي خبر پوندي. توهان جي سوچ جو دائرو وسيع ٿيندو ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



توهان انساني تهذيب جي مستقبل لاءِ پاڻ ارپيندا ۽ ان راهه ۾ جيڪا به رڪاوٽ آڏو ايندي ان سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. انسانن لاءِ اوهانجي سوچ انتهائي اهم ليکي ويندي. جڏهن توهان دنيا جي قومن جي عروج ۽ زوال واري صدين جي سفر جو قرآن ذريعي مشاهدو ڪندؤ ته توهان جي مشاهدي لاءِ توهانجي سوچ ۽ فڪر کي باقاعدي استدلال حاصل ٿيندو ۽ سچي مومن واري دانائي توهانجو ورثو بڻجي ويندي.

## قرآن جي هدايت ڪنهن جي لاءِ؟

قرآن پنهنجا دروازا صرف انهن ماڻهن لاءِ کوليندو آهي، جيڪي زندگيءَ کي اجايو نٿا سمجهن. جيڪي سمجهن ٿا ته ڪائنات جي هيڏي شاهڪار نظام جي موجودگي ۽ انساني تخليق جي هيڏي ڍنگائتي جوڙجڪ ائين اجائي ناهي، بلڪ انسان جي هڪ وڏي ڪردار ۽ ذميداريءَ جو مظهر آهي. ان ڪري اُهي زندگيءَ جي مقصدن جون خوبيون ڳوليندا وتندا آهن: انهن جي اندر بنيادي طور انسانيت/ماڻهپي جو جوهر موجود آهي. هو پنهنجي ان جوهر کي وڌيڪ نکارڻ جو اُلڪو رکن ٿا. اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي الله جي منشا مطابق زندگي گذارڻ چاهين ٿا هيءُ قرآن انهن جي لاءِ هدايت آهي. اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ازلي حقيقتن جي ڳولا ۾ بيتاب ۽ سرگردان رهن ٿا، ووجدڪ ضالا فهديٰ. ”اي پيغمبر، اسان تو کي سرگردان (حق جو متلاشي) ڏٺو ته هدايت ڏني سين.“

هيءَ هدايت دين جي سچن ساٿارين لاءِ آهي. فَاعْبُدِ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَؕ۝۲ (الزمر 2) . جيڪي مقصد سان سچا هوندا ۽ دل ۾ درد هوندن، صرف انهن کي ئي قرآن جي خزانن مان موتي ميڙڻ جي اجازت آهي. پنهنجو پاڻ کي هن هدايت مطابق پرکڻ، ان کي هينئين سان هنڊائڻ ۽ مڪمل وابستگي ۽ دل جي حضور سان ڪوشش ڪرڻ وارا ئي هن خزاني ۾ حصيدار ٿي سگهن ٿا.

ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي هن هدايت کي مڪمل وابستگيءَ سان اختيار نٿا ڪن. اهي تلاوت ته ڪن ٿا، پر قرآن جي هدايتن ۽ حڪمن مان لاڀ حاصل نٿا ڪن. اهي احترام جي جذبي تحت هن ڪتاب کي چُمي اکين تي ته رکن ٿا پر اهو پيغام حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿا رهن جيڪو شخصيت کي تبديل ڪري هدايت جي موتين سان مالا مال ڪري ڇڏيندو آهي. بندي کي بشر مان انسان بڻائي ڇڏيندو آهي. ڪي ٻيا ماڻهو خدا جو آواز ته ٻڌيو وٺن پر منجهن



اهو عزم، اهو ارادو ۽ اهو حوصلو پيدا ڪونه ٿو ٿئي جيڪو الله جي سڏ جو پڙاڏو ٿيڻ ۽ ان مطابق زندگي گذارڻ لاءِ ضروري هوندو آهي. ڪي ته وري اهو ڪجهه به وڃايو ويهن جيڪو وٽن هوندو آهي ۽ پوءِ قرآن جا ملهائتا موتي ميڙڻ بدران هدايت جي ٻين درن تان ڇيلهه ڇڪي ڪنڌڙ اهڙو بار ڪنيو واپس موٽن جيڪو ڪين هميشه ڇيپاٽيندو ۽ ڇيچلائيندو رهندو آهي. اهو ڪيڏو وڏو الميو ۽ بدنصيبي ڇئبي جو توهان قرآن ڏانهن اچو ۽ وري هٿين خالي موٽي وڃو! نه اوهان جي روح جي تار ڇِڙي، نه ڪا دل ۾ لهر اُٿِي، نه زندگيءَ ۾ ڪا تبديلي آئي. جهڙا آيا هيؤ اهڙا ئي واپس موٽي ويؤ!

قرآن جي تلاوت جي سڀ کان وڏي حق ادائي، ان کي سمجهي پڙهڻ آهي. ان کانپوءِ ٻيو وڏو حق ان کي پاڻ لاءِ راهِ هدايت بنائڻ آهي. ياد رکو ته قرآن حڪيم جيڪو ڪجهه چوي ٿو ان تي عمل لاءِ جيستائين ارادو، عزم ۽ آمادگي پيدا نٿي ٿئي، اوستائين اوهان ان جي تلاوت جو حق ادا نه پيا ڪريو. ان صورت ۾ جيئن اهو چاهي ٿو ان مطابق ظاهري توڙي باطني طرح پنهنجي زندگي، روين ۽ ورتاءَ کي تبديل ڪرڻ ڪانسواءِ اوهانجي شخصيت جي ائين تعمير نه ٿي سگهندي، جيئن الله تعاليٰ کي مثالي انسان جي تعمير گهربل آهي.

جيڪڏهن اوهان جي ڪا عملي زندگي ئي ڪانهي ۽ انسانن ۽ سماج جو ڪو ذمو اوهان ڪنيو ئي ڪونهي. انسانن جي آزادي، وقار ۽ ڀلي جي لاءِ ٿيندڙ ڪوششن سان سلهاڙيل ئي نه آهيو ته پوءِ توهان قرآن سان پنهنجو عملي تعلق قائم نٿا ڪري سگهو. توهان صرف ٽيبل آڏو ڪرسيءَ تي ويهي قرآن جي مطالعي سان رهنمائي تلاشڻ چاهيو ٿا ته اوهان جي مطالعي ۾ دانشوراڻو اضافو ته ضرور ٿيندو پر خدا کي گهربل هڪ ذميدار انسان طور اوهانجي سُوڌ سنوار ڪانه ٿي سگهندي. اهڙي طرح توهان ڪنهن چوديواريءَ ۾ چند مخصوص مذهبي رسمن جي ادائيگي سان قرآن تي عمل جي حاصلات جو گمان رکو ٿا ته ان صورت ۾ به اوهان قرآن جي تعليمات جي هڪ وڏي حصي کان محروم رهجي ويندؤ.

قرآن جا حڪم، ان جي اخلاقي تعليم، ان جو سماجي شعور، ان جون معاشي هدايتون ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۽ رخن جي باري ۾ ان جا ٻڌايل اصول ۽ قانون ماڻهوءَ جي سمجهه ۾ اوستائين نٿا اچي سگهن جيستائين هو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



عملي طرح انهن کي اختيار نٿو ڪري. نہ ڪي اهو شخص هيءُ ڪتاب سمجهي سگهي ٿو جنهن پنهنجي انفرادي توڙي اجتماعي زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ ان جي پيرويءَ کان پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيو هجي ۽ نہ وري اها قوم ان کان آشنا ٿي سگهي ٿي، جنهن جا اجتماعي ادارا انسانيت جي تعمير لاءِ قرآن جي ڏسيل تعليمات جي برخلاف عمل ڪري رهيا هجن.

## قرآن ڇا آهي؟

قرآن ۾ انسان لاءِ جيڪي ڪجهہ آهي، ان جي عظمت ۽ اهميت جو ادراڪ ڪرڻ يا ان کي بيان ڪرڻ هن جي وس ۾ ئي ڪونهي پر الله توهار ڪرڻ لاءِ، اوهان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ اندازو هئڻ گهرجي تہ هيءُ ڇا آهي، اوهان لاءِ اهو ڪهڙي اهميت رکي ٿو تہ جيئن توهان ۾، پنهنجي پوري وجود سان، قرآن سان وابستہ ٿيڻ جو جذبو بيدار ٿئي. ڪُلي وابستگي، مڪمل سپردگي ۽ لڳاتار جاڪوڙ جو جذبو، جيڪو قرآن جي تقاضا آهي.

قرآن اوهان لاءِ الله تعاليٰ جي سڀ کان وڏي نعمت آهي. هيءُ حضرت آدم عليہ السلام ۽ ان جي پونئيرن سان رب سائينءَ جي ان وعدي جي تڪميل آهي جڏهن ڪين چيو ويو هو تہ منهنجي طرفان ڪا هدايت اوهان وٽ پهچي تہ اهي ماڻهو جيڪي منهنجي انهي هدايت جي پيروي ڪندا، انهن کي نہ ئي ڪو خوف هوندو، نہ ئي ڪا ڳڻتي. (البقره 38)

هن دنيا ۾ شر ۽ باطل قوتن جي مقابلي واري جدوجهد ۾ قرآن توهان جي ڪمزور وجود جو سهارو آهي. زندگيءَ جي لاهن چاڙهن ۾ اوهانجي خوف ۽ پريشانيءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ اهو ئي واحد ذريعو آهي. جڏهن خير ۽ شر ۽ لوڀ ۽ قرباني جي ڪشمڪش ۾ توهان سهل پسنديءَ جو شڪار ٿيندؤ تہ ان وقت هيءُ ڪتاب اوهان کي عزم ۽ يقين جي مضبوطي عطا ڪندو. جڏهن اوهان ٻاٽ اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيا هوندا تہ ڪاميابي ۽ نجات جي راهہ ڳولي لهڻ لاءِ صرف ۽ صرف قرآن جو سوجهرو ئي اوهان جي ڪم ايندو. اوهان جي شخصي بيمارين ۽ چئني پاسي نظر ايندڙ اجتماعي خرابين لاءِ واحد شفا بہ هيءُ قرآن ئي آهي. هيءُ توهان جي فطرت ۽ تقدير، توهان جي ذميدارين ۽ فرضن جي ياددهاني، توهان کي پيش ايندڙ خطرن جي رستا روڪ ۽ انعامن لاءِ مسلسل يادگيرو ۽ ذڪر آهي.

ان ڪري جيستائين توهان پنهنجين سوچن ۽ عملن کي قرآن جي هدايتن



مطابق پرتڻ لاءِ تيار نٿا ٿيو ۽ ان جي عملي شروعات نٿا ڪريو، تيستائين سموري ڪوشش ۽ نيڪ نيتي بي لاپ رهندي. مراقبن جهڙيون ذهني مشقون ۽ وجداني تجربا اوهان کي قرآن جي حقيقي خزانن جي ويجهو نٿا آڻي سگهن. بشري ڪمزورين، قدرتي مشڪلاتن ۽ خارجي رڪاوٽن جي ڪري قرآن جي پيروي ۽ زندگيءَ ۾ تبديلي آڻڻ ۾ ناڪامي ٻي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن توهان قرآن سان تعلق جي باوجود مثالي عملي زندگي اختيار ئي نہ ڪئي آهي تہ اوهان قرآن جي هڪ عالم جي حيثيت سان شهرت تہ حاصل ڪري سگهو ٿا پر اوهان خدا کي گهربل آئيڊيل انسان نٿا بنجي سگهو.

قرآن پاڪ اهڙن ماڻهن تي سخت لفظن ۾ لعنت ملامت ۽ ڦٽڪار ڪئي آهي جيڪي خدا جي ڪتاب تي ايمان جو زباني اقرار تہ ڪن ٿا، پر جڏهن ڪين عمل جي لاءِ چيو ويندو آهي يا فيصلائتي صورتحال آڏو ايندي آهي تہ اهي ان هدايت کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن، ان کان منهن موڙي ويندا آهن، اهڙن ماڻهن کي ڪافر، فاسق ۽ ظالم قرار ڏنو ويو آهي.

## رڪاوٽون ۽ ڏکائيون

هميشہ خبردار رهو تہ جيئن ئي توهان قرآن سان وابستہ ٿي ان جو مطالعو شروع ڪندؤ تہ شيطان، قرآن ڏانهن ويندڙ رستي ۾ هر ممڪن رڪاوٽون وجهڻ ۽ ڏکيائيون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

قرآن، الله تعاليٰ ڏانهن وٺي ويندڙ صراط مستقيم جو واحد يقيني راهنما آهي. اها واٽ وٺي هلڻ انسان جي تقدير آهي. حضرت آدم جي پيدائش مهل ئي ڪيس انهن رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن کان آگاه ڪيو ويو هو جيڪي انسان کي پنهنجي تقدير جي تڪميل لاءِ طئي ڪرڻيون آهن. انسان جون سموريون ڪمزوريون کولي پڌريون ڪيون ويون. خاص ڪري ارادي جي ڪمزوري ۽ نسيان (ويسلائپ) (طحہ :115) اهو بہ واضح ڪيو ويو تہ زندگيءَ جي سفر جي وک وک تي شيطان سندس راهہ ۾ رڪاوٽ وجهندو. شيطان الله تعاليٰ کي چيو هو: چڱو، جيئن تو مونکي گمراهيءَ ۾ مبتلا ڪيو آهي، مان بہ تنهنجي سڌي گس تي انهن انسانن جي تاڙ ۾ ويٺو هوندس. اڳيان، پويان، ساڄي ۽ کاٻي، هر پاسي کان ڪين گهيري وٺندس. تون انهن مان گهڻن کي شڪرگذار نہ لهندين. (الاعراف: 17)

ظاهر آهي تہ شيطان خلاف سچي زندگيءَ جي جهيڙي ۽ هدايت الاهي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



مطابق زندگي گذارڻ واري ڪوشش ۾ قرآن توهان جو سڀ کان مضبوط پرجهلو ۽ سگهارو ساٿي آهي. ان ڪري قرآن جي مطالعي لاءِ ارادي جي پهرين قدم کان وٺي، ان مطابق زندگي گذارڻ جي آخري قدم تائين شيطان ڪيترين ئي چالن، بهانن ۽ دوکي فريب جون رڪاوٽون وجهندو، جيڪي اوهان کي عبور ڪرڻيون پونديون. شيطان توهان جي نيت ۾ خلل وجهندو. توهان کي قرآن جي معنيٰ ۽ پيغام کان بي خبر ۽ اوجهل رکڻ جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪندو. اهو اوهان جي ذهن ۾ شڪ شبها پيدا ڪري سگهي ٿو، الله جي ڪلام ۽ اوهان جي روح جي درميان رڪاوٽ وجهي سگهي ٿو. بنيادي تعليمات بدران فروعي معاملن ۾ منجهائي سگهي ٿو. قرآن جي پيروي ڪرڻ کان دور ڪري سگهي ٿو يا قرآن جي مطالعي کي نظرانداز ڪرڻ يا ان کي ٻئي ڀيري لاءِ ملتوي ڪرڻ تي آماده ڪري سگهي ٿو. اهي سڀ خطرا ۽ انديشا خود قرآن ۾ وضاحت سان بيان ڪيا ويا آهن.

قرآن ۽ اوهان جي وچ ۾ ٽين رڪاوٽ طاغوت، يعني شيطان جا ساٿاري طبقا بنجي سگهن ٿا. طاغوت ڏسڻ ۾ ايندڙ توڙي اکين کان اوجهل قوتن جي مدد سان اوهان سان مهاڏو اٽڪائي سگهي ٿو. اوهان جون پنهنجون خواهشون ۽ جذبا، اوهان جي استاد ۽ مرشد جو طريقو، اوهان جو فرقو ۽ اوهان جي جماعت جو مسلڪ، نظر نه ايندڙ قوتن جي روپ ۾ توهان کي وسوسن، فوري فائدن کان محرومي ۽ خوف ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿا يا تقدس ۽ احترام جي آڙ ۾ اوهان جي سوچ تي جمود ذريعي قرآن جي هدايت کان دور رکي سگهن ٿا. اهڙي ريت اکين کان اوجهل طاغوت يعني طاقتور طبقا ڏنڊي جي زور تي مختلف نقصانن، ڪٽڪن ۽ پريشانين جي گهيري ۾ آڻي حق ۽ باطل جي ويڙهه ۾ اوهانکي ڪمزور ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته شيطان جي ساٿارين جي ڪٿي به ڪمي ڪانهي. انهن کان پاڻ بچائي هلڻ لاءِ الڳ احتياط جي ضرورت هوندي آهي.

## اعتماد ۽ ڀروسو

ڄاڻايل سمورين رڪاوٽون اورانگهيندي صرف ۽ صرف الله تي ڀروسو رکو. اهو ئي توهان کي قرآن جي مطالعي جي ڀرپور فائدن ڏانهن لاڙي سگهي ٿو. جهڙي ريت الله تعاليٰ قرآن جي صورت ۾ پنهنجو پيغام پهچائي توهان تي وڏي ۾ وڏي رحمت ڪئي ۽ اوهانکي قرآن ڏانهن آندائين. اهڙي طرح الله جي رحمت ئي آهي جيڪا هِن اهم ۽ نازڪ ڪم ۾ توهان جي مددگار ٿي سگهي



ٿي. پر ان لاءِ اوهان جي تڙپ ۽ آرزو ضروري آهي. توهان جي ذهن ۽ دل ۾ جيتري وڏيڪ تڙپ، آرزومندي ۽ جستجو هوندي، توهان سندس رحمت ۽ هدايت جا اوتري قدر وڏيڪ حقدار بڻبؤ. توهانکي انتهائي قيمتي، لاپائتا ۽ معياري وکر گهرجن، جن کي حاصل ڪرڻ ايترو آسان ناهي. تمام گهڻا خطرا ڪٽڻا پوندا. ڪيترين ئي رڪاوٽون اورانگهڻيون پونديون. پوءِ جڏهن توهان پوري سچائي ۽ وابستگيءَ سان مڙني خطرن ۽ سمورن امتحانن مان پاس ٿي نڪرو ٿا ته الله جي قبوليت جا سڀئي در کليو پون.

توهانجو ارادو ۽ ڪوشش اٽل ۽ اولين ذريعا آهن. ان ڪانپوءِ الله جي مدد ۽ توفيق يقيني ضمانت آهي، جنهن سان توهان پنهنجو رستو ڪاميابي ۽ خوش اسلوبيءَ سان طئي ڪري سگهو ٿا. سچي مومن جي حيثيت سان توهان کي زندگيءَ جي هر معاملي ۾ الله تي ڀروسو رکڻ گهرجي. الله ۽ قرآن کان وڏيڪ اهم شيءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ قرآن لاءِ توهان جيتري قدر ڪري رهيا آهيو ان تي فخر نه ڪريو. پنهنجين ڪمزورين ۽ الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل حدن کي هميشه نظر ۾ رکو. قرآن ڏانهن ويندي الله تعاليٰ جي رضا جو حصول ئي ذهن ۾ هئڻ گهرجي. اِنهي مقصد جي لاءِ توهان جيڪو به ڪم شروع ڪريو، اهو نياز نوڙت ۽ خدا تي مڪمل اعتماد ۽ ڀروسي واري احساس سان شروع ڪريو. هر وک تي الله جي مدد ۽ سهارو طلبيندا رهو.

## سمجهي پڙهڻ

هيءَ اهم ڳالهه پڻ هر وقت مدنظر رکڻي آهي ته توهان جيترو به قرآن پڙهي رهيا آهيو، ان کي سمجهڻ لاءِ توهان کي پنهنجي شخصيت کي ان ۾ عملي طور پوري طرح شامل ڪرڻو پوندو. ان عمل ۾ اوهان جي اندر جي انسان جي شموليت سڀ کان اهم ۽ اثرائتو ذريعو ڄاڻڻ گهرجي.

توڙي جو ڪنهن جي دل تائين قرآن جي رسائيءَ جي لاءِ لازماً اها خبر هئڻ گهرجي ته قرآن ڪيس ڇا چئي رهيو آهي پر اهو اهڙو اٽل شرط ڪونهي جو ان کان سواءِ انسان، قرآن جي برڪتن مان ڪو لاڀ حاصل ڪري ئي نه سگهي. ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي قرآن جو هر لفظ سمجهن ٿا پر سندن دلين جا در قرآن لاءِ بند آهن. ڪي وري اهڙا به آهن جيڪي ان جو هڪ لفظ به نٿا سمجهن پر اهي الله سان تعلق، محبت، قرب، اطاعت ۽ پاڻ ارپڻ جي روح

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پرور ڪيفيت سان سرشار هوندا آهن. ائين ڇو آهي؟ ان ڪري جو قرآن سان تعلق جو دارومدار تڙپ ۽ جستجوءَ تي آهي ۽ سندن دليون ان ڪان خالي نہ هونديون آهن. پوءِ بہ ان سان، قرآن جي ڏنل پيغام ڪي سمجهڻ جي بي انتها اهميت تر جيتري بہ نٿي گهٽجي.

هتي اسين ”سمجهڻ“ جو لفظ هِن مفهوم ۾ استعمال ڪري رهيا آهيون تہ لفظن جي مطلب جي خبر هجي. غور و فڪر، تدبر، معنيٰ تائين پوري رسائي، صورتحال تي ان ڪي لاڳو ڪرڻ، اهو سڀ ان ۾ شامل آهي.

قرآن جي سمجهہ حاصل ڪرڻ واري سفر دوران جيڪڏهن توهان پهرئين ئي ڏاڪي تي پاڻ ڪي پوري طرح اُن الله جي حوالي ڪري پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ ۽ زندگيءَ جي نئين سر تعمير جي شروعات نٿا ڪريو، جنهن اوهان ڪي قرآن ڏنو آهي تہ پوءِ قرآن جي مطالعي مان توهانڪي صفا ٿورڙو فائدو ٿيندو. جيڪڏهن عمل جي لاءِ ارادي جي قوت ۽ جاڪوڙ جو جذبو ڪونهي تہ پوءِ قلبي ڪيفيتن، روح جي وجد آفريني ۽ علم ۾ اضافي سان اوهانڪي ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو. جيڪڏهن قرآن اوهان جي ڪردار تي اثرانداز نٿو ٿئي، اوهان اُن جي حڪمن جي پيروي نٿا ڪريو ۽ جن ڳالهين ڪان اهو روڪي ٿو انهن ڪان نٿا رڪجو تہ پوءِ سمجهي ڇڏيو تہ توهان قرآن ڪي ويجها نہ پيا ٿيو.

قرآن جو هر لفظ اطاعت، عمل ۽ تبديليءَ جي دعوت آهي. اُن جا حڪم نہ مڃڻ وارن ڪي ڪافر، ظالم ۽ فاسق چيو ويو آهي. (المائده: 44-47)

الله جو ڪتاب هوندي بہ ان ڪي نہ سمجهڻ ۽ ان تي عمل نہ ڪرڻ وارن ڪي اهڙا گڏهہ قرار ڏنو ويو آهي جن تي بار لڏيل آهي پر جيڪو ڪجهہ مٿن لڏيل آهي، نہ اُن جي باري ۾ ڪا خبر اٿن ۽ نہ وري اُن مان ڪو فائدو حاصل ڪري ٿا سگهن.(الجمعہ:5)

”اِهي اُهي ماڻهو آهن جن جي خلاف رسول الله ﷺ قيامت ڏهاڙي دانهيندو تہ: اي منهنجا پالڻهار، منهنجي قوم هِن قرآن ڪي ڪُندائتو ڪري ڇڏيو هو.“ (الفرقان:30)

قرآن ڪي وساري نظرانداز ڪري ڇڏڻ يا ڪُندائتو ڪري ڇڏڻ جو مطلب آهي اُن ڪي نہ پڙهڻ، نہ سمجهڻ ۽ اُن مطابق زندگي نہ گذارڻ ۽ قرآن ڪي پراڻي دؤر جو اهڙو قصو سمجهڻ جنهن جو هاڻ ڪو بہ ڪارج نہ رهيو هجي. الله جي رسولﷺ



قرآن جي پيرويءَ تي زور ڀرڻ لاءِ ڪا بہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. پاڻ فرمايائون:

”منهنجي اُمت جا گهڻا منافق قرآن پڙهندڙن منجهان هوندا.“ (مسند احمد)

”اهو شخص قرآن جو سچو پيروڪار نٿو ٿي سگهي جيڪو اُن جي حرام ڪيل ڪي حلال سمجهي.“ (ترمذي)

”قرآن جي تلاوت ڪريو تان تہ جنهن ڪان اهو روڪي ٿو ان ڪان رڪجو. جيڪڏهن هيءُ توهان ڪي اِن قابل نہ بڻائي جو توهان رُڪجي وڃو تہ ائين سمجهو اوهان ان جي حقيقي معنيٰ ۾ تلاوت نہ ڪئي آهي.“ (طبراني)

صحابين سڳورن لاءِ قرآن سکڻ جو مطلب ان ڪي پڙهڻ، ان تي غور و فڪر ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ هوندو هو. روايت آهي تہ ”جيڪي ماڻهو قرآن پڙهڻ ۾ مشغول هئا، ٻڌائين ٿا تہ عثمان ابن عفان ۽ عبدالله بن مسعود جهڙا ماڻهو جڏهن هڪ ڀيرو رسول الله ﷺ ڪان ڏهہ آيتون سکي وٺندا هئا تہ جيستائين انهن آيتن ۾ علم ۽ عمل جي حوالي سان جيڪو ڪجهہ هوندو هو، ان ڪي واقعي پِرائي پروڙي نہ وٺندا هئا، تيستائين اڳتي نہ وڌندا هئا. ٻڌائيندا هئا تہ هُنن قرآن ۽ عمل گڏوگڏ سکيو آهي. اهڙي ريت ڪڏهن تہ اهي صرف هڪ سورت سکڻ ۾ ڪيترائي سال لڳائي ڇڏيندا هئا.“ (سيوطيِ: الاتقان في علوم القرآن)

قرآن جي مطالعي سان اوهانجي دل ۾ ايمان پيدا ٿي وڃڻ گهرجي. انهيءَ ايمان مطابق اوهان جي زندگيءَ ڪي شڪل ملڻ. اهو ڪو اهڙو اينگهائيندڙ مرحليوار عمل ڪونهي جو توهان پهريان ڪيترائي سال قرآن پڙهڻ ۾، پوءِ ان ڪي سمجهڻ ۾، پوءِ ايمان مضبوط ڪرڻ ۾ لڳايو ۽ ان ڪان پوءِ ان تي عمل ڪريو. جڏهن توهان الله جو ڪلام ٻڌو ٿا يا ان جي تلاوت ڪريو ٿا تہ توهان ۾ ايمان جي چڻنگ دُکي پوي ٿي. جڏهن ايمان اندر ۾ اوتارو ڪري ٿو تہ زندگي بدلجڻ شروع ٿي وڃي ٿي. توهان ڪي هيءَ ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ قرآن مطابق زندگي گذارڻ جي سڀ ڪان اولين ۽ بنيادي تقاضا هيءَ آهي تہ توهان اهم فيصلو ڪريو، توهان ئي سڀ ڪان وڏو قدم کڻو. ٻيا ماڻهو جيڪو وٽين سو ڪن، معاشري جا مطالبا کهڙا بہ هجن، توهان جي آسپاس جيڪي بہ سوچون ۽ خيال حاوي هجن، پر توهانڪي پنهنجي زندگيءَ جو گس مڪمل طور تبديل ڪرڻو آهي. اهو فيصلو وڏيون قربانيون ٿو گهري پر جيڪڏهن توهان قرآن ڪي خدا جو ڪلام مڃي اُن تي ايمان آڻي ميدان ۾ نڪري پوڻ لاءِ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تيار نہ آهيو تہ پوءِ جيڪو وقت قرآن سان گذاريو پيا، ان جو ڪو بهتر نتيجو سامهون ڪونہ ايندو.

شروع ۾ ئي اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ قرآن صرف انهن ماڻهن لاءِ هدايت آهي جيڪي ماڻهو آدم جي تخليقي مقصد ”آدميت“ سان جيئڻ گهرن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو خدائي قانونن جي خلاف زندگي گذارڻ جي هاڃيڪارين ۽ ان جي مڪافات عمل واري ڏمر کان بچڻ خاطر عمل لاءِ تيار آهن ۽ اهي ئي متقي آهن (البقره 1-5) قرآن علم ۽ عمل ۽ ايمان ۽ صالح عملن جي وچ ۾ ڪابہ ڏُوري ۽ فاصلو تسليم نٿو ڪري.

## قرآني مشن جي تڪميل

قرآن مطابق زندگي گذارڻ واري مقصد جو هڪ ضروري ۽ اهم حصو هيءُ آهي تہ آسپاس جي ماڻهن تائين اُن جو پيغام پهچايو. الله جي رسول ﷺ تي جيئن ئي پهرين وحي نازل ٿي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ان کي ٻين ماڻهن تائين پهچائڻ جي ذميداري محسوس ڪري ورتي. ٻي وحي ”قُمْ فَاَنْذِرْ“ جو حڪم ڪنيو آئي. ٻيو تہ ڪيترن ئي هنڌن تي رسول ﷺ جن تي اهو واضح ڪيو ويو تہ قرآن کي پهچائڻ، ان کي ٻڌائڻ ۽ ان جي تشريح ڪرڻ توهان جو اولين فرض ۽ توهان جي زندگيءَ جو مشن آهي.

(الانعام: 19، الفرقان: 1، الانعام: 105، المائده 67، الاعراف: 157)

پاڻ سڳورن ﷺ جي پيروڪار ۽ الله جي ڪتاب جي حامل هئڻ جي حيثيت سان ساڳيو ئي مشن هاڻ اسانجي ذميداري آهي. اسان وٽ قرآن جي موجودگيءَ جي تقاضا آهي تہ اسين ان کي پهرين پاڻ سمجهون ۽ پوءِ ٻين تائين پهچايون. خيرامت جي طور تي اسان کي سچي انسانيت جي لاءِ دعوت جو منصب عطا ٿيو آهي. ان منصب جي تقاضا آهي تہ اسان سچي انسانيت جي لاءِ مثال بڻجون. شهداءَ علي الناس جو بہ اهو ئي مطلب آهي. انهيءَ منصب جي ادائگي بہ رڳو هُدًي الناس، يعني قرآن حڪيم جي ذريعي ئي سرانجام ٿيڻي آهي. انڪري اهو اسان کي سچي انسانيت تي پڌرو ڪرڻ گهرجي. ٻڌائڻ گهرجي ۽ لڪائي رکڻ نہ کپي.

”اهل ڪتاب کي اهو وعدو بہ ياد ڏياريو جيڪو الله کانئن ورتو هو تہ توهانکي ڪتاب جي تعليمات ماڻهن تائين پهچائڻي پوندي. اها ڳجهي نہ رکندؤ. پر هُنن ڪتاب کي پٺڀي ڏنو ۽ معمولي قيمت تي ان کي وڪڻي ڇڏيو آهي، ڪيڏو ڪڌو ڪاروبار آهي جيڪو ڪري رهيا آهن.“ (آل عمران: 187)



جيڪڏهن توهان جي دل ۽ هٿن ۾ ڪا ڏياٽي آهي تہ ان جي روشني ڦهلجڻ گهرجي. جيڪڏهن توهانجي اندر ۾ ڪو پنيٽ پڙڪي رهيو آهي تہ ان جو سوجهرو ٻاهر نڪري ٻين تائين پهچڻ گهرجي... جيڪي ماڻهو عارضي دنياوي مقصدن ۽ فوري فائدن کي ترجيح ڏيندي ائين نٿا ڪن، اهي حقيقت ۾ پنهنجو پيٽ باهہ سان ڀري رهيا آهن.

”سچ اهو آهي تہ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نازل ڪيل حڪمن کي معمولي فائدن تي قربان ڪن ٿا، اهي هڪ وڏي تباهيءَ جو پاڻ پنهنجي هٿن سان انتظام ڪري رهيا آهن. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ساڻن ڪونہ ڳالهائيندو، نہ وري ڪين پاڪ ڪندو. اهي الله جي لعنت جا حقدار هوندا. (البقره - 174)

” جيڪي ماڻهو اسانجي نازل ڪيل تعليمات کي لڪائين ٿا، ان جي باوجود تہ اسان سڀني انسانن جي رهنمائيءَ جي لاءِ اهي پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪري چڪا آهيون، پڪ ڄاڻو تہ الله پڻ مٿن لعنت وجهي ٿو ۽ سمورا لعنت وجهڻ وارا بہ مٿن لعنت وجهن ٿا.“ (البقره: 159)

”البتہ جيڪي اها روش ڇڏي ڏين ۽ پنهنجي طرز عمل ۾ سڌارو آڻين ۽ جيڪو ڪجهہ لڪائيندا هئا، ان کي پڌري پٽ بيان ڪن تہ ڪين معاف ڪري ڇڏيندس.“ (البقره - 160)

” پر جيڪڏهن اهي اُن ئي حالت ۾ مري ويا تہ مٿن سڀ جو سڀ لعنت وجهندا. جن ماڻهن ڪفر جو رويو اختيار ڪيو ۽ ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويا تہ انهن تي الله، فرشتن ۽ سمورن انسانن جي لعنت هجي.“ (البقره: 161)

”باقي رهيا اهي ماڻهو جيڪي الله جي عهد ۽ پنهنجن قسمن کي معمولي قيمت تي وڪڻيو ڇڏين تہ انهن جو آخرت ۾ ڪوبہ حصو ڪونهي. الله قيامت جي ڏينهن ساڻن ڪونہ ڳالهائيندو، نہ انهن ڏانهن ڏسندو، نہ ڪين پاڪ ڪندو.“

(آل عمران: 77)

هاڻي پنهنجو پاڻ کي ڏسو، اڄوڪن مسلمانن کي ڏسو! هِن حقيقت جي باوجود تہ ڏينهن رات لکين ماڻهو قرآن جي تلاوت ڪن ٿا پر ان سان ڪوبہ فرق

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪوئہ ٿو پوي. ماڻهن جا حال اهي ئي ساڳيا! صورتحال ۾ ڪو فرق چو نٿو اچي؟ ان ڪري جو، يا تہ اسين اِن ڪي پڙهون ٿا پر سمجهون نٿا. جيڪڏهن سمجهون بہ ٿا تہ اِن ڪي تسليم نٿا ڪريون. جيڪڏهن زبان سان مڃون ٿا تہ پوءِ ان تي عمل نٿا ڪريون يا جيڪڏهن عمل ڪريون ٿا تہ صرف اُن جي ڪجھ حصي تي عمل ڪريون ٿا ۽ ٻئي حصي ڪي وري رد ڪريون ٿا. يا جڏهن اسين ان ڪي پڙهڻ يا ان جي ڪنهن حصي تي عمل ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهيون تہ ساڳئي وقت اسين ان ڪي لڪائڻ ۽ اُن جي روشني ٻي دنيا تائين نہ پهچائڻ جو بدترين ڏوھ ڪري رهيا هوندا آهيون:

"منجهانئن ڪي اڻ پڙهيل آهن جيڪي الله جي ڪتاب ڪي صرف پنهنجين خواهشن جو مجموعو سمجهن ٿا ۽ فقط پنهنجي وهم و گمان تي هلندا پيا وڃن. پوءِ هلاڪت ۽ تباهي آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي (قرآن ڪان ٻاهر) هٿ نوڪي شريعت ٺاهين ٿا. پوءِ ماڻهن ڪي چون ٿا تہ اها الله وٽان آئي آهي تہ جيئن ان جي ذريعي معمولي قيمت حاصل ڪري سگهن. (البقره: 78: 79)

"پوءِ ڇا اوهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان آڻيو ٿا ۽ ٻئي حصي ڪان انڪار ڪريو ٿا؟ پوءِ اوهان مان جيڪي ماڻهو ائين ڪن انهن جي سزا اِن ڪانسواءِ ڇا آهي تہ دنيا جي زندگيءَ ۾ ذليل ۽ خوار ٿيندا رهن ۽ آخرت ۾ پڻ شديد عذاب ڏانهن سڏيا وڃن." (البقره: 85)

اسانجي ذهنن ۾ تر جيترو بہ شڪ نہ هئڻ گهرجي تہ جيستائين اسين قرآن جا گواھ هئڻ جي سڀ ڪان اهم ذميداري ادا نٿا ڪريون جيڪا اُن جو حامل هجڻ ۽ ان ڪي پڙهڻ جي ڪري اسان تي عائد ٿئي ٿي، تيستائين اسين قرآن جو حق هرگز ادا نٿا ڪري سگهون. اسان جو ماڻهپو، اسان جي انساني عظمت، اسان جو خيرامت هجڻ، اسان سان استخلاف في الارض جو واعدو، اهي سڀ قرآن ۾ ٻڌايل اصولن جي نتيجي ۾ ملنٿا آهن جيڪڏهن اسان اهي اتان حاصل نٿا ڪري سگهون تہ پوءِ اسان ڪي تباهي، زوال ۽ خواريءَ ڪان ڪير بہ بچائي نٿو سگهي. اسان جي روزاني زندگين ۾ هي طرح طرح جون بي عزتيون، ذلتون، ڌڪا ٿاپا ۽ جيڪا امن سلامتي ۽ خوشحاليءَ جي اڻهوند اسانجي حصي ۾ آئي آهي اها صرف قرآن ۽ ان جي سونهيل مشن ڏانهن اسانجي روين جي ڪري آئي آهي.

الله تعاليٰ قرآن سان ڪن قوتن ڪي زوال تہ ڪن ڪي وري عروج عطا



ڪندو آهي. "ڪاش اهي تورات، انجيل ۽ ٻين ڪتابن تي (سچائيءَ سان) قائم هجن ها جيڪي سندن رب جي طرفان انهن ڏانهن اُماڻيا ويا هئا تہ ضرور انهن لاءِ مٿان رزق وسي ها ۽ هيٺان (زمين مان) نعمتون ملن ها." (المائده: 66)

اسين قرآن جي باري ۾ ڪيترو بہ اعليٰ علمي معيار حاصل ڪري وٺون، ان جي مڪمل ۽ حقيقي معنيٰ سمجهڻ ۽ دريافت ڪرڻ ۾ اوستائين ڪامياب نٿا ٿي سگهون جيستائين اسين قرآن جي عملي اطاعت نٿا ڪريون.

رسول الله ﷺ جن پنهنجي صحابہ ڪرام ڪي فرمايو: "توهان ۾ اهڙا ماڻهو بہ هوندا جڏهن توهان پنهنجين نمازن جي سندن نمازن سان، پنهنجن روزن جي سندن روزن سان، پنهنجن نيڪ عملن جي سندن نيڪ عملن سان ڀيٽ ڪندؤ تہ اوهان ڪي پنهنجا اعمال صفا اُڇاترا محسوس ٿيندا. اهي قرآن پڙهندا هوندا پر اهو سندن نڙيءَ ڪان هيٺ نہ لهندو." (بخاري)

## عورتن لاءِ قرآن جي هدايت

قرآن حڪيم ڪي جهڙي طرح مثالي انسان جي گڻن وارا مسلم ۽ مومن، اطاعت گذار ۽ ذميدار، صادق ۽ صابر، سخي ۽ سڀاجها، روزيدار ۽ پاڪدامن، ذاڪر ۽ داعي مرد پسنديده آهن، بلڪل ساڳئي ريت ڪيس اهڙيون ئي مثالي عورتون پڻ پسنديده آهن. (الاحزاب 35 ۽ تحريم 5) پر اِن سان گڏ عورت ڪي الله تعاليٰ اطاعت گذاري ۽ نيڪ دليءَ جي اهڙن نرالن ۽ مورت ڀرين گُڻن سان پڻ نوازيو آهي،جنهن سان اِها انهن خدائي نعمتن جي موجودگيءَ ۾ گهر جي اداري ڪي هلائڻ جي هنر ۽ همت واري خوبيءَ سان سرشار هوندي آهي. اها، گهر جي ننڍڙي رياست هلائڻ جي اصل ذميوار هوندي آهي. ان رياست مان ايندڙ نسلن جي تعمير ۽ ترقي ٿيڻي آهي. انهن نسلن ڪي گهر جي اداري مان مليل انهيءَ تربيت جي روشنيءَ ۾ پنهنجو مقام بيهارڻو آهي. ڪاميابيون حاصل ڪرڻيون آهن ۽ وڏن وڏن اجتماعي ادارن سان گڏ پنهنجي ڪامياب شخصيت واري شراڪت رکڻي آهي. عورتن ڪي پنهنجا فرض ۽ ذميواريون نڀائڻ جو اهڙو هنر ۽ سليقو انسانيت جي آخري منشور قرآن جي اندران حاصل ڪرڻو آهي. انسان جون سموريون ذاتي حيثيتون ۽ اجتماعي ادارن جون سموريون نوعيتون ڪهڙي ريت گڏيل عملي سرگرمين ۾ مربوط رهن، اهو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



قرآن جو سڀ کان وڏو معجزو آهي. مسلمان عورتون معجزن جي انهيءَ سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻي پنهنجي لاءِ سعادتن جا موتي ميڙي سگهن ٿيون. اهڙي ريت قرآن جي انهيءَ هدايت جي روشنيءَ ۾ اهي نہ رڳو اطاعت گذاري، نيڪ بختي، پاڻ ارپڻ جي جذبي ۽ رازداريءَ جي صفتن سان پنهنجي گهر کي جنت جو نمونو بڻائي سگهن ٿيون. بلڪ مومناڻين جي خوبين سان اهي پنهنجي خاندان ۽ برادريءَ واري سسٽم کي پڻ انسانن جي لاءِ لاڀائتو بڻائي سگهن ٿيون. اهي ئي محدود دائري واريون چڱايون انساني سماج کي وڏي پئماني تي فلاحي معاشري ۾ تبديل ڪرڻ جو باعث بڻبيون آهن. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ عورتن جو تربيتي ڪردار سندن ذميدارين ۾ انتهائي اهميت حاصل ڪري وٺندو آهي، جنهن ڪانپوءِ ڪنهن عورت جي زندگي ان جي لباس ۽ زيورن جي ڏيکاءُ جو شوپيس ڪانہ ٿي رهي بلڪ اها خدا جي تخليقي نظام جو هڪ نفيس ۽ شاهڪار نمونو بڻجي زال ۽ ماءُ جي روپ ۾ توڙي استاد ۽ داعيءَ جي حيثيت ۾ معرفتِ خداونديءَ جي گواهہ ٿي پوندي آهي.



# شخصي تبديليءَ جا قرآني محرڪ

## قرآن مجيد متقين جي لاءِ هدايت آهي

قرآن حڪيم جي منڍ ۾ هن ڪتاب جو تعارف ڪرائيندي اللّٰه تعاليٰ فرمايو آهي تہ هي متقين جي لاءِ هدايت آهي: هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ. (البقره-2) هدايت جي ضرورت گمراهن ۽ گنهگارن کي وڌيڪ هوندي آهي پوءِ قرآن مجيد کي انهن جي بجاءِ سڀ کان اول متقين لاءِ هدايت ڇو قرار ڏنو ويو، جيڪي اڳ ۾ ئي پرهيزگار آهن. جڏهن اسان متقيءَ جي معنيٰ سمجهي وٺنداسين تہ اسان جي مٿان هيءَ حقيقت آشڪار ٿي ويندي تہ قرآن کي سڀ کان اول متقين جي لاءِ هدايت ڇو قرار ڏنو ويو. حڪيم الاسلام مولانا عبيداللّٰه سنڌي رحمة الله عليه ان جي وضاحت ۾ لکيو آهي تہ تقويٰ هڪ ماڻهپي جو استعداد ۽ صلاحيت آهي، جنهن سان ماڻهو پاڪيزگي، عجز، سخاوت ۽ انصاف ڪرڻ جو اهل بڻبو آهي. ان ڪري جيڪو ان استعداد وارو شخص قرآن جي دنيا ۾ داخل ٿيندو تہ اهڙن ماڻهن جي لاءِ قرآن پنهنجي هدايت جا دروازا کولي ڇڏي ٿو.

مولانا عبيداللّٰه سنڌي رحمة الله عليه تقويٰ جي معنيٰ ۾ حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي ڪتاب ”غنية الطالبين“ جو حوالو ڏيندي پيغمبر ڪريم صلي اللّٰه عليه وسلم جن جو فرمان نقل ڪيو آهي تہ تقويٰ سڄي جي سڄي هن آيت ۾ بند آهي:

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآئِ ذِی الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝٩٠

”بيشڪ، اللّٰه تعاليٰ انصاف ڪرڻ ۽ ڀلائي ڪرڻ ۽ مائٽن کي ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ بيحيائي ۽ بڇڙي ڪم ۽ سرڪشيءَ کان روڪي ٿو. اوهان کي نصيحت ڪري ٿو من اوهين ياد رکو.“ (النحل – 90)

مولانا عبيداللّٰه سنڌي رحمة الله عليه فرمائي ٿو تہ قرآن حڪيم ۾ جتي بہ تقويٰ جو

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ذڪر آهي، اتي تقويٰ جي لاءِ جن خوبين جي اپٽار آهي، اهي خوبيون قرآن حڪيم جي انهيءَ آيت جي تشريح ٿي آهن. اهوئي سبب آهي جو قرآن شريف ۾ هي واضح حڪم آيو آهي ته انصاف ڪندڙ ٿيو ته اوهان تقويٰ کي ماڻي وٺندؤ. اِعۡدِلُوۡاهُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى. (المائده 8) هن آيت ۾ تقويٰ جي اها تشريح پوري چٽائيءَ سان سمايل آهي.

هتان واضح ٿيو ته قرآن جي هدايت، عجز، سخاوت، عدل ۽ انصاف جي وات تي هلندڙ ۽ ان جي طلبگارن جي لاءِ آهي. جنهن ماڻهوءَ کي ماڻهپي جي خوبين ۽ عدل انصاف سان جيئڻ جي نيت ئي ڪونهي سو قرآن مان هدايت حاصل ڪري نه سگهندو.

## عدل ڇا آهي؟

اِنَّ اللّٰهَ يَاۡمُرُبِالۡعَدۡلِ وَالۡاِحۡسَانِ (النحل-90)

الله عدل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. عدل جي معنيٰ آهي جيڪا شيءِ پنهنجي نفس لاءِ گهرجي، ان شيءِ جو اهڙو ئي حق ٻئي کي به ڏجي. جيئن پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو ته پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ به اهو ئي پسند ڪريو جيڪو پنهنجي نفس لاءِ ڪريو ٿا.

وَالۡاِحۡسَان — الله احسان ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. احسان جا به رخ آهن. هڪ هيءَ ته انسان جنهن سان نيڪي ڪري، ان جي گهرج پٽاندڙ ان جي لهڻي جو جيترو حق بڻبو هجي سو ان کي ڏئي ڇڏي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو لهڻو ليکو به ڇڏي ڏئي ته ان کي ”احسان“ چيو ويندو. جڏهن ڪنهن جي بدحاليءَ جي صورتحال سامهون هجي ته پوءِ احسان کي ڇڏڻ عدل جي خلاف ٿي پوندو آهي. احسان جو حڪم الله تعاليٰ جو آهي. فرمانبردار ٻانهو الله جي حڪم کي اکين تي رکي الله جي لاءِ پال ۽ پلايون ڪري ”في سبيل الله“ جي سعادت ماڻي وٺندو آهي. مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته اهڙي ماڻهوءَ تي جڏهن ڪا مصيبت ڪڙڪندي آهي ته الله سندس مٿان، سندس آسپاس ۽ سندس آڏو اچي واهرو بڻبو آهي. الله پنهنجن اهڙن ٻانهن کي اڳتي آڻي سندس مدد ڪرائيندو آهي جيڪي بنا جتائڻ جي سندس پرجهلا ٿيندا آهن. ٻانهو جڏهن اهڙا قدرت جا رنگ ڏسندو ته ڪيس الله جي مهربانيءَ وارو



قانون ياد اچي ويندو. بخاري ۽ مسلم جي هن متفق عليہ حديث شريف ۾ به اهڙي ئي غيبي تائيد ڏانهن اشارو آهي ته : ”جڏهن بندو، الله جي بندن جو پرجهلو ٿيندو آهي ته الله فرمائي ٿو : مان اهڙي بندي جو هٿ ٿي پوندو آهيان، اک ٿي پوندو آهيان ۽ قدم ٿي پوندو آهيان..“

اِيۡتَآئِ ذِى الۡقُرۡبٰى ۾ محتاجيءَ جو قيد ڪونهي، بلڪ پاڻ اڳتي وڌي انهن جي بحال ڪاريءَ ۾ مددگار ٿيڻو آهي. وَالۡاَرۡحَامِ اهي ٽي حڪم يعني عدل، احسان ۽ ايتاءِ ذي القربيٰ واجب آهن ۽ تقويٰ جو روح آهن. اهڙي طرح تقويٰ جي لاءِ ٻيا ٽي ڪم هي آهن:

وَيَنۡهٰى عَنِ الۡفَحۡشَآءِ وَالۡمُنۡكَرِ وَالۡبَغۡىِ (النحل-90)

1- فحشاءِ يعني بي حيائيءَ جي ڪمن کان رڪجڻ. انسان جنهن ڪم کي ماڻهن کان لڪائي ٿو ۽ دل ۾ ان ڪم جو بڇڙو هجڻ ڪٽڪي ٿو، يعني ضمير ملامت ڪري ٿو ته اهو بي حيائيءَ جو ڪم ليکبو، جنهن کان بچڻ تقويٰ آهي.
2- منڪرات يعني جنهن ڪم کي سماج ڏوهه قرار ڏنو آهي، انهن ڪمن کان بچجي. جهڙوڪ: تڪبر، هنيلائپ، ڪنجوسائپ، لوڀ، ٻيائي، لالچ، بزدلي، بي غيرتي، بي وفائي ۽ مفاد پرستي وغيره.
3- بغي- يعني فسادي نه ٿجي سماج انصاف جي قيام لاءِ جيڪي ادارا ۽ حڪومت جوڙي ٿو ان سان بغاوت جو اهڙو طريقو اختيار نه ڪيووڃي، جنهن سان فساد ۽ انارڪزم جو انديشو هجي. ان ڪري رياست جا اهڙا قانون جيڪي فطري قانونن ۽ الله ۽ ان جي رسول سان ڪلي بغاوت نه ڪندڙ هجن، تن جو احترام به تقويٰ ۾ شمار آهي. جيڪو ماڻهو ذري ذري ۾ سماج ۽ رياست جي مڃيل قانونن کي ٽوڙي ٿو، اهو خدا جي نافرمانيءَ جو شڪار ٿئي ٿو. پر جيڪڏهن رياست ظلم ۽ ڏاڍ جو رستو اختيار ڪري ۽ جيڪڏهن اڪثريت جي مٿان افراد جي آمريت قائم ٿئي ته ان جي تبديليءَ لاءِ عوام کي آماده ڪري انقلاب جو طريقو اختيار ڪيو وڃي. اها به تقويٰ جي زندگيءَ جي لازمي گهرج آهي.

هتي تقويٰ جي تعريف ۾ ٽي شيون ڪرڻ جون ۽ ٽي شيون نه ڪرڻ جون

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



آهن، انهن ڇهن ئي شين جو تعلق انسان جي ماڻهپي سان آهي. جيترو وڌيڪ انهن جي پاسداري ڪندو اوترو وڌيڪ سندس ماڻهپو ترقي ڪندو. جيڪو ماڻهو زندگي ۾ عدل (بِالْعَدْلِ) احسان (وَالْاِحْسَانِ) ۽ اجتماعيت (اِيْتَآئِ ذِی الْقُرْبٰى) جي جذبي سان سرشار آهي (ڪرڻ جون ٽي شيون) ۽ جيڪو ماڻهو بيحيائيءَ جي ڪمن کان بچي، پنهنجي ذهن ۽ ضمير جي سندرتا کي نهوڙيندو ناهي؛ جيڪو ماڻهو منڪرات جي ذريعي پنهنجي سماجي قدرن جو لتاڙيندڙ ناهي ۽ جيڪو ماڻهو فسادي طريقي سان سماجي معاهدي جو باغي نٿو بڻجي، (نه ڪرڻ جون ٽي شيون) قرآن اهڙي ماڻهوءَ جي لاءِ سراپا هدايت آهي. اهي ئي ماڻهو متقي آهن ۽ پوءِ قرآن انهن ماڻهن جون وڌيڪ خاصيتون هي ٻڌايون آهن ته اهي ماڻهو پنهنجي وقت جي انتهائي معتبر ۽ نيڪوڪار ماڻهن تي اعتبار ڪري انهن جي ٻڌايل وحيءَ جي هدايت جي روشنيءَ ۾ اڻ ڏٺي تي ايمان آڻين ٿا. نماز قائم ڪري الله تعالىٰ جي فرمانبرداريءَ ۽ جوابدهيءَ تي قائم رهن ٿا ۽ الله تعالىٰ جي پاران جيڪو رزق ڪين عطا ٿيو آهي، تنهن مان بي حساب خرچ ڪن ٿا. اهي قرآن ۽ اڳين ڪتابن کي مڃيندي اديان جي اوريجنل توحيدي وحدتِ فڪر تي يقين رکن ٿا ۽ الله جي حضور ۾ پيش ٿي ذري ذري جو حساب ڪتاب ڏيڻ تي يقين رکن ٿا. اهي ماڻهو آهن جيڪي پاڻ کي الله جي موڪليل هدايت جو اهل ثابت ڪن ٿا ۽ ان هدايت ماڻڻ جي نتيجي ۾ ڪين ڪامرانيون ۽ فلاح حاصل ٿيل آهي.

قرآن جي هدايت مان اهي ماڻهو ميڙاچونڊي ڪري سگهندا جيڪي انسانذات جي فلاح ۽ سعادت جي لاءِ دردمندي ۽ فڪرمندي رکندا هجن. انسانذات جي ابتدا کان وٺي انهن جي فلاح جي لاءِ پيغمبرن ۽ سڌارڪن جي جهد ۽ جاکوڙ جو هڪ ڊگهو پسمنظر آهي. انهيءَ پسمنظر ۾ ان انساني قافلي جو پيروڪار بڻجڻ ۽ ان قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ جي فڪرمندي ۽ تڙپ رکندڙ ماڻهن جي لاءِ قرآن ۾ هدايت جا انبار آهن. خود پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي لاءِ به قرآن پاڻ سڳورن جي تڙپ کي هينئن بيان ڪيو آهي:

وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى (الضحیٰ-7)

"اسان توکي (حق جي تلاش ۾) سرگردان ڏٺو سين پوءِ هدايت عطا ڪئي سين."

انهيءَ تڙپ جو تعلق وري انسان جي عملي زندگيءَ سان آهي. جنهن



ماڻهوءَ سماج ۾ انسانن جي فلاح ۽ ڀلائيءَ جي لاءِ پنهنجي مٿان ڪي ڪم فرض ڪري ڇڏيا آهن. هو، انسانن جي تخليقي مقصدن جي پورائي ۾ سندن مددگار بڻجڻ جي فڪرمندي رکي ٿو. ماڻهن کي معرفت خداونديءَ سان وابسته ڪرڻ جون ڪوششون وٺي ٿو، ته پوءِ الله تعالىٰ ان جي لاءِ اڳتي وڌڻ جا رستا آسان ڪندو وڃي ٿو. جيئن فرمايو ويو آهي ته:

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا. (العنكبوت-19)

"جيڪو اسان جي ٻڌايل رستن تي جهد ۽ جاکوڙ جاري رکندو آهي ته اسان ان کي ضرور ضرور هدايت جي واٽ ڏيکاري ڇڏيندا آهيون."

## رباني انسان بڻجو

قرآن مجيد ۾ ارشاد ٿيو آهي ته "ڪنهن ماڻهوءَ جو هي ڪم نه آهي ته الله ان کي ڪتاب، حڪم ۽ پيغمبري ڏئي، پوءِ (اهو) وري ماڻهن کي چوي ته الله کي ڇڏي منهنجا ٻانها ٿيو پر (چوندو ته) رباني انسان بڻجو." (كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ- (آل عمران-79)

رباني جو مطلب آهي رب وارو، خدا پرست ربوبيت رتي يا خدا رتي زندگي گذاريندڙ. هي لفظ هڪ مومن جي شخصيت ٻڌائڻ لاءِ نهايت صحيح ۽ بامعنىٰ لفظ آهي. قرآن چوي ٿو ته پيغمبر جي دعوت هڪ ئي لفظ ۾ اها هوندي آهي ته "اي ماڻهؤ! پنهنجو پاڻ کي رباني انسان بڻايو." جڏهن ڪتاب، شريعت ۽ پيغمبر جهڙي هستي به انهيءَ ڳالهه جي مجاز نه آهي ته اها ماڻهن کي پنهنجو ٻانهو، مريد ۽ گروهي پيروڪار ڪري هلائي ته پوءِ هن دور جي پيرن ۽ مذهبي اڳواڻن کي پنهنجو گروهي پوئلڳ بنائڻ جو ڪهڙو جواز آهي. قرآن هي حقيقت چٽي ڪري ٻڌائي ڇڏي آهي ته الله وارو ٿيڻ ۽ ان جي موڪليل هدايت جو پوئلڳ ٿيڻ جي تلقين ڪرڻ وارو ئي ڪتاب، حڪم ۽ پيغمبر جي طريقي تي آهي. سيني ڪتابن جي اها ئي تعليم آهي ۽ سيني پيغمبرن انهيءَ ڳالهه جي طرف سڏيو آهي ۽ اها ئي حقيقي انساني آزادي پڻ آهي.

انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو پيغمبر جي دعوت قبول ڪندا آهن اهي صرف خدا پرست انسان بڻجي ويندا آهن. ايمان جي نتيجي ۾ منجهن جيڪا شخصيت اڀرندي آهي، اها رباني شخصيت هوندي آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



انسان جي لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ صرف ٻه رويا ممڪن آهن. هڪ پنهنجي مرضيءَ تي هلڻ وارو خود رخي رويو ۽ ٻيو الله جي ڏس تي هلڻ وارو خدا رخي رويو. خود رخي رويي جو مطلب آهي پنهنجي خواهشن ۽ مرضيءَ جي پيروي ڪرڻ، پنهنجي خواهشن ۽ مرضيءَ تي هدايت جا ذريعا ۽ رهبر بنائڻ ۽ پنهنجن ذاتي غرضن جي پورائي کي زندگيءَ جي ڪل حاصلات سمجهڻ. اهڙي سوچ جي ماڻهن وٽ زندگيءَ جو ڪوبه ڪارج ۽ نصب العين نه هوندو آهي. سڄي زندگي پيداگيري، پئسي ۽ ملڪيت پٺيان ڊوڙي مري وڃڻ سندن معمول هوندو آهي. پنهنجي پيدا ڪندڙ ۽ پالڻهار الله سان تعلق جو شعور اهڙن ماڻهن وٽ ڪا اهميت نه رکندو آهي. پوءِ جيڪي ماڻهو پنهنجي خالق ۽ پالڻهار سان تعلق جي تڙپ نٿا رکن ۽ الله کي پنهنجو دوست نٿا بڻائين، انهن جو دوست شيطان يا شيطان صفت شخص بڻجي ويندو آهي. انهن جو ذهن هميشه تخريب ڪاريءَ جي طرف هلندو آهي ۽ اهي سازشن ۽ انتقام جي طريقن تي پروسو ڪندا آهن. جڏهن به ڪو معاملو پيش ايندو اٿن ته فوراً سندن ذهن منفي تدبيرن جي طرف مڙي ويندو آهي. اهڙا ماڻهو هميشه اونداهين ۾ ڀٽڪندا رهندا آهن ۽ ڪين ڪڏهن به روشني نصيب نه ٿيندي آهي.

ان جي ابتڙ مومن اهو هوندو آهي جنهن جي زندگيءَ جو رخ پوري طرح خدا جي طرف هجي. هُن جي سوچ خدا جي رنگ سان رنگيل هجي ۽ هُن جا جذبا خدا لاءِ متحرڪ هجن ۽ ان جو سڄو پروسو خدا جي ذات تي هجي. صرف هڪ خدا جي ذات سندس سڀني سرگرمين جو مرڪز ۽ محور هجي. هُن جو ڳالهائڻ خدا جي عظمت ۽ جلال جي احساس هيٺ هجي. خدا جي پچار ۽ خدا جي طرف ماڻهن کي سڏڻ سندس زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سرمايو هجي. سندس اهڙي زندگيءَ کي قرآن حڪيم ۾ ”خدا رتي زندگي“ سڏيو ويو آهي. صِبْغَةَ اللّٰهِ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً (البقره۱۳۸) ”الله جي رنگ ۾ رنگجڻ (خدا رتي زندگي گذارڻ) ٻڌايو ته خدا رتي زندگيءَ کان وڌيڪ به ڪا ڀلي زندگي ٿي سگهي ٿي چا؟ (البقره: 138) اهڙو انسان رباني انسان بڻجي پوندو آهي ۽ هو خدا جي رفاقت ۽ قربتن کي هن دنيا ۾ ئي ماڻي وٺندو آهي ۽ آخرت ۾ به اهڙن ٻانهن جي لاءِ اڻ ڳڻيون نعمتون ۽ سک جو واعدو ڪيل آهي.



# رباني انسانن جو رويو

قرآن جي روءِ سان انسان جو ڌرتيءَ تي خلافتي ڪردار الله تعاليٰ جي منشا آهي ۽ انسان جي لاءِ رب جي منشا تي عمل ڪرڻ ئي اصل آزمائش آهي. ان حيثيت ۾ انسان جي مٿان ٻه ذميواريون ٻيهن ٿيون. پهرين ذميواري الله تعاليٰ سان انسان جو عبديت، تقديس ۽ شڪر جو تعلق آهي. وَّ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ (الذاريات-٥٥) الله تعاليٰ جو اهو تعلق اصل تخليقي مقصد آهي ۽ ٻين ذميواري انهيءَ تعلق کي سگهارو ڪندڙ ذريعو ۽ منصب آهي. اها آهي ڌرتيءَ جي مٿان خلافت، جي ذميواري، جيڪا الله تعاليٰ جي صفتن اپنائڻ ۽ الله تعاليٰ جي ٻڌايل حڪمن مطابق انسانن سان عدل ۽ احسان سان ڀلايون ڪرڻ آهي.

ماڻهو الله کي پنهنجو خالق ۽ مالڪ سمجهي، الله جي عظمت ڪبريائي ۽ جوابدهيءَ جي احساس سان جيئندو رهي ۽ الله جي ٻڌايل ضابطن جي مطابق زندگي گذاريندو رهي، ته الله سان پنهنجي تعلق جي امتحان ۾ پاس ٿي ويندو. اها تقويٰ جي زندگي آهي ۽ قرآن اهڙي زندگي گذارڻ وارن متقين جي لاءِ هدايت آهي. انسان پوري سچائي سان الله جي فرمانبرداريءَ جي واٽ تي هلڻ شروع ڪندو ته الله تعاليٰ ان جي لاءِ رستا آسان ڪندو ويندو.

الله وڏو آهي، انسان ننڍو آهي. الله قادر آهي، انسان عاجز آهي. الله عطا ڪرڻ وارو آهي، انسان وٺڻ وارو آهي. انهن حقيقتن جو شعور ماڻهوءَ ۾ اعتراف، نوڙت ۽ جوابدهي جو احساس پيدا ڪندو آهي ۽ منجهانئس سرڪشي ۽ آڪڙ ختم ٿي ويندي آهي. هو الله جي محبت ۽ خوف جي جذبن هيٺ دنيا ۾ زندگي گذارڻ لڳندو آهي. اهڙي قسم جو انسان ڌرتيءَ تي ناانصافين، ڏاڍ، استحصال ۽ انسان مٿان انسانن جي غلاميءَ جو منڪر هوندو آهي. هن جو خلافتي ڪردار ڪيس ڌرتيءَ کي الله جي منشا مطابق سلامتي، فلاح ۽ سڀني جي ڀلي وارو مثالي ماڳ بنائڻ لاءِ اتساهيندو ۽ جهد تي آماده ڪندو رهندو آهي.

ساڳي طرح اهڙو انسان جڏهن ٻين انسانن جي وچ ۾ ايندو آهي ته انهن سان معاملا ڪندي سندس پوري روش سهڻن اخلاقن واري هوندي آهي. هن جو ڳالهائڻ عجز ڀريو هوندو آهي. هن جو عمل انصاف وارو هوندو آهي. هُن جي هر چرپر هڪ ذميوار ۽ جوابده انسان واري هوندي آهي. اهڙو ماڻهو هر

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



قسم جي منفي ۽ سطحي جذبن کان مٿاهون ٿي ويندو آهي. وڏي سوچ سوچڻ سندس مرڪ بڻجي ويندو آهي ۽ سندس سيني ۾ ٻين ماڻهن جي لاءِ خير خواهيءَ کانسواءِ ڪجھ بہ نہ هوندو آهي. خدا خوفي سندس دل ۾ سمايل هوندي آهي ۽ اها شيءِ کيس هن ڳالھ کان روڪي رکندي آهي تہ هو ڪنهن کي ستائي يا ڪنهن سان ناانصافي ڪري. هو هرهڪ کي پنهنجو حق ڏيندو آهي ۽ هن ڳالھ جو سخت احتياط رکندو آهي تہ سندس ذات کان ڪنهن کي تڪليف پهچي. هو ڪنهن کي مصيبت ۾ ڏسندو آهي تہ ان جي مدد لاءِ بي چين ٿي پوندو آهي.

خود غرضي ۽ مفاد پرستيءَ کان ڪوهين ڏور هوندو آهي. جيڪي شيون ۽ ڪم پنهنجي لاءِ بهتر نہ سمجهندو آهي، هو پنهنجي چوڌاري ماڻهن کي بہ انهن کان بچائڻ جا جتن ڪندو آهي. پنهنجي چوڌاري انسانن جي بهتري، ڀلائي ۽ چوڻڪاري جو هر وقت اونو رکندڙ هوندو آهي. هو سمجهندو آهي تہ سندس شخصيت جي ارتقا ۽ سندس رب جي قربتن حاصل ڪرڻ جي اها ئي واٽ آهي، جنهن تي دنيا جا سڀ ڀلوڙ ۽ سچار انسان قائم رهيا آهن. کيس جيڪو ڪجھ بہ قدرت کان عطا ٿيل هوندو آهي، هو ان کي پاڻ وٽ امانت سمجهندو آهي. پنهنجي سمجھ ۽ علم، پنهنجو مرتبو ۽ حيثيت ۽ پنهنجو مال ۽ مڏي، انهن سڀني جو فائدو خلق خدا کي رسائڻ لاءِ هميشه ديوانگيءَ جي حد تائين سرگرم رهندو آهي ۽ اهڙين سرگرمين کي هو پنهنجي روح ۽ قلب جو قرار پائيندو آهي ۽ سمجهندو آهي تہ اهي ئي ڪم سندس تخليقي مقصدن کي سجايو ڪرڻ جي لاءِ بنياد جي حيثيت رکن ٿا.پاڻ کي ميسر شين جو مالڪ نہ، پر امين سمجهندو آهي. ۽ هر وقت اونَ هوندي اٿس تہ اها امانت اهري طرح خرچ ٿئي جو ان عمل سان سندس شخصيت جي ترقي ٿئي ۽ مراتب بلند ٿين تہ جيئن هو الله جي محبوبيت جو حقدار بڻجي.

مطلب تہ هو هڪ اهڙي انسان جي زندگي گذاريندو آهي جيڪو ڏسي رهيو هجي تہ مٿانئس سندس الله بيٺو نگراني ڪري رهيو آهي. اهو الله جيئن هت نگران ۽ نگهبان آهي تيئن مرڻ کانپوءِ بہ سندس هر قول ۽ فعل جو ذري ذري جو حساب وٺڻ وارو آهي.



## الله جي صفتن کي اپنايو

”الله جي صفتن کي اپنايو،“ هيءُ اسانجو مڪمل قرآني تعليمي فلسفو آهي. قرآن خدا پرستيءَ جو بنياد ئي انهيءَ جذبي تي رکيو آهي تہ انسان خدا جي صفتن جو عڪس پاڻ ۾ پيدا ڪري. قرآن انسان جي وجود کي هڪ اهڙي سرحد قرار ڏئي ٿو جتي حيوانيت جو درجو ختم ٿئي ٿو ۽ هڪ اعليٰ حيوانيت جو درجو شروع ٿئي ٿو. اهو چوي ٿو تہ انسان جي انسانيت جو جوهر جيڪو ان کي حيواني سطح کان بلند ۽ ممتاز ڪري ٿو، سو الله جي صفتن جو عڪس آهي. ان ڪري انسانيت جي تڪميل ان ۾ آهي تہ انسان ۾ وڌ ۾ وڌ الله جون صفتون منعڪس ٿين. اهو ئي سبب آهي جو قرآن جتي بہ انسان جي خاص صفتن جو بيان ڪيو آهي، اتي سڌي طرح انهن کي خدا ڏانهن نسبت ڏني آهي، ايستائين جو انسانيت جي جوهر کي خدا جو ڦوڪيل روح چيو ويو آهي:

ثُمَّ سَوَّاهُ وَنَفَخَ فِيهِ مِنْ رُوحِهِ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ (السجده-9)

”الله آدم کي سنواري منجهس پنهنجي روح مان ڪجھ ڦوڪيو ۽ اوهان لاءِ ڪن، اکيون ۽ دليون بڻايائين. (نتيجو هيءُ نڪتو تہ ان ۾ عقل ۽ حواسن جون وڏيون روشنيون ٿي ويون.)“

اشرف المخلوقات خدا جو خليفو بڻايل انسان پنهنجي خلقڻهار کي ڪيئن مڃي؟ ۽ پنهنجي پالڻهار جي رضا ڪيئن ماڻي؟ ان لاءِ قرآن سڄي دنيا جي انسانن کان مطالبو ڪري ٿو تہ اهي انهيءَ الله تي ايمان آڻين جنهن جو تصور خود قرآن پيش ڪيو آهي. هر شخص هر قبيلو ۽ هر قوم ڪنهن نہ ڪنهن رنگ ۾ خدا جي قائل آهي ليڪن قرآن چوي ٿو تہ اوهان جو ائين ئي خدا کي مڃڻ، حقيقت ۾ خدا کي مڃڻ ناهي. اهو تہ ان خدا کي مڃڻ آهي جيڪو توهان جي دماغن ۾ پنهنجو تراشيل خدا آهي يا توهان جهڙن ٻين ماڻهن جو گهڙيل خدا آهي. جيڪو شخص خدا جو تہ قائل هجي پر ان جي صفتن جو صحيح تصور ان جي سامهون نہ هجي تہ ان جو ائين ئي خدا کي مڃڻ، حقيقي خدا جي انڪار جيان هوندو. خدا تي ايمان ان شخص جو مڃيو ويندو، جيڪو ان خدا جو قائل هجي جنهن جون صفتون قرآن ڪريم بيان ڪيون آهن. الله تعاليٰ کي انهن صفتن جو حقيقي تناسب سان پنهنجو عقيدو بنائڻ توحيد جي عقيدي يا الله کي مڃڻ جي لازمي تقاضا آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



الله جي صفتن جو تصور جيڪو قرآن قائم ڪيو آهي انهن جي پهرين پڌرائي، سورت فاتحه آهي. اها پهرين پڌرائي ربوبيت، رحمت ۽ عدالت جي تصوير آهي.

ربوبيت جي صفت سان الله تعاليٰ سڀني جهانن جو رب آهي. عربي لغت موجب رب اهڙي ذات کي چوندا آهن جيڪا ڪنهن شيءِ کي هڪ ٻئي پٺيان ان جي مختلف حالتن ۽ ضرورتن جي مطابق اهڙي طرح اؤسر ڏيندي رهي جو اها پنهنجي ڪمال واري حد کي پهچي. ٻين لفظن ۾ ربوبيت جي لاءِ ضروري آهي ته وجودن جي لاءِ انهن جي نوعيت پٽاندر پالنا ۽ سارسنڀال هڪ هلندڙ ۽ لڳاتار نظام تحت ٿيندي هجي.

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جي هن صفت جو وڏ ۾ وڏ بيان ٿيو آهي. قرآن مجيد جو پهريون پيغام به هن صفت سان آيل آهي، اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ۔ قرآن جي ابتدا به هن صفت سان آهي: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ۔ ۽ قرآن جي انتها به هن صفت سان آهي قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ. انهيءَ ڪري ربوبيت يا پالڻهاريءَ جي صفت جو انسان جي مٿان عڪس يا ان جو پرتوو به اوترو ئي اهم آهي. اهو عڪس انسان جي پنهنجي انفرادي زندگيءَ ۾ به هوندو ۽ انسان جي اجتماعي زندگيءَ ۾ به. انسان جي مٿان پالڻهاريءَ جي نظام ۾ شرڪت صرف ايتري ناهي جو پنهنجي دائري ۾ ايندڙ ذميدارين جي کجھ خرچن جو بار پنهنجي مٿان کڻي ڇڏي. بلڪ انهن ذميدارين جي هڪ ٻئي پٺيان ان جي مختلف حالتن ۽ ضرورتن جي مطابق ممڪن حد تائين اؤسر ڏيڻ جي ذميداري نڀائڻ، ان ۾ مددگار بنجڻ، ان جي لاءِ پاڻ پتوڙڻ سڀ شامل آهن. اهڙي طرح جيئن انسان کي ڌرتيءَ تي پنهنجي دائري ۾ پنهنجي اولاد، عزيزن پنهنجي چوڌاري ماڻهن جي لاءِ پرورش جي ڪوشش ۾ شريڪ ٿيڻو آهي، تيئن اجتماعي طور تي اهڙو نظام قائم ڪرڻ جو ڪوشش ۾ شرڪت ۽ جاکوڙ ڪرڻ ۽ حاصل وسيلن کي انهن مقصدن جي لاءِ وقف رکڻ صفت ربوبيت کي اخلاق بنائڻ جي لازمي تقاضا آهي. وري جڏهن اهڙو نظام قائم ٿي وڃي ته سڀني انسانن جي رزق جي وسيلن جي ذميواري ايمان وارن جي مٿان هوندي.

ڪائنات ۾ موجودات جي هر گوشي ۾ الله جي ربوبيت کان به وڌيڪ هڪ ڪشادي حقيقت ڪارفرما آهي، جنهن تي خود ربوبيت جو انحصار آهي. قرآن ان



کي رحمت، رحمانيت يا رحيميت جو نالو ڏئي ٿو. اها رحمت ئي آهي جيڪا هر مخلوق کي جمال ۽ تڪميل عطا ڪري ٿي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي ته:

وَرَحۡمَتِىۡ وَسِعَتۡ كُلَّ شَىۡءٍ (الاعراف -156)

”منهنجي رحمت دنيا جي هر شيءِ تي ڦهليل آهي.“

رحمان ۽ رحيم جو مادو به رحمت آهي. عربيءَ ۾ رحمت جي معنيٰ آهي، ”اهڙي رقت ۽ ٻاجھ جنهن سان ڪنهن ٻئي لاءِ شفقت جو اظهار هجي.“ انهيءَ ڪري رحمت ۾ محبت، شفقت، فضل ۽ احسان سڀني جو مفهوم داخل آهي. الله جي رحمت جي صفت جي حوالي سان ٻانهو ٻاجھ، محبت، شفقت، احسان ۽ مهربانيءَ جو مجسم بڻجي الله جي مخلوق لاءِ نفع بخشيءَ جو ذميدار بنجڻو آهي.

الله جي عدل جي صفت جي تقاضا آهي ته ٻانهو جيڪو به عمل ڪري ٿو، جزا ۽ سزا ان جي مطابق ڪيس ڏني ويندي ۽ الله جي ذات توري تڪي حساب ڪرڻ واري ڏينهن جي مالڪ آهي. ان ڪري ڪوبه ماڻهو ان جي عدل وارن قانونن مان گذرڻ کان بچي نٿو سگهي.

انهيءَ ڪري انسان کي جيڪڏهن ٻنهي جهانن ۾ پنهنجي لاءِ آسانيون گهرجن ته پوءِ الله تعاليٰ جي هن صفت جي حوالي سان پنهنجي امتحان گاهه ڌرتيءَ تي پنهنجي عمل ۽ روين ۾ عدالت جو پيڪر بنجي. هُن سان وابسته جيترا ماڻهو آهن، انهن سان عدالت جو وهنوار هلي. سندس سماج کي عدالت جي ضرورت آهي ته ان جي لاءِ هو وابستگي ۽ جاکوڙ ڏيکاري ۽ دنيا جا ٻيا ماڻهو عدالت جا طلبگار آهن ته هي انهن جي لاءِ به پنهنجي جذبي ۽ عمل کي وقف رکي. الله سميع ۽ بصير يعني ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي ته انسان به پنهنجي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کي الله تعاليٰ جي اطاعت ۾ رکي ۽ پنهنجي دائري ۾ ضرورت طلبي ۽ داد رسيءَ جي آواز کي جيءُ چوي. الله جي ذات ناصر آهي ته انسان مدد ۽ نصرت جي جيتري به وسعت رکندو هجي ان لاءِ پاڻ ارپيندو رهي. الله جي ذات المهيمن آهي ته ٻانهو به انساني نگهبانيءَ جون سڀ صلاحيتون الله جي، پاڻ جهڙن ٻين ٻانهن جي حقن جي تحفظ لاءِ وقف رکندو اچي. اهڙي طرح سڀني صفتن جي صورتحال آهي، جن جو پرتوو بنجڻ انسان جي لاءِ بندگي ۽ ٻانهپ جي لازمي تقاضا آهي. قرآن کي انسان جي اهڙي بندگي ۽ ٻانهپ گهربل آهي ۽ اهڙي ٻانهپ سان ئي انسان جي ڌرتيءَ جي مٿان ”خليفي“ واري ڪردار جي ادائيگي منحصر آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



انسان صرف جسم جو نالو ناهي، بلڪ ان جسم کان علاوه هڪ ٻي شيءِ بہ آهي جنهن کي ان جي ”ذات“ چئجي ٿو. انساني ذات يا شخصيت الله تعاليٰ جي پاران سونپيل آهي ۽ پنهنجي جاءِ تي مستقل حيثيت رکي ٿي. انسان کي اها متعين صورت ۾ نٿي ملي بلڪ ان جي تعمير ۽ ان جو نکري نروار ٿيڻ ئي انساني زندگيءَ جو اصل مقصد آهي. ان کي انساني ذات جي اؤسر چئجي ٿو. انساني ذات جي هيءَ اؤسر الله تعاليٰ جي صفتن اپنائڻ سان ٿئي ٿي. جيترو هي صفتون انسان اپنائيندو ويندو اوترو ئي سندس ذات ۽ شخصيت ڪمال جي طرف وڌندي رهندي ۽ ٻانهو قرب الاهيءَ جي نعمتن سان همڪنار ٿيندو ويندو. انهيءَ سان انسان جي پنهنجي انفرادي زندگي ۾ جيئن ڪيس شخصيت جي ڪاملتا حاصل ٿيندي، تيئن سندس اجتماعي زندگيءَ ۾ بہ حُسن، ترقي ۽ آجپو حاصل ٿيندو. انهيءَ سان ئي اهي اصول تشڪيل ۾ ايندا جن سان هڪ جنت نظير فلاحي معاشري جي حاصلات يقيني بڻجي پوندي.

الله تعاليٰ جي صفتن ۾ ڪابہ اهڙي صفت ناهي جنهن کي ڇڏڻو پوي ۽ نہ وري ڪا اهڙي صفت آهي جنهن ۾ غلو ۽ شدت اختيار ڪرڻي پوي. ان جون سڀ صفتون پنهنجي پنهنجي موقعي تي بهتر نتيجا سمايل هونديون آهن. انهيءَ ڪري ئي انهن کي ”اسماءُ الحسنيٰ“ جي نالي سان پڪاريو ويو آهي. اهي صفتون اهڙي سهڻي توازن سان دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ مذهب ۾ ڳوليون ڪونہ ملنديون، اهي صرف قرآن حڪيم جي اندر موجود آهن.

## انسانيت جا بنيادي اخلاق

انسان جي پنهنجي نفس سان هميشه ڪشمڪش جاري رهي آهي. ڪڏهن هو پنهنجي نفس تي غالب ٿي ويندو آهي، ڪڏهن نفس مٿس غالب ٿي ويندو آهي. ڪيترين صورتن ۾ تہ اها ڇڪتاڻ سڄي زندگي جاري رهندي آهي ۽ انهيءَ حالت ۾ انسان دنيا مان رخصت ٿي ويندو آهي. انساني نفس کي فطري طور تي نيڪي ۽ بديءَ جا معيار سمجهايل يا الهام ڪيل آهن. جيئن فرمايو ويو آهي:

وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰهَا۔ فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰهَا۔ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰهَا۔ وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰهَا.

(الشمس 7-10)



”۽ (قسم آهي) نفس جو جنهن نموني ان کي برابر جوڙيو اٿس، پوءِ ان کي بدڪاري ۽ نيڪوڪاريءَ جي سمجهه ڏني اٿس. بيشڪ اهو مراد کي پهچي ويو جنهن نفس کي پاڪ ڪيو. ۽ بيشڪ اهو بي مراد ٿيو جنهن ان کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو.“

قدرت جي پاران انهيءَ رهنمائي جي باوجود قرآن انساني نفس جي سڌاري لاءِ نيڪيءَ جي مظاهرن کي کولي کولي پيش ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح قرآن انسانن جي تهذيب نفس جي لاءِ جن بنيادي خوبين جي نشاندهي ڪئي آهي، حضرت امام شاهه ولي الله انهن کي چئن عنوانن هيٺ بيان ڪيو آهي. امام شاهه ولي الله فرمائي ٿو تہ سيني شريعتن جو اصل مقصود ئي اهو آهي تہ انسان ۾ اهي چار خصلتون پيدا ٿين. اهڙي طرح جيڪي شيون انهن چئن خصلتن جي خلاف ۽ انهن جو ضد آهن انهن جي نفي ڪئي وڃي. نبين سڳورن جي بعثت ۽ شريعتن جي تعليم انهيءَ لاءِ هئي تہ انهن چئن خصلتن جي تلقين ڪن ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي رغبت ڏيارين. يا وري جن رسمن ۽ عملن جي ذريعي هي خصلتون پيدا ٿي سگهن ٿيون انهن کي ماڻهن ۾ رائج ڪن. اوهان آسماني مذهبن جي بنيادي تعليم جو مطالعو ڪري انهن جي انسان لاءِ هدايتن جو وچور ڪڍندا تہ اوهان هيءَ ڳالهه چٽي طرح محسوس ڪندا تہ سيني شريعتن ۾ ماڻهن کي ترغيب ۽ هيرائڻ جو سڄو زور انهن چئن خصلتن پيدا ڪرڻ جي چوڌاري ڦري ٿو. اهڙي طرح جن شين کان ڊيڄاريو ويو آهي، اهي سڀ شيون هنن چئن خصلتن جو ضد آهن. انهن سيني شريعتن ۾ وري قرآن جو ڪمال هيءَ آهي تہ انساني تهذيب جي نهايت مٿاهين سطح تي باڪمال ۽ فعال، باڪردار ۽ مثالي ماڻهو پيدا ڪرڻ جا ڏس ڏئي ٿو تہ جيئن اهي تيزيءَ سان بدلجندڙ دنيا ۾ انساني قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ لاءِ اهليت سان تيار هجن.

قرآن مجيد ۾ جن خصلتن کي ”بر“ يعني نيڪيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، اهي سڀ عمل اهڙا آهن جيڪي اهي چار خصلتون پيدا ڪندا آهن. وري جيڪي عمل انهن چئن خصلتن تي ناڪاري اثر وجهندڙ هوندا آهن انهن ۾ پوڻ ”اثم“ يعني بدي آهي. اهي عمل جيڪي انسان کي هن زندگيءَ کانپوءِ جي زندگيءَ ۾ ڪم اچن ۽ انهن جي نہ هجڻ جي ڪري انسان خساري جو شڪار ٿيندو يعني اعليٰ اخلاق، هي ساڳيون چار خصلتون آهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ جنهن شخص هنن ڇئن خصلتن جي اصل حقيقت کي پنهنجي ذوق ۽ وجدان سان ڄاڻي ورتو ۽ انهن هن راز کي بہ ماڻي ورتو تہ هر زماني ۽ هر قوم ۾ جيڪي بہ شريعتون بڻيون، انهن شريعتن جا پيش ڪيل حڪم ۽ عمل ڪهڙي طرح انهن ڇئن خصلتن تائين پهتا ۽ ڪيئن اهي حڪم انهن خصلتن جي تڪميل لاءِ ذريعا ۽ واسطو بڻيا. مطلب تہ جنهن شخص انهيءَ راز کي معلوم ڪري ورتو، اهو صحيح معنيٰ ۾ ”فقيهہ في الدين“ ۽ ”راسخ في العلم“ آهي. اهو شخص جنهن شريعت جي ظاهري علمن ۾ انهن خصلتن جو راز ڳولي ورتو ۽ انهن جي رنگ ۾ رنگجي ويو ۽ ان پنهنجي ذات جي اصل جوهر ۾ انهن خصلتن جو اثر جذب ڪري ورتو تہ ان جو شمار ”محسنين“ ۾ ٿيندو.

## 1. طهارت

انهن ڇئن خصلتن مان پهرين خصلت پاڪيزگي يا ”طهارت“ آهي. امام شاهہ ولي الله وٽ طهارت مان مراد رڳو وضو ۽ غسل ڪونهي بلڪ طهارت مان مقصود وضو ۽ غسل جو اهو روح بہ آهي جنهن سان انسان کي روشني ۽ بصيرت حاصل ٿيندي آهي. امام شاهہ ولي الله جي مطابق هر سليم فطرت ماڻهوءَ ۾ هيءَ خصلت سمايل هوندي آهي ۽ ان ۾ فطري طور تي اهڙو ميلان هوندو آهي تہ جيئن هو غلاظتن ۽ واهيات ڳيرين کان بچيل هجي. اهڙي انسان جي چرپر ۽ اٿي ويٺي مان اندازو لڳايو ويندو آهي تہ سندس فطرت سلامت آهي ۽ بحيثيت انسان جي منجهس اهو مادو ۽ استعداد موجود آهي جيڪو انسانيت جي فطري تقاضن ۽ ماڻهپي جي طريقن کي قبول ڪري سگهي ٿو.

طهارت جو ضد پليتي آهي ۽ ان مان مراد بہ پليتيءَ جي اها معنوي صورت آهي جيڪا ماڻهپي جي دشمن آهي. انسان جي اندر جڏهن پليتيءَ جي اوندهہ گهر ڪري ويندي آهي تہ ان جي اندر ۾ شيطاني وسوسا پيدا ٿيندا آهن. اهي وسوسا ڪيس عام زندگيءَ ۾ سوچن جي انتشار ۾ وڪوڙي ڇڏيندا آهن. پوءِ هو جيئن سوچيندو رهندو آهي تيئن اهڙا ئي شيطاني خواب بہ ڏسڻ شروع ڪندو آهي ۽ سندس دل جي مٿان ڪارا تهہ چڙهڻ شروع ٿيندا آهن. تان جو ماڻهپو موڪلائيندو ويندو آهي ۽ ڪريل ۽ خسيس حرڪتن جو صادر ٿيڻ ان



لاءِ معمول جي ڳالهہ بڻجي ويندو آهي. انهيءَ ڪري پاڪيزگي حاصل ڪرڻ جي لاءِ قرآن مجيد جي جابجا ترغيب ۽ احڪامات موجود آهن جنهن کي هيٺين شعبن جي تفصيل ۾ ڄاڻي سگهجي ٿو:

1- انسان جي پنهنجي ذات يا وجود جي داخلي ۽ خارجي طهارت يا پاڪيزگي.
2- معاشرتي زندگيءَ ۾ نڪاح ۽ شاديءَ جي ذريعي پنهنجي شخصيت جي پاڪيزگي.
3- عام وهنوار ۽ ڪاروباري زندگيءَ ۾ ايمانداري ۽ سچائي جي ذريعي پنهنجي ماڻهپي جي ارتقا.
4- اجتماعي زندگيءَ ۾ انساني نفعي بخشيءَ جي گڏيل مقصدن جي لاءِ جهد ۽ جاکوڙ جي عملي ڪردار ذريعي شخصيت جي ارتقاء ذريعي ملاءِ اعليٰ سان اتصال.

امام شاهہ ولي الله جي مطابق ملاءِ اعليٰ روحن جي پارليامينٽ آهي جنهن کي ڪل ڪائنات جي دماغ جي حيثيت حاصل آهي. ملاءِ اعليٰ وارن جي خاصيت هيءَ آهي تہ اهي حيوانيت جي سفلي گندگين کان پاڪ زندگيءَ جو لطف ماڻي خدا جي قربتن جا حقدار بڻجي چڪا آهن، انڪري جن ماڻهن جو ملاءِ اعليٰ سان اتصال ٿئي ٿو تن کي پنهنجي ڪمن مان ساڳيو خدا جي قربتن وارو سرور ۽ راحت ملي ٿي. اهو اهڙو مقام آهي جيڪو انسانن کي پنهنجي نيڪوڪاري، فضيلت پڻي ۽ خدا کي پسنديده عملي زندگيءَ جي عيوض پنهنجي پالڻهار پاران عطا ٿيندو آهي، جنهن ۾ هڪ طرف اطمينان ۽ مسرت جي زندگي سندن ملڪو بڻجي ويندي آهي ۽ ٻئي طرف سماج ۾ انهن جو شخصي سياءُ مانائتو ۽ محترم ليکجڻ ۾ ايندو آهي. هيءَ ولايت ۽ رتبو مراقبن جي مشقتن ۽ بند ڪمري جي رياضتن سان حاصل نٿو ٿئي پر انهن کي ئي حاصل ٿيندو آهي جيڪي پاڻ کي پنهنجي پاڪيزه عملي زندگيءَ سان انسانذات جي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏين.

## 2. نوڙت

طهارت کانپوءِ انسانيت جي ٻي خصلت عجز ۽ نوڙت آهي. تڪبر ۽ وڏائي ان جو ضد آهي ۽ ان جو مذموم هئڻ عالم آشڪار آهي. شيطان جي سڄي بڇڙائيءَ جو

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



محور انجو تڪبر ۽ وڏائي هئي، جنهن جي بنياد تي هو هميشه جي لاءِ لعنتي بڻيو. انسانن مان جيڪڏهن ڪو انهيءَ خصلت کي اپنائيندو ته اهو به الله وٽ، ان جي ملائڪن وٽ ۽ سمورن انسانن وٽ لعنتي بڻبو.

قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي: وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ. (الحج 34) "عاجزي ڪندڙن کي بشارت ڏي." قرآن جي روءِ سان سربلندي ۽ ڪاميابي عاجزي ڪندڙن کي ئي نصيب ٿيندي آهي. چاڪاڻ ته اڳرائي، سرڪشي وڙهڻ جي عادت انسانن جي وحدت ۾ رڪاوٽ آهن ان ڪري انهيءَ خوبيءَ کانسواءِ خيرخواهي همدردي ۽ وحدت انسانيت پيدا نه ٿي سگهندي ۽ انسانيت اڪمليت ۽ ڪامليت جي طرف وڌي نه سگهندي. "جيڪا شيءِ جيتري گهرائي سان خطرناڪ آهي ان کان بچڻ جو زور به ان شدت سان ڏنل آهي." هڪ حديث قدسي ۾ آيل آهي:

العظمة ازاری والکبریاء ردائی فمن نازعنی فی واحد منهما فقد عذبته (مسلم)

"عزت ۽ جلال منهنجي گوڏ آهي ۽ وڏائي ۽ ڪبريائي منهنجي چادر آهي. جيڪو به انهن ٻنهي کي پنهنجي لاءِ اوڍيندو مان ڪيس عذاب ۾ وجهي ڇڏيندس."

عجز ۽ نوڙت، ڪي ڏيکارڻ جهڙا يا جهڪڻ ۽ خوشامد ڪرڻ جهڙا وڙ ڪونهن، پر انسان جي پاران ان جو سڀ کان حقيقي اظهار پنهنجي خلقڻهار ۽ پالڻهار جي حضور ۾ ان جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ آڏو عجز ۽ نوڙت ڪرڻ جي ڪيفيت آهي. الله تعاليٰ جي ڪائنات ۾ الله جي نرالي جوڙ ۽ ان جي ڪبريائي سليم فطرت جي ماڻهن لاءِ حيرت جو سامان هوندي آهي، اهڙي طرح زندگيءَ جي پل پل ۾ پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي عطائن ۽ مهربانين جا لکين لقاءَ ڏسي ۽ پسي حيرت زده ٿي ٻانهو پنهنجي مالڪ جي حضور ۾ هميشه عجز ۽ نياز جي ڪيفيت ۾ رهندو آهي. جڏهن وري ٻانهو انڪار ۽ ناشڪريءَ جي نتيجي ۾ الله جي جلال ۽ ڪبريائي جا اهي لقاءَ پسندو آهي جيڪي خدا جي قانونن جي گرفت ذريعي پنهنجا رنگ ڏيکاريندا آهن ته پوءِ ان جي مٿان حيرت ۽ دهشت جي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي ۽ ان وقت به ٻانهي جو عجز ۽ نياز ڪيس الله جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جو غلام بڻائي رکندو آهي.

عجز ۽ نوڙت جي انهيءَ ڪيفيت سان مومن ٻانهو جيئن پنهنجي روزمره جي زندگي ۾ پاڻ کي عجز ۽ نوڙت جو سراپا بڻائي ڇڏيندو آهي تيئن هو الله



جي مخلوق سان پنهنجي تعلقات ۾ ڪنهن به مرحلي تي عجز ۽ نوڙت کي هٿان وڃڻ نه ڏيندو آهي. هُن جي انسانن سان رويي ۾ هي يقين هميشه ڪارفرما هوندو آهي ته ماڻهو الله جا پاتي آهن (الخلق کُلُّهُم عيال الله) انهيءَ ڪري اهي احترام ۽ عزت ۽ حقن جي ادائگي لهڻن ٿا. انهيءَ ڪري آڪڙ، بخيلي ۽ حق تلفيءَ جي رويي کي هو الله جي ناراضگيءَ جو ڪارڻ سمجهندو آهي.

جڏهن انسان جو هن ڪيفيت سان رنگجڻ جي نتيجي ۾ ملاءِ اعليٰ سان سندس اتصال ٿيندو آهي ته پوءِ ان جي شخصيت جي مٿان علم ۽ معارف جي پالوٽ ٿيندي آهي، جيڪي علمن جي اصل سرچشمي تجليات الاهي جو اولڙو هونديون آهن. انهيءَ ڪري عجز ۽ نوڙت جي ضد ڪيفيت، تڪبر ۽ آڪڙ ڪندڙن وٽ، علم ۽ معارف کان محرومي انهن جي بدبختي بڻيل هوندي آهي.

## 3. سخاوت

انسانيت جو ٽيون بنيادي اخلاق سخاوت آهي. امام شاهہ ولي الله ان جي لاءِ سماحت جو لفظ استعمال ڪيو آهي جنهن جي معنيٰ ۾ ٻاجهه، سخاوت، رواداري ۽ فياضي سڀ شامل آهن. هن خصلت جو مالڪ هن دنيا ۾ پنهنجي ذات کي، پنهنجي مرتبي کي ۽ پنهنجي تصرف ۾ آيل شين جو مختار ۽ مالڪ هرگز نه سمجهندو آهي، بلڪ انهن سڀني جو پاڻ کي امين سمجهندو آهي. جيئن قرآن شريف ۾ آهي ته:

اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ۔ (التوبه 111)

"بيشڪ الله تعاليٰ مومنن سان انهن جي جانين ۽ مالن جو سودو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جي بدلي ۾ ڪين جنت عطا ڪندو."

الله سان سودو ٿي وڃڻ کانپوءِ مومنن جي جان ۽ مال انهن وٽ صرف امانت آهي جيڪا حقدارن تائين پهچڻي آهي. اها امانت انسان جي ڪاميابيءَ جي آزمائش آهي. انهيءَ ڪري سڌريل فطرت ۽ ماڻهپي واري ماڻهوءَ کي اها امانت پنهنجي حقدارن تائين پهچائڻ جي هميشه اوڻ هوندي آهي. هو پنهنجي ذات مان ٻاجهه ۽ رواداريءَ جا وڙڪري خلق کي فائدو رسائيندو آهي. هو پنهنجي مرتبي ۽ مال جي قربانيءَ سان سخا ۽ فياضيءَ جا واهڙ وهائيندو آهي. هو علم کي به پنهنجي پالڻهار جي امانت ڄاڻي ان جو فيض ان جي ٻانهن تائين

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پهچائڻ جي سخا کان پاڻ کي محروم نہ رکندو آهي. نہ صرف پاڻ پر پنهنجي گهر وارن ۽ اولاد کي بہ مال، مرتبي ۽ علم جي قربانيءَ واري انهيءَ رستي جو پانڌيئڙو بڻائيندو آهي. هيءُ ملڪو پيدا ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ ضدِ سخاوت جيڪي حيوانيت جون خاصيتون آهن، ماڻهو انهن کان بچڻ جو سعيو ڪري. بخيلي، شهواني خواهش ۽ ڪاڏي پيتي جي هٻچ کان بچي. ڪم چوري ۽ تن آسانيءَ جي خواهشن جو شڪار نہ ٿئي. انتقام جي خواهش کان مغلوب نہ ٿئي. حرص جي خواهشن کان پاڻ بچائي ۽ انهن ڪمن لاءِ شريعت جيڪي حدون مقرر ڪيون آهن انهن جو لحاظ رکي.

جنهن شخص جي زندگيءَ ۾ سخاوت جو هي اخلاق پختو بڻجي وڃي ٿو، ان جي هن دنيا جي زندگي بہ اطمينان ۽ سلامتي واري بڻجي پوي ٿي ۽ موت جي وقت بہ هو اهڙو سلڇڻو ۽ پاڪباز بڻجي الله تعاليٰ جي حضور ۾ پهچندو آهي جيئن سون بٺيءَ مان پچي ڪندن بڻجي نڪرندو آهي. امام شاهہ ولي الله مطابق انسان جو قبر جي عذاب مان بچي نڪرڻ بہ انهيءَ سخاوت جي خصلت تي آڌاريل آهي.

### 4. عدالت:

انهن چئن خصلتن مان آخري خصلت عدالت جي آهي. عدالت جا ڪيترائي شعبا آهن، جن جو انسان جي خارجي زندگيءَ سان تعلق آهي. انهن مان هڪ شعبو ادب ۽ فضيلت جو آهي. هڪ ماڻهو پنهنجي چرپر ۽ اٿ ويهہ تي لڳاتار نظر رکي ٿو ۽ ان ڏس ۾ جيڪا بهترين وضع ٿي سگهي ٿي سا اختيار ڪري ٿو ۽ ان تي هلي ٿو. ڪيس جيڪو بہ معاملو پيش اچي ٿو ان ۾ مناسب رويو اختيار ڪري ٿو. اهڙي طبعي ميلان کي جڏهن هو پنهنجي عادت بہ بڻائي ڇڏي ٿو تہ ان کي ادب چوندا آهن. اهڙي طرح انسان جي پنهنجي ڪمن جي سارسنڀال، ڏيتي ليتي ۽ خرچ ڪپاڙي ۽ اهڙي قسم جي ٻين معاملن ۾ عدالت جي ريت تي هلڻ کي ڪفايت چوندا آهن. گهر کي چڱيءَ ريت عدالت سان هلائڻ حريت آهي. رشتن کي عدالت سان نڀائڻ حسن معاشرت آهي. شهرن ۽ لشڪرن جي سهڻي انتظام ڪاري ڪرڻ سياست آهي. مطلب تہ هي سڀ خصلتون عدالت جا شعبا آهن ۽ انهن سڀني جو اصل هڪ ۽ صرف هڪ آهي تہ



انسان پنهنجي وجود ۽ شخصيت جي اظهار سان پنهنجي فطرت جي تقاضائن مطابق عدل ڀريو طريقو ۽ نظم اختيار ڪرڻ کانپوءِ ان تي دائميت بہ ڏيکاري.

جن ماڻهن ۾ عدالت جي خصلت ڀريل هجي تن کي ملاءِ اعليٰ سان گهاٽي ويجهڙائي ۽ مناسبت پيدا ٿي پوندي آهي ۽ ڪين دنيا ۾ بہ ذهني آسودگيون ۽ ڪشادگيون پيدا ٿي پونديون آهن. انهن ۾ جيترو وڌيڪ عدالت جو استعداد هوندو، اوترو وڌيڪ ڪين انساني سڌاري جي مقصدن لاءِ منتخب ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري جيڪو شخص ڏسي تہ عام زندگيءَ ۾ ذهني آسودگين کان محروم آهي يا ڪيس انساني فلاح جي ڪمن ۾ سرگرم ٿيڻ جي توفيق نٿي ٿئي تہ هو پنهنجي ان محروميءَ تي ملامت وارو ٿئي ۽ ان کان بچڻ جي لاءِ عدل جا طريقا اختيار ڪري. قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي تہ: اِعۡدِلُوۡا هُوَ اَقۡرَبُ لِلتقوىٰ "عدل وارا ٿيو جو اهو عمل تقويٰ جي نسورو ويجهو آهي." اسان جي سماج ۾ خاص طور تي اسان جا سماجي ۽ سياسي ورڪر جيڪو قوم کي دردن ۽ عذابن مان بچائڻ لاءِ ڪجهہ ارپي/ڊليور ڪري نٿا سگهن، ان جو سبب بہ اهو ئي آهي تہ انهن انسانيت جي بنيادي اخلاقن ذريعي پنهنجي اندر اهو حُسن ۽ استعداد ئي پيدا نہ ڪيو آهي جيڪو انهن کي "عظيم عملي انسان" بڻائي. ۽ اها ڳالهہ انسانن جي تهذيبي تاريخ ۾ چٽيءَ طرح نظر اچي ٿي تہ تبديلي عظيم عملي انسانن کانسواءِ ڪو بہ آڻي نہ سگهندو آهي.

جنهن ماڻهوءَ انسانيت جي چئن بنيادي اخلاقن کي پنهنجو الهہ تلهہ بڻائي ورتو اهو "بر"، "تقويٰ"، "تزڪيي" ۽ "احسان" جي رستن تي پاڻ کي گامزن محسوس ڪندو. نتيجي ۾ هن دنيا جي ڀلاين ۽ حسناڪين سان گڏ آخرت جون ڀلايون ۽ حسناڪيون بہ سندس مقدر بڻجي وينديون.

قرآن انساني عظمت جي ڪمن ۽ سعادتن جي تفصيل ۾ ڪن بہ مخصوص مذهبي رسمن يا طور طريقن اپنائڻ بجاءِ ايمان ۽ عمل جي هڪ اهڙي چرخي جي صورت بيان ڪئي آهي جنهن جا ڏندا هڪ ٻئي سان جڙيل ۽ هڪ ٻئي کي ڏڪي اڳتي وڌائيندڙ هوندا آهن. ايمان ۽ عمل جا اهي مظاهر نهايت چٽائي سان بيان ڪري قرآن مذهبن جي مخصوص رسمن ۽ طور طريقن واري تاثر کي يڪسر ختم ڪري ڇڏيو آهي:

لَيۡسَ الۡبِرَّ اَنۡ تُوَلُّوۡا وُجُوۡهَڪُمۡ قِبَلَ الۡمَشۡرِقِ وَ الۡمَغۡرِبِ وَلٰڪِنَّ الۡبِرَّ مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ الۡمَلٰٓئِڪَةِ وَ الۡڪِتٰبِ وَ النَّبِيّٖنَ ۚ وَ اٰتَى الۡمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الۡقُرۡبٰى وَ الۡيَتٰمٰى وَ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



الْمَسٰكِيْنَ وَ ابْنَ السَّبِيْلِ وَ السَّآئِلِيْنَ وَ فِى الرِّقَابِ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ وَ الْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا وَ الصّٰبِرِيْنَ فِى الْبَاْسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَحِيْنَ الْبَاْسِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ (البقره 177)

”نيڪي اها ناهي تہ اوهان پنهنجا منهن مشرق جي طرف ڪريو تا يا مغرب جي طرف. بلڪ نيڪي هي آهي تہ ماڻهو الله ڪي، آخرت ۽ ملائڪن ڪي، الله جي نازل ڪيل ڪتاب ڪي ۽ ان جي پيغمبرن ڪي دل سان مڃي ۽ الله جي محبت ۾ پنهنجو دلپسند مال رشتيدارن ۽ يتيمن تي، مسڪينن ۽ مسافرن تي، گهرجائن ڪي غلامن جي رهائيءَ تي خرچ ڪري. نماز قائم ڪري، زڪواة ڏئي ۽ نيڪ آهن اهي ماڻهو جڏهن قول ۽ اقرار ڪن تا تہ ان ڪي پورو ڪن تا ۽ تنگي توڙي مصيبت جي وقت صبر ڪندڙ ( مضبوطيءَ سان ڄمي بيهندڙ) آهن. اهي ئي سچار ۽ متقي ماڻهو آهن.“

مٿئين آيت ۾ ايمان سان گڏ عمل جي زندگيءَ لاءِ هڪ اهڙي گائيڊ لائين چٽي ڪري ٻڌائي وئي آهي، جنهن تي هلي انسان جي لاءِ سچائي ۽ تقويٰ جو حصول يقيني بڻجي پوي ٿو.

ايمان ۽ عمل جا هي مظاهرا انساني سعادتن جو معراج آهن. قرآن پنهنجي مڃيندڙن کان الله تعاليٰ جي عبديت، انجي تقديس ۽ شڪر جي تقاضا ڪري ٿو. پاڪيزگي انسان ۾ عبديت جي مقام کي سگهارو ڪري ٿي. نوڙت الله جي ڪبريائي ۽ تقديس جون حقيقتون پسائي ٿي. سخاوت الله جي شڪر جا موقعا عطا ڪري ٿي ۽ عدالت وري انسانن جي حوالي سان الله جي رضا ۽ محبوبيت ماڻڻ جو ذريعو بڻجي ٿي. جيڪڏهن انسان ۾ هي چار اخلاق موجود ناهن تہ پوءِ وٽس سڀ ڪجهہ موجود آهي پر الله تعاليٰ جي عبديت، تقديس، شڪر ۽ ان جي رضا حاصل ڪونهي.

## اجتماعي اخلاقن تي معاشيات جو اثر

دنيا جي سماجي مفڪرن جو گهڻو ڪري هي رايو آهي تہ بلند ۽ اعليٰ اخلاقي نظرين جي ذريعي ماڻهن جا انفرادي اخلاق بلند ڪري سگهجن ٿا، جنهن سان اجتماع کي فائدو رسي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اهڙا مفڪر



اجتماعيات کي اخلاقيات جي ماتحت رکڻ جي طريقن ۾ ڪوشش ڪي همٿائيندا رهيا آهن. پر ان جي ابتڙ امام شاهہ ولي الله جو نظريو هي آهي تہ بنيادي انساني اخلاقن تي تہ فرد جي سگهہ ۾ پهچ آهي، پر اجتماعي اخلاق جيڪي معاشري ۾ تهذيب ۽ ڪلچر جي اجتماعي تشڪيل ڪن ٿا، ان تي اجتماعي معاشيات جو گهرو اثر پوي ٿو. انهيءَ ڪري اجتماعي يا قومي اخلاقن جي درستيءَ لاءِ ضروري آهي تہ عدل پريو معاشي نظام قائم ڪيو وڃي. جيستائين اهڙو نظام قائم نٿو ٿئي اوهان اجتماعي قومي اخلاقن جي سڌاري جو مقصد حاصل نٿا ڪري سگهو. هڪ ماڻهوءَ کي روزگار جا موقعا ڪونهن، پاڻ بہ پيٽ بکيو گذاري ٿو ۽ ٻچن جي بکئي هجڻ تي بہ پريشان آهي. سماج ان جي درد کي ونڊڻ لاءِ تيار ڪونهي ۽ رياست ان پاسي کان بي فڪر آهي تہ پوءِ اهڙي ماڻهوءَ مان اعليٰ اخلاقي ڪردار جي توقع رکي نٿا سگهو. ۽ سماج ۾ جڏهن اهڙن ماڻهن جو تعداد وڌيل آهي تہ پوءِ اتي اوهان کي اجتماعي قومي اخلاق بہ جڙيل نہ ملندا.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ فرد جي بہ هڪ مستقل حيثيت آهي ۽ فردن جا اخلاقي سڌارا بہ سماج کي بهتر بنائڻ ۾ مددگار ٿين ٿا پر ڳالهہ هي آهي تہ وڏي اجتماعي ۽ قومي تبديليءَ ۾ رياست جو اقتصادي معاملن ڏانهن رويو هميشه بيحد اهم رهيو آهي. انساني تاريخ انهيءَ ڳالهہ جي شاهد آهي تہ جيڪڏهن رياست معاشي حالتن کي بهتر ڪري ماڻهن جي اڪثريت کي انهن جي بنيادي ضرورتن جي پورائي جو ماحول فراهم ڪيو آهي تہ پوءِ انسانن ۾ اخلاقي سڌاري جا وسيع مقصد حاصل ٿيا آهن. قرآن مجيد انهيءَ ڪري ئي واضح لفظن ۾ چيو آهي تہ:

اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِى الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَ اَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ وَ لِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ۝٤١ (الحج 41)

”انهن کي جيڪڏهن زمين ۾ طاقت ڏينداسون تہ نماز قائم ڪندا ۽ زڪوات ڏيندا ۽ چڱي ڪم جو حڪم ڪندا ۽ بڇڙي ڪم کان روڪيندا ۽ سڀني ڪمن جي پڇاڙي الله جي اختيار ۾ آهي.“

امام شاهہ ولي الله ﷫ جو چوڻ آهي تہ انسان جي عملن جا محرڪ ٻہ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



شيون هونديون آهن: هڪ ماڻهوءَ جي دل ۾ پيدا ٿيندڙ نندا نندا خيال ۽ ٻيو خراب معاشي حالتون. دلين ۾ انهن خيالن پيدا ٿيڻ جو هڪ سبب انساني جبلت آهي ۽ ٻيو سبب انسانن جون بگڙيل معاشي حالتون آهن جيڪي انسان کي گهيراءُ ۾ آڻي ڇڏين ٿيون. شاهه صاحب جن فرمائين ٿا:

انما الاخلاق بالاحوال لابالعلوم (بد ور بازغہ 41)

”اخلاق علمن جي ذريعي پيدا نٿا ٿين، پر انهن حالتن ۾ پيدا ٿيندا آهن جن ۾ انسان زندگي گهاريندو آهي“

هيءُ ممڪن آهي ته ڪي ماڻهو ايترا بلند نظر ۽ پختي اخلاق وارا هجن جو معاشي بدحاليءَ کان متاثر نه ٿين، پر ماڻهن جي اخلاق تي معاشي بدحاليءَ جو اثر ضرور پوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو قرآن به انساني سڌاري ۽ فلاح جي لاءِ رياست جي ذميدارين ۾ معاشي نظام کي بهتر رکڻ کي ضروري قرار ڏنو آهي.



# اجتماعي تبديليءَ جا قرآني محرڪ

قرآن حڪيم انسانن جي سڌاري لاءِ جتي انهن جي ذات ۽ شخصيت جي تبديليءَ جا راز ڏسيا آهن، اتي انهن جي اجتماعي تبديليءَ جي اسرارن کي به بيان ڪيو آهي. قومن ۽ وستين جي تذڪرن ۽ انهن جي هدايت ۽ گمراهي ۽ فلاح ۽ خساري جي هلت کي کولي کولي بيان ڪيو آهي. قرآن، اجتماعي تبديليءَ لاءِ قومن جي آزاديءَ کي بيحد اهم قرار ڏنو آهي. حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل جي آزاديءَ لاءِ فرعون وٽ ڪَهي ويو ۽ جڏهن هن اها آزادي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ان آزاديءَ واسطي ويڙهه جي لاءِ تيار ٿيو. قرآن توحيد جو تصور آزاديءَ جي معنيٰ ۾ واضح ڪيو آهي. توحيد جي ذريعي ئي هر قسم جي ذهني، شخصي غلامين مان نڪري، هڪ الله جي عبديت ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو. اهڙي طرح توحيد جي ذريعي گروهي ۽ قومي غلامين مان نڪري آزاد ۽ سماجوادي فلاحي معاشرو جوڙي سگهجي ٿو. پيغمبر اسلام جيڪو انقلاب آندو ان ۾ جيئن فردن کي سردارن، پيرن ۽ مستڪبرن کان نجات ڏياري سلامتي ۽ امن جو شخصي اطمينان عطا ڪيو ويو، تيئن قيصر ۽ ڪسريٰ جي عالمي طاقتن جي غلاميءَ مان قومن کي آزاد ڪري نئون بين الاقوامي خداپرست- انسان دوست نظام وجود ۾ آندو. ان نظام ۾ سڀني قومن ۽ طبقن کي تحفظ ۽ سڃاڻپ ۽ انهن جي حقن کي ۽ وسيلن کي مڪمل تحفظ حاصل هو.

قرآن، اجتماعي تبديليءَ ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ قوتن کي ٽن حصن ۾ ورهائي انهن سان مهاڏو اٽڪائي انسانن کي هر حال ۾ آزاديءَ جي نعمت سان سرفراز ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي.

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(1) اَلۡمُسۡتَكۡبِرِيۡنَ (آمر ۽ جابر: فرعون ۽ شداد انهن جا نمائندا هئا.)
(2) مُتۡرَفِيۡنَ (دولتمند - سرڪش: قارون ۽ ابولهب انهن جا نمائندا هئا.)
(3) اَلۡاَحۡبَارُ وَالرُّهۡبَانُ (مذهبي پيشوائيت: آذر مشرڪ ۽ يهودين جا عالم نمائندا هئا.)

قرآن انهن ٽنهي طبقن سان نبين جي اصولي ويڙهه ۽ جهاد جي ترجماني ڪري مڪمل تبديليءَ جي واٽ ڏيکاري آهي جنهن ڪي اڄ جي دور ۾ انقلاب جي واٽ چئجي ٿو.

برصغير جي برک عالم حڪيم الاسلام مولانا عبيدالله سنڌيءَ قرآن حڪيم جي تفسير ۾ انهن ٽنهي طبقن جي خاتمي ۽ انڪار ڪي لااله جي اصول تي چٽو ڪري ٻڌايو آهي. ساڳي وري قرآني انقلاب جي الاالله واري واٽ جي ڀرپور چٽائي ڪئي آهي، جنهن جو خلاصو هن ريت آهي:

جيڪڏهن قرآن حڪيم جي تعليم تي مجموعي حيثيت سان نظر وڌي وڃي ته اها بلڪل ساڳي طرح انقلابي تعليم ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ نبي اڪرم ﷺ جو عمل بلڪل قرآني انقلاب جو عملي تفسير معلوم ٿئي ٿو. اسان هتي لفظ "جهاد" کي ڇڏي، ڄاڻي واڻي "انقلاب" جو لفظ استعمال ڪيو آهي. اهو ان ڪري ته جهاد جي لاءِ جنهن نظام جي ضرورت آهي، ان کان اسان محروم ٿي چڪا آهيون. لفظ جهاد ميسر نه رهڻ جي حالت ۾ لفظ انقلاب کان وڌيڪ ڀيو عوام لاءِ ڪو معنيٰ خيز لفظ موجود نه آهي، جو اسان استعمال ڪري سگهون. انقلاب جي لاءِ ٽن شين: نصب العين، جماعت ۽ لائحه عمل جي ضرورت هوندي آهي. اوهان قرآني جماعت جي نصب العين کي ڏسو:

قرآن ۾ جتي ڪٿي آمنوا و عملو الصٰلحٰت. يعني ايمان ۽ عمل صالح جي دعوت ڏني وئي آهي. ايمان ڪهڙي شيءِ آهي؟ ڪنهن ڳالهه کي نصب العين بنائي ان لاءِ مڪمل اطمينان ۽ ڪليل دل سان پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري سگهجي، ته ان کي ايمان چئجي ٿو. ان ايمان جي مرڪز ۾ قرآن حڪيم کي ڏسو ته حضرت نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن پاڪ جماعت جو عمل بلڪل انقلابي نظر ايندو. جيئن قرآن حڪيم فرمائي ٿو ته: هُوَ الَّذِيۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَدِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ. (التوبه-33) "يعني الله تعاليٰ ئي پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچو دين، صحيح ۽ پائدار قانون ڏئي رڳو هن لاءِ موڪليو آهي ته هو ان کي سڀني قانونن تي غالب ڪري."



هاڻي نبي اڪرم ﷺ ۽ سندس ساٿين جي زندگيءَ تي نظر وجهو ته بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته انهن قرآن حڪيم کي پنهنجو منزل مقصود بنايو ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه ان تي قربان ڪيو.

ان کان پوءِ جماعت ڏي ڏسو:

صحابه ڪرام (رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين) جو هڪ خاص تعداد آهي، جيڪو پيغمبر عليه السلام جو شروع کان وٺي آخر تائين ساٿي ۽ سهڪاري ٿي رهيو. قرآن حڪيم ۾ انهن جو ذڪر گهڻو ڪري نبي اڪرم ﷺ سان گڏ اچي ٿو. جيئن سورت فتح ۾ آهي ته: مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ وَالَّذِيۡنَ مَعَهٗ (الفتح-29) "محمد رسول الله ۽ ان جا ساٿي،" سوره توبه ۾ آهي ته: لٰكِنِ الرَّسُوۡلُ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ (التوبه-88) "محمّد رسول الله ۽ اهي ماڻهو جيڪي ان سان گڏ شريڪ ايمان آهن." هي اهي ماڻهو آهن، جن کي هن آيت ۾ معين ڪيو ويو آهي: وَالسّٰبِقُوۡنَ الۡاَوَّلُوۡنَ مِنَ الۡمُهٰجِرِيۡنَ وَالۡاَنۡصَارِ وَالَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُمۡ بِاِحۡسَانٍ (التوبه-100) "يعني مهاجرن ۽ انصارن مان پهريون ايمان آڻڻ وارا ماڻهو ۽ اهي ماڻهو جيڪي انهن جي صحيح نموني پيروي ڪن."

هن آيت ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي جماعت جا ٻه حصا ڪيا ويا آهن:

(1) اهي ماڻهو جن مهاجرن ۽ انصارن مان پهريان ايمان آندو، انهن کي "حزب الله" قرار ڏنو ويو.
(2) اهي ماڻهو جيڪي انهن جي پوري طرح پيروي ڪن. هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي قيامت تائين رسول الله ﷺ ۽ پهرين جماعت جي پيروي ڪندا رهندا.

هاڻي پروگرام تي نظر وجهو:

نبي ڪريم ﷺ جن جي زماني ۾ مهاجرن ۽ انصارن جو پهريون ٽولو "حزب الله" جي نالي سان سڏيو ويو. ان جو پروگرام اهو ئي هو، جيڪو قرآن حڪيم ڏنو. هي جماعت پنهنجا فيصلا قرآن حڪيم ۽ نبي اڪرم ﷺ جن جي تشريحن مطابق ڪندي رهي. تنهن کان پوءِ جيڪي ٻه ماڻهو سندن مڪمل پيروي ڪندا، يعني (متبعين باحسان) ٿيا ته اهي به قرآن حڪيم ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي فرمانن مطابق فيصلا ڪندا ۽ جتي نيون حالتون پيدا ٿينديون ته هو اتفاق ۽ اڪثريت جي فيصلن کان ڪم وٺندا. اڳواڻ ان جماعت مان هوندو، جيڪو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پنهنجي ساٿين جي مشوري سان هلندو.

حضرت عثمانؓ جي شهادت تائين واري زماني ۾، جنهن کي امام الائمہ شاهہ ولي الله محدث دهلويؒ خير القرون [1] قرار ڏئي ٿو، انهيءَ طرز تي ڪم ٿيندو رهيو ۽ وارَ برابر بہ تبديلي نہ ٿي. ان کان پوءِ اختلاف ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا. ان ڪري شاهہ ولي الله وٽ صرف عثمان ذوالنورين جي شهادت تائين، وارو زمانو قابل سند آهي.

قرآن حڪيم جو گهرائي سان مطالعو ڪيو وڃي تہ سڄو قرآن ان انقلابي اصول تي ٻڌل نظر اچي ٿو ۽ جن ماڻهن کي ان سڀ کان پهريائين دنيا ۾ متعارف ڪرايو، تن ان کي انقلابي رنگ ۾ پيش ڪيو، نہ ارتقائي رنگ ۾.

## قرآن استحصالي نظام جو خاتمو گهري ٿو:

قرآن حڪيم جيڪو انقلاب آندو اهو حقيقت ۾ ڪسريٰ ايران ۾ ۽ قيصر روم جي خلاف هو. [2] ان وقت جي مهذب دنيا جو گهڻو حصو ٻنهي حڪومتن جي ماتحت اچي چڪو هو. ڪسريٰ ايران جي حڪومت اوڀر ۾ هندستان (سنڌ) تائين پهچي چڪي هئي ۽ قيصر روم جي حڪومت اولهہ ۾ مراڪش تائين پکڙيل هئي. ان ڪشادي علائقي ۾ انسانن جي تمام وڏي آبادي موجود هئي پر انهن کي انساني حقن کان محروم ڪيو ويو هو. اميرن، جاگيردارن ۽ شاهي خاندانن گڏجي هارين، مزدورن ۽ واپارين کي اهڙي طرح لٽڻ ڦرڻ شروع ڪيو، جو اهي ويچارا واهو گڏهن، ڍڳن ۽ چوپاين واري حالت تائين پهچي چڪا هئا جن کي صرف ان لاءِ زنده رکبو آهي تہ انسان جي ڪم ايندا رهن. سياسي ٽولن سان گڏ علمي ۽ مذهبي جماعتن بہ ڄڻ تہ "سازش" ڪري رکي هئي ۽ هي

[1] شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ: "قرن اول" مان مراد نبي اڪرم ﷺ جو زمانو مبارڪ آهي، جيڪو هجرت کان وفات تائين آهي ۽ "قرن ٻئي" مان مراد حضرت ابوبڪر صديقؓ ۽ حضرت عمر فاروقؓ جو زمانو آهي ۽ "قرن ٽئين" مان مراد حضرت عثمانؓ جو دؤر آهي. ان کان پوءِ اختلافن ۽ فتنن جو ظاهر ٿيڻ شروع ٿيو. ازالۃ الخلفا ص121 ۽ 14)

[2] دين جو غلبو ۽ انسانيت جا اصول ٽوڙيندڙ ڪافرن کي پنهنجي انجام تي پهچائڻ مان مراد ڪسريٰ ۽ قيصر جي حڪومت جي تباهي هئي، تہ هي ٻئي حڪومتون تباهہ ٿي وينديون تان تہ موجود جڙتو دينن مان سڀ کان وڏو دين پاڻهي تباهہ ٿي ويندو. (ازالۃ الخلفاءَ صفحو 46)



پويون ٽولو عوام کي پنهنجي حال تي مطمئن رکڻ لاءِ مذهبي تلقين ڪندو هو ۽ ان جي عيوض پگهار طور، سياسي گروپ، لٽيل ڦريل مال مان کين حصو ادا ڪندو هو. ويچارو عوام چڪيءَ جي انهن ٻن پڙن- اقتصادي سرمائيداري ۽ علمي سرمائيداري – جي وچ ۾ پيسبو رهيو. امام شاہ ولي الله انهن جي حالت جو "حجة الله البالغہ" ۾ دردناڪ نقشو چٽيو آهي جيڪو عبرت حاصل ڪندڙ اکين لاءِ ڏسڻ جهڙو آهي.

اهڙيون حالتون ان زماني ۾ مڪي ۾ رهندڙ مٿئين ڪلاس جي ماڻهن پيدا ڪيون هيون. اتي بہ رئيسن جو هڪ اهڙو طبقو سرگرم هو جن عام ماڻهن کي اقتصادي لحاظ کان ڪمزور بنايو ۽ پروهتن (مذهبي راهبن) جي ٽولي ذهني طرح انهن کي غلام بنائي رکيو هو.

دنيا جي هيءَ حالت هئي جو جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن نبوت جو اعلان فرمايو، قرآن حڪيم ان وقت جي صورتحال جو نقشو هنن لفظن ۾ چٽيو آهي:

ظَهَرَ الْفَسَادُ فِى الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ أَيْدِى النَّاسِ (الروم-41)

"انسانن جي ڪرتوتن جي ڪري خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾ فساد برپا ٿي چڪو هو."

ان متعلق امام شاہ ولي الله فرمائي ٿو:

فلما عظمت هذه المصيبة واشتد هٰذ المرض سخط عليهم الله والملئكة المقربون وكان رضاه تعالى فى معالجه هذا المرض بقطع مادته (حجة الله البالغہ جلد پهريون ص104)

"جڏهن اها مصيبت يعني اقتصادي ڦرلٽ چوٽيءَ کي پهچي وئي ۽ اهو مرض شدت اختيار ڪري ويو، تڏهن خدا تعاليٰ ۽ ان جا ملائڪ سخت ناراض ٿيا ۽ الله تعاليٰ جي حڪمت ۽ رضا اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻي جڏهن انهن ۾ پاڻمرادو اصلاح جي ڪابہ گنجائش باقي ناهي، تڏهن ان مرض کان انسانيت کي ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ ان جي پاڙ – قيصر ۽ ڪسريٰ جي حڪومت کي انسانيت جي روڳ مان ڪٽي ڦٽو ڪجي."

شاهہ صاحب وڌيڪ لکن ٿا تہ ان عظيم انقلاب کي جاري ڪرڻ لاءِ:

بعث نبيا اميا صلى الله عليه واله وسلم لم يخالط العجم والروم ولم يترسم و جعله ميزانا يعرف به الهدى الصالح المرضى عندالله من غير المرضى..... وقضى بزوال دولتهم بدولته و رياستهم برياسته بانه هلك كسرى فلا كسرى بعده وهلك قيصر فلا قيصر بعده.

"الله تعاليٰ ان پيغمبر کي موڪليو، جيڪو اُمّي هو ۽ ايراني ۽ رومي

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



رسم ۽ رواج کان آزاد هو. ان کي الله تعاليٰ هدايت لاءِ جيڪا خدا تعاليٰ وٽ پسند هئي، معيار مقرر ڪيو. ته جيئن ان کي ڏسي چڱي مٺي ۾ فرق جي ڄاڻ ٿئي ۽ الله تعاليٰ فيصلو ڪيو ته ان نبي ڪريم ﷺ جي حڪومت جي ذريعي ڪسريٰ ۽ قيصر جون حڪومتون ۽ سندن ليڊرشپ کي ختم ڪيو وڃي ته جيئن ڪسريٰ ۽ قيصر فنا ٿي وڃن ۽ پوءِ انهن جي ڪسرائيت ۽ قيصريت نه رهي."

اڄ ڪلهه يورپ ۾ ۽ ان جي سياسي محڪوم ملڪن ۾ چند مٺئين طبقي جي ماڻهن جي مالي ترقي ۽ عام ماڻهن جي معاشي بدحالي جي جيڪا حالت آهي ۽ ان ڪري جيڪا اخروي زندگي کان بي پرواهي ۽ غفلت آهي، اها رومي ۽ ايراني حڪومتن وانگر آهي. انهن مٺين طبقن جي ذهنيت ۽ عوام جي استحصال جا اصول اهي ئي آهن، جيڪي هنن حڪومتن جا هئا. امام شاهه ولي الله فرمايو آهي:

وما تراهُ من ملوك بلادِك بعينك عن حكاياتهم

"يعني توهان جي پنهنجي ملڪ جي اميرن ۽ حاڪمن جي جيڪا حالت آهي، ان کي ڏسو ته توهان کي ٻين ملڪن جي اميرن ۽ حاڪمن جي حالت ڏسڻ جي ضرورت نه رهندي."

اهو جملو اڄ به اوتروئي صحيح آهي، جيترو امام ولي الله دهلويءَ جي دؤر ۾ هو. اڄ به برطانيه جي قبضي هيٺ هندستان جي اها حالت آهي، جو هڪ طرف سرمائيدار ۽ دولت جي پوڄارين جو هڪ ننڍڙو طبقو آهي، جن جي آمدني هزارن کان وٺي ڪروڙن تائين آهي. ٻئي طرف مسڪينن جو گهڻو طبقو اهڙو آهي، جن جي ماهوار آمدني بلڪل ٿورڙي آهي. مٿئين طبقي هيٺئين طبقي کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو آهي ۽ زبردست طبقو پنهنجي انساني حقن لاءِ هٿ پير هلائڻ نه پري رهيو، هيءَ سگهه ۽ ڄاڻ به نٿو رکي سگهي ته ان جا انساني حق ڪهڙا آهن؟ ۽ ان جي حاصلات جا گس ڪهڙا آهن؟

## قرآن ڪمزورن کي طاقتور بنائڻ گهري ٿو:

قرآن حڪيم اهو ٻڌايو ته زمين ۾ جيڪو ڪجهه آهي، سو بنا ڪنهن فرق جي سڀني انسانن جي لاءِ آهي. خَلَقَ لَكُمْ مَا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا. "جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي،



اهو توهان سڀني لاءِ آهي." انسانن جي ڪنهن خاص طبقي لاءِ نه آهي. ان ڪري هر هڪ ماڻهوءَ کي ان جي ضرورت مطابق حصو ملڻ گهرجي. جيڪي ماڻهو پيداوار جي ذريعن تي قبضو ڪري ويهن ٿا ۽ محتاجن کي انهن جي ضرورت مطابق فائدي وٺڻ جو موقعو نٿا ڏين، اهي الله جي ڏنل نعمتن جو قدر نٿا ڪن. اهي نٿا ڄاڻن ته الله تعاليٰ جي نعمتن کي صحيح طريقي سان استعمال ڪري، هو بلند درجي تي پهچي سگهن ٿا ۽ انهن نعمتن جي صحيح استعمال نه ڪرڻ ڪري، تباهي جي کڏن ۾ ڪرندا وڃن ٿا. ائين ڪرڻ سان سماج جي هڪ وڏي حصي جي ضرورتن کان انسان ڪهڙي طرح نه انڌو ٿي وڃي ٿو ۽ ان غفلت سبب ڪيترو نه نقصان ڪٽي ٿو.

سورة مزمل ۾ هن ڳالهه تي زور ڏنو ويو آهي ته سرنديءَ وارن ماڻهن جو فرض آهي ته ، اهي ڪائڻ پيئڻ جي معاملي ۾ پنهنجي محتاج ڀائرن جي خبرچار رکن. صرف ڪنهن ضرورتمند کي ٽڪر ڏئي ان جو پيٽ ڀرڻ ڪافي نه آهي پر ان جي بحال ڪاري ڪرڻ يا اهڙو نظام قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجون توانايون صرف ڪرڻ جي ضرورت آهي. رسول الله ﷺ جن هڪ ماڻهوءَ کي ڪاٺيون وڪٽي پاڻ ڪمائڻ سيڪاريو. محتاجن جي سارسنڀال لهڻ جو اهو به اصولي طرح بهتر طريقو آهي. يعني جنهن شخص وٽ جيتري موڙي هجي، ان جي ذريعي ڪيس پلاننگ ڪري ڏجي ۽ گذر سفر لاءِ ڏڳ لائي ڇڏجي ۽ مالي حوالي سان به مسڪينن جي بحالڪاريءَ جو ڪم انهن جي اصل مدد آهي. ته جيئن هو مدد واري موڙيءَ مان ڪنهن اهڙي ڌنڌي/ڪاروبار سان لڳي وڃي جو هو سڀاڻي هيٺيون هٿ نه رهي. باقي جيڪي دائمي محتاج آهن مثلاً: بي واهه عورتون، جهور پوڙها ۽ اکين يا ٻين عضون کان محروم ته اهڙن مستحقن جي دائمي مدد فرض عين آهي. اڄ ڪلهه اسان جي معاشري ۾ جنهن ذليل طريقي سان محتاجن کي ٽڪر ڏنو وڃي ٿو، سو انهن جي تباهه ڪرڻ جو بدترين ذريعو آهي. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته حاجتمندن لاءِ هر جاءِ بيت المال ۽ بحال ڪاريءَ جو نظام هجي، جتي انهن لاءِ اهڙي نموني گذر جو بندوبست ڪيو وڃي، جيئن سندن انسانيت کي صدمو نه پهچي. جيڪي ماڻهو ڪم ڪري سگهن ٿا، انهن کي ڪم سان لڳايو وڃي، جي ضرورت هجي ته انهن کي ڪم ڪار جا اوزار ۽ وسيلا به مهيا ڪيا وڃن. اها ئي انهن جي صحيح سار سنڀال آهي.

ان انقلاب لاءِ قرآن حڪيم مسڪينن جي اجتماعي تنظيم جو پروگرام پيش ڪري ٿو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



قرآن حڪيم ڪمزور ماڻهن کي انساني اجتماع ۾ حق جو ٿو ڏئي؟ يعني هو خوشحال ماڻهن کي جو ٿو مجبور ڪري ته اهي پنهنجي ڪمائيءَ مان هڪ حصو محتاجن ۽ مسڪينن لاءِ ضرور ڪڍن، جيڪو انهن (محتاجن) جو ”حق“ قرار ڏنو ويو آهي.

وَفِي أَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِلسَّائِلِ وَالْمَحْرُومِ. (الذاريات-19)

”يعني هي ان شخص جو حق آهي، جنهن جي حالت سوال ڪرڻ تائين پهچي وڃي ۽ جيڪو معاش جي ذريعن کان محروم ٿي ويو هجي.“

ان جو سبب هيءَ آهي ته خدا تعاليٰ انسان جي جوڙجڪ ڪجهه اهڙي رکي آهي جو هو اجتماع ۾ ئي اڀري وڌي سگهي ٿو. انفرادي زندگيءَ ۾ ان کي پنهنجي لڪيل قوتن کي صحيح نموني استعمال ڪرڻ جو موقعو نٿو ملي ۽ هو جامد (Atrophied) ٿي رهجي وڃي ٿو. فرد جي ان جمود جو اثر، انساني اجتماع جي ٻين فردن تي پاڻ هرتو پوندو رهي ٿو. تنهن ڪري اجتماع (سماج) کي ان نقصانڪار اثر کان بچائڻ لاءِ فردن جي، ادارن جي ذريعي سار سنڀال لهڻ نهايت ضروري آهي. جيڪو معاشرو محتاجن جي پَرگهور نٿو لهي، اهو ختم ٿيڻ گهرجي. اصل ۾ اهڙي معاشري کي ”اجتماع“ چوڻ ئي غلط آهي. اجتماع هڪٻئي لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ خاطر جڙندو آهي. جيڪڏهن ”اجتماع“ ماڻهن جي پرگهور نٿو لهي، سندن سرپرستي نٿو ڪري سگهي ته اهو ختم ڪرڻ جي لائق آهي.

محتاجن جي ضرورتن لاءِ قرآن حڪيم زڪواة مقرر ڪئي آهي. هيءَ ڳالهه چڱي طرح سمجهڻ گهرجي ته زڪوات جو موجوده نصاب، ان زماني ۾ مقرر ٿيو هو، جڏهن بيت المال عام ماڻهن جي فائدي لاءِ قائم هو ۽ ان مان ماڻهن جي ڪفالت پوري ٿيندي هئي. جيڪڏهن مسلمانن جي زڪوات جي آمدني ماڻهن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ناڪافي هجي ته هر هڪ مالدار جو وڏيڪ حصو يا سموري جو سمورو سرمايو ڪسي ان ڪم ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

## قرآن ماڻهن جي شخصيت کي اوسر ڏئي ٿو:

انسان کي اجتماعي شڪل ۾ رکي، قرآن حڪيم انهن ۾ چند لازمي اخلاقن جي تعليم سيکاري آهي. بقول امام ولي الله، اهي چار بنيادي اخلاق



آهن: (1) طهارت (پاڪيزگي) (2) اخبات (نوڙت) (3) سماحت (سخاوت) (4) عدالت (جنهن جو تفصيلي ذڪر اسين پوئتي پڙهي آياسين) قرآن انسانن جي انسانيت جي تڪميل ڪرڻ چاهي ٿو. انهن اخلاقن جي پورائي سان انسان جي نفس ۾ اهڙيون حالتون گڏ ٿي وڃن ٿيون، جن جو مجموعو (Sum total) انساني معاشري (Society) کي بلند ڪري ڇڏي ٿو ۽ اهي ئي ڪيفيتون ان جي مرڻ کان پوءِ واري حياتي ۾ ان لاءِ فائديمند ثابت ٿين ٿيون.

امام شاهه ولي الله انسان جي زندگيءَ کي هڪ ايڪو سمجهي ٿو، جنهن جو هڪ حصو هن دنيا جي زندگي ۾ گذاريو وڃي ٿو ۽ ٻيو حصو ان مان ئي پيدا ٿئي ٿو ۽ ان کان پوءِ ترقي جاري رهي ٿي. ٻين لفظن ۾ ان جو مطلب هي آهي ته انسان پنهنجي معاشري ۾ رهندي صالح عملن ۽ سٺن اخلاقن جا جيڪي اثر پنهنجي نفس ۾ گڏ ڪري ٿو، اهي هن لاءِ اڳئين حياتيءَ ۾ جنت جي زندگي پيدا ڪن ٿا ۽ هو خراب عملن ۽ بداخلاقن جا جيڪي اثر گڏ ڪري ٿو، اهي هن لاءِ جهنم جي زندگي پيدا ڪن ٿا. بس قرآن جي انقلاب جي منشا رڳو هيءَ آهي ته انساني سماج ۾ سٺن اخلاقن جو غلبو ۽ حاڪميت هجي يعني اها جماعت حڪومت ڪري، جيڪا قرآن جا ڏسيل اخلاق ماڻهن ۾ پيدا ڪري.

قرآن حڪيم هي اخلاق اوپرا ڪٿي انسانن جي مٿان نٿو ٿاڦي، پر اهي اخلاق خود انساني فطرت جي تقاضا آهن، جن کي هن معاشري ۾ رهي عملي طرح اپنائڻ گهرجي. قرآن حڪيم انهن اخلاقن لاءِ مشق (Exercise) جا طريقا به تجويز ڪري ٿو ۽ ان جا موقعا به فراهم ڪري ٿو. جيڪا جماعت اهي اخلاق پاڻ ۾ پيدا ڪندي، اها جسماني، اخلاقي ۽ عملي پاڪائي کي پنهنجي لازمي ڪرت بنائيندي. اها خدا سان تعلق پيدا ڪندي ۽ انهن سببن کي استعمال ڪندي به صرف خدا تي ڀروسو ڪندي. هن ڪم مان اها جماعت ڪو ذاتي نفعو حاصل نه ڪندي بلڪ ان جو مقصد رڳو خدمت خلق هوندو، جو ته اهو خدا جي رضامندي جو سبب آهي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اها جماعت اهڙو عدل ۽ انصاف ڀريو نظام قائم ڪندي، جنهن مان سوسائٽيءَ جي خاص طبقي کي فائدو نه پهچندو، پر اهو نظام سڀني طبقن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جو ضامن هوندو. اها پارٽي سڀني انسانن جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي باوجود مالدارن تي ٽيڪس هڻندي ۽ اهڙي طرح جيڪا رقم گڏ

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ٿيندي، اها مسڪينن ۽ غريبن ۾ ورهائي ويندي.

قرآن جي اها انقلابي جماعت جڏهن اقتدار جون واڳون سنڀاليندي ته اها اهڙن ماڻهن کان حساب ڪتاب ڪندي جيڪي عدالت جي راهه ۾ رڪاوٽ هوندا يا جيڪي پاڪائي ۽ ٻين سٺن اخلاقن جي خلاف ورزي ڪندا ۽ عوام کي خدا ڏانهن ويندڙ رستي — صراط مستقيم کان روڪيندا. هيءَ جماعت هر ملڪ ۾ پهريائين قومي سطح تي ڪم ڪندي، پر انسانيت جي اعليٰ اصولن کي سامهون رکندي ۽ بين الاقوامي نظام جي مقام تي پهچي به ڪنهن خاص قوم يا طبقي جي مفادن يا ضرورتن پٽاندڙ پاليسيون نه جوڙيندي، بلڪ انسانذات جي مشترڪ انساني ضرورتن مطابق حڪم هلائيندي. هن جماعت جون پيدا ڪيل قوميتون صحيح بين الاقوامي اجتماع جي پيدا ڪرڻ جو باعث بڻبيون.

اهوئي بين الاقوامي انقلاب آهي، جيڪو قرآن حڪيم آڻڻ گهري ٿو ۽ هيءُ مطلب آهي ان دعا جو، جيڪا هر انسان کي گهرڻ کپي ته: وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ”اسان کي بين الاقوامي انصاف ڪرڻ وارن جو اڳواڻ بناءِ.“

قرآن حڪيم جنهن بين الاقوامي انقلاب جو بنياد وڌو، ان کان پهريائين سوين قومي انقلاب هر ملڪ ۾ ۽ هر قوم ۾ آيا، پر قرآن حڪيم جنهن نوعيت جو جامع انقلاب آڻڻ گهري ٿو، ان قسم جو انقلاب اڄ تائين ڪٿي به نه آيو هو. ان ڪري ان جي نوعيت کي سمجهڻ آسان نه هو. جيڪڏهن قرآن حڪيم ڪنهن خاص ملڪ يا قوم جي مقامي انقلاب کي عنوان بنائي، پنهنجي بين الاقوامي انقلاب جو تصور ڏئي ها ته ان بين الاقوامي انقلاب جي حقيقت چڱي طرح ذهن نشين نه ٿئي ها. ڇو ته هڪ قوم جي قومي انقلاب کي صرف اها ئي قوم سمجهي سگهي ٿي، جنهن ۾ اهو انقلاب آيو هجي. ٻيون قومون ان کي نٿيون سمجهي سگهن ۽ نه وري ان مان عبرت حاصل ڪري سگهن ٿيون.

## قرآن جي تعليم انقلاب جي لاءِ آهي

اهڙين حالتن ۾ قرآن لاءِ ضروري هو ته هو پنهنجي بين الاقوامي انقلاب کي روشناس ڪرائڻ لاءِ ڪنهن اهڙي فڪر کي موضوع بڻائي جيڪو سڀني قومن ۾ ڄاتل سڃاتل هجي. اهو قيامت جو فڪر آهي، جنهن جو مطلب هيءُ آهي ته هڪ ڏينهن هيءَ ڪائنات ذرا ذرا ٿي ويندي، ان کان پوءِ خدا تعاليٰ



سڀني انسانن کان سندن عملن جو پڇاڻو ڪندو. هيءُ فڪر سواءِ ڪنهن ٿورڙي فرق جي سڀني قومن ۾ مڃيل آهي ۽ مڃيل رهيو آهي. جيئن نبي ڪريم ﷺ جن جي دؤر تائين يهودين ۽ عيسائين جي ذريعي هيءُ فڪر مهذب دنيا جي تمام وڏي حصي ۾ متعارف ٿي چڪو هو. هندن ۾ به ”پرلئين“ جو مسئلو هن فڪر جي قريب قريب موجود آهي ۽ اهڙي طرح ٻين سڀني قومن ۾ پڻ اهو عقيدو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود آهي. قرآن پنهنجي بين الاقوامي انقلاب کي پکيڙڻ لاءِ هن ئي فڪر کي ذريعو بنايو آهي.

ان طرح قرآن حڪيم هي چوڻ گهري ٿو ته: جهڙي طرح انسانذات تي هڪ ڏينهن اچڻ وارو آهي، جڏهن ان جي فردن کان ان باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي ته طاقتورن، ڪمزورن جا حق ڪيتري قدر پورا ڪيا؟ ۽ لاچارن جي خدمت ڪيتري ڪئي؟ اهڙي طرح دنيا ۾ به قرآن حڪيم جي علمبردار جماعت انهن اصولن تحت ڏاڍن کان حساب ڪتاب وٺندي. جيئن ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي تقرير ۾، جيڪا هُن خلافت جي ذميداري سنڀالڻ وقت ڪئي، فرمايائون: ”توهان مان هر ڪمزور طاقتور آهي، جيستائين ان کي ان جو حق نه ڏياريان ۽ هر طاقتور ڪمزور آهي، جيستائين ان کان ڪمزور جو حق نه ورتو وڃي.“ هيءَ انقلابي جماعت انسانذات جي سڀني مفادن جي محافظ هوندي. ظاهر آهي ته ان قسم جي عالمگير انقلاب جي تشبيهه قيامت جي ڪائنات گير انقلاب کان سواءِ، ٻئي ڪهڙي انقلاب سان ڏئي سگهجي ٿي؟ پر افسوس آهي ته هن انقلاب ۽ قيامت ۾ جيڪو ربط آهي، ان تي سوچڻ وارا عالم تمام گهٽ آهن. حقيقت هيءَ آهي ته قيامت جي انسانيت گير حادثي کان پهريائين، قرآن جي جامع ۽ ڪامل وسيع انسانيت هيٺ انسان دوست انقلاب جو اچڻ ضروري آهي؛ يعني هي ضروري آهي ته سڀني انسانن ۾ هڪ اهڙي بين الاقواميت پيدا ٿئي، جنهن ۾ دنيا جون سڀ قومون شامل هجن ۽ ان مرڪزي اداري تي، جيڪو قومن کي ڪنٽرول ڪري، قرآن حاڪم هجي. دنيا هڪ ڀيرو هيءُ نظارو حجاز ۾ ڏٺو آهي ۽ ٻيهر پڻ ڏسندي، جڏهن ان کي قائم ڪرڻ، پنهنجو فرض ڪري سمجهندي ۽ هاڻي ان تحريڪ جي شروعات ان جڳهه کان ٿيندي، جتي قرآن جو علم ۽ فهم سڀ کان وڌيڪ هوندو. انشاءَ الله تعاليٰ.

اسان جا مفسر جڏهن قرآن حڪيم جي آيتن جو تفسير ڪندا آهن ته هو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اڪثر قرآن حڪيم جي بيان ڪيل واقعن ڪي ڪجھ خاص قصن ۽ شخصن سان ملائي تشريح ڪندا آهن ۽ ان کي شان نزول چوندا آهن. ان سلسلي ۾ اسين امام شاه ولي الله جي مسلڪ جا پيروڪار آهيون، جيڪو فرمائي ٿو ته:

”خاص واقعن کي عام طور تي جيئن بيان ڪرڻ جي هروڀرو تڪليف ڪئي ويندي آهي، ان جو اسباب نزول ۾ ڪوبہ دخل نہ آهي، سواءِ ڪن آيتن جي، جن ۾ ڪنهن اهڙي واقعي ڏانهن اشارو هجي، جيڪو رسول ڪريمﷺ جي زماني ۾ يا انهن کان اڳ ۾ ٿيو هجي. ڇاڪاڻ جو ٻڌندڙن جي دل ۾ شان نزول جي اشاري سان هڪ قسم جو انتظار پيدا ٿئي ٿو، جيڪو قصي جي تفصيل معلوم ڪرڻ کان سواءِ ختم نٿو ٿئي. ان ڪري اسان تي لازم آهي تہ انهن تفسيري علمن جو اهڙي طرح تفصيل ڪيون، جيئن خاص خاص واقعن جي بيان ڪرڻ جي تڪليف نہ ڪرڻي پوي.“ (فوز الڪبير في اصول التفسير)

مثال طور سورة المدّثر جي آيت نمبر 8 کان 25 تائين پئسي جي پوڄاري ماڻهن جو نفسياتي تجزيو (Psychological Analysis) ڪيل آهي. هنن آيتن کي نبي ڪريمﷺ جن جي زماني جي هڪ منڪر وليد بن مغيره سان لاڳو ڪري جان ڇڏائڻ ڪافي نہ آهي پر انهن آيتن کي هر زماني سان لاڳو ڪري ڏٺو وڃي ۽ هر ماڻهو پنهنجي ذهنيت جو جائزو وٺي فيصلو ڪري سگهي ٿو تہ ڪيتري قدر هو انِ سرمائي پرست سوچ ۾ ڦاٿل آهي؟ پر افسوس هي آهي تہ اسلامي تاريخ جي اُن دور ۾ جڏهن اسان جي اميرن، عوام جي جواب طلبي کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪن عالمن انهن آيتن کي نبوي دؤر جي شخصن ۽ واقعن سان وابستہ ڪري عوام ۾ هيءُ غلط تصور پيدا ڪيو تہ هنن آيتن جو اطلاق عام نٿو ٿي سگهي. اهڙي سوچ پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ، هن قسم جي تعليم بہ ڏيڻ شروع ڪئي تہ: ما اقامو الصلواة فادفعواها اليهم. ”يعني جيستائين امير ۽ حاڪم صرف نماز پڙهندا رهن تہ انهن کي زڪوات ادا ڪندا رهو.“ مولانا سنڌي انهيءَ دليل کي رد ڪري ٿو ۽ چئي ٿو تہ اهڙن دعويدارن کي معلوم نہ آهي تہ جيڪو امير ٿي ڪري زڪواة جي نظام ذريعي محتاجن جي خدمت نٿو ڪري، اهو زڪوات جي روح جو انڪاري آهي ۽ اهڙي شخص جي نماز صحيح نہ آهي. ان ڪري اڪيلائيءَ ۾ نماز پڙهڻ کي دين جو مدار نہ بڻايو ويو. ان لاءِ هيءَ آيت سامهون رکڻ گهرجي:



وَ مَآ اُمِرُوۡۤا اِلَّا لِيَعۡبُدُوا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ حُنَفَآءَ وَ يُقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَ يُؤۡتُوا الزَّكٰوةَ وَ ذٰلِكَ دِيۡنُ الۡقَيِّمَةِ (البينه 5) ”يعني انهن کي هيءُ حڪم ٿيو آهي تہ بندگي ڪريو رڳو الله جي، حضرت ابراهيم عليہ السلام وانگر ۽ قائم ڪيو نماز، ڏيو زڪوات ۽ اها ئي وات آهي مضبوط ماڻهن جي.“

ان جو نتيجو هيءُ نڪتو جو امير تہ پنهنجي سرمائيداراڻي ريت جي غير ذميوار حرڪتن کان نہ رڪيا، پر عوام کي ٽيڪس ڀرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. جنهن مان امير عيش ۽ عشرت جي زندگي گذارڻ لڳا. ائين هلندي عوام جي دلين مان انقلاب جو تصور ۽ حاڪمن کان جواب طلبي جي سوچ بہ ختم ٿيندي رهي. جڏهن تہ بقول علامہ جصّاص رازي الحنفي جي تہ، نبي اڪرمﷺ جن لاءِ بہ پنهنجي ساٿين سان مشورو ڪرڻ واجب هو. جيئن قرآن شريف ۾ آهي، (وَشَاوِرۡهُمۡ فِى الۡاَمۡرِ-(آل عمران-159).

ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ اڄ مسلمان ان وساريل سبق کي وري ياد ڪن تہ اسان جا حڪمران اسان جي آڏو جوابدار آهن. هي اُهي حق جا اکر آهن، جن کي آمريڪين ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين سمجهيو ۽ اعلان ڪيو تہ No taxation with out representation (جيڪي ماڻهو اسان جي آڏو جوابده نہ آهن، تہ انهن کي ڪوبہ حق نہ آهي تہ هو ڪو ٽيڪس وصول ڪن). شهريت (Citizenship) جو هيءُ ابتدائي اصول آهي، جنهن جي آسان صورت اسلام، پارٽي پاليٽڪس (Party Politics) جي شڪل ۾ پيش ڪئي آهي، جنهن جي عملي صورت خلافت راشده جو پاڪ دؤر هو.[1]

مطلب تہ قرآن حڪيم جي تعليم انقلابي تعليم آهي. هن انقلاب جو پهريون نشانو (Target) قيصر ۽ ڪسريٰ جي تباهي هو ۽ ان جو مستقل پروگرام قانون جو راڄ هو، جنهن جو هڪ ذريعو مسڪينن جي تنظيم آهي. هي اهي تابناڪ اصول آهن، جنهن سان دنيا ۾ قرآني انقلاب جي قيامت صغريٰ قائم ٿي ويندي، جنهن کان پوءِ اها جماعت استحصالي طبقن کان حساب ڪتاب ڪندي آهي. عرب ۾ ان انقلاب جو نمونو هڪ دفعو ظاهر ٿي چڪو آهي، جنهن جا ڪرڻا ڪجھ ملڪن ۾ اڃا تائين چمڪي رهيا آهن.

---

[1] بقول امام شاه ولي الله تہ: هيءُ زمانو حضرت عثمانؓ جي شهادت تائين آهي. (ازاله الخلفاءَ ص121)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جيڪڏهن هي صحيح آهي تہ اسلام هميشہ انسانيت جي پيڙهيل ۽ ڏتڙيل طبقن ۾ آيو آهي ۽ هاڻي بہ اهڙن طبقن ۾ رهجي ويو آهي، تہ پوءِ جيڪڏهن مسلمانن هوش سنڀاليو تہ دنيا کي هڪ عظيم انقلاب جي اميد رکڻ گهرجي، جيڪو نہ فقط عظيم هوندو پر عالمگير بہ هوندو. اهو انقلاب قرآن جي اصولن تي هوندو. ممڪن آهي تہ امام شاهہ ولي الله جي طريقي جو هندستاني مسلمان بہ ان انقلاب ۾ چڱو خاصو ڪردار ادا ڪري. قرآن سان واسطو رکندڙن اسان جي ديس واسين جو فرض آهي تہ هو وقت جي رفتار کي سڃاڻن ۽ امام شاه ولي الله جي حڪمت کي سمجهي قرآن حڪيم کي اپنائن، جيڪو هن سائنسي دور ۾ بين الاقوامي انقلاب آڻڻ وارو واحد ڪتاب آهي.



# قرآني عملي الاهيات

عملي الاهيات (Applied Divinity) الله تعاليٰ تي ايمان جي عملي طريقن کان واقف ڪري ٿي. الله تعاليٰ تي ايمان، جهڙيءَ ريت زبان جي اقرار (اقرار باللسان) سان گهربل آهي، ساڳيءَ ريت هيءُ بہ گهربل آهي تہ تصديق بالقلب يعني دل جي سچائي ساڻ الله تعاليٰ جي فرمانبرداريءَ کي زندگيءَ جو مقصد تسليم ڪيو وڃي. انسان زمين تي الله تعاليٰ جو خليفو آهي، ان خلافتي ڪردار جي ادائگيءَ لاءِ الله تعاليٰ وحي جي تعليمات جي رهنمائي عطا ڪئي آهي. ان جي روشنيءَ ۾ اطاعتِ خداونديءَ جي عملي طريقن جو شعور عملي الاهيات جو موضوع آهي. الاهيات جو عقيدو (Faith) انسان کي الله تعاليٰ جي شڪر، تقديس ۽ عبادت جي اصولن (Principles)، تصورات (Concepts) ۽ علامتن (Symbols) کان واقف ڪري ٿو. جڏهن تہ عملي الاهيات انسان کي الله تعاليٰ جي شڪر، تقديس ۽ عبادت سان وابستگي (Devotion) سگهاري ڪري ٿي. انسان جي شخصيت کي ارتقا جا مشاهدا (Observations) پسائي ٿي ۽ انهن ۾ هي جي درستگي ۽ بگاڙ جي نتيجن (Results) کان واقف ڪري ٿي.

اهڙيءَ طرح عملي الاهيات الله جي نہ تبديل ٿيندڙ قانونن جي بنياد ۽ مُحرڪ جو تعين ڪري ٿي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جي انهن نہ تبديل ٿيندڙ قانونن جو تفصيل موجود آهي، جن جي ڄاڻ ذريعي انسان جي مثان ايمان جا عملي طريقا واضح ٿي اچن ٿا. انهن طريقن کي ڄاڻڻ جي نتيجي ۾ انسان کي پنهنجي عملن ذريعي هڪ طرف الله تعاليٰ سان پنهنجي شڪر، تقديس ۽ عبادت جي حقن جي ادائگيءَ جو شعور پختو ٿئي ٿو ۽ ٻئي طرف ان سان انساني سماج جي فلاح ۽ ترقيءَ جا بنياد مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندا آهن. ٻين

www.iqbalkalmati.blogspot.com



لفظن ۾ عملي الاهيات دراصل ايمان جو عملي اظهار آهي، جنهن سان اسان کي پنهنجي خالق جي ڏسيل تخليقي مقصدن نبائڻ لاءِ اتساهه ملي ٿو.

عملي الاهيات جو تفصيل سمجهڻ لاءِ اسان کي الله تعاليٰ جو اهو تعارف سمجهڻو پوندو جيڪو وحيءَ جي ذريعي ان پاڻ سمجهايو آهي.

قرآن الله تعاليٰ جي ذات جو تعارف هن ريت ڀڏايو آهي:

لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَيۡءٌ (الشوريٰ-11) "ان جي مثل ڪا به شيءِ ناهي." ڪنهن به شيءِ سان اوهان ان جي مشابهت نٿا ڏئي سگهو.

لَا تُدۡرِكُهُ الۡاَبۡصَارُ وَهُوَ يُدۡرِكُ الۡاَبۡصَارَ (انعام-103) "انسان جون نظرون ان کي ڏسي نٿيون سگهن، پر هُو انسان جي نظرن کي ڏسي رهيو آهي."

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ ﴿۳﴾ وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾

(سورة اخلاص)

"الله اڪيلو آهي. بي نياز آهي، ان کي ڪنهن جي محتاجي ڪانهي، نه ان مان ڪو پيدا ٿيو آهي، نه هُو ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي ۽ نه ڪا هستي ان جي درجي ۽ برابريءَ جي آهي."

الله تعاليٰ جي صفتن جو تعارف قرآن هن ريت ڪرايو آهي:

قُلِ ادۡعُوا اللّٰهَ اَوِ ادۡعُوا الرَّحۡمٰنَ ؕ اَيًّا مَّا تَدۡعُوۡا فَلَهُ الۡاَسۡمَآءُ الۡحُسۡنٰى ۚ (الاسراء-110)

"اي پيغمبر! ڪين چئو ته خدا کي الله جي نالي سان سڏيو يا رحمان چئي سڏيو، جنهن به صفت سان سڏيو ان جون سموريون صفتون حُسن ۽ خوبيءَ جون صفتون آهن."

قرآن ۾ الله تعاليٰ جي ٽن بنيادي صفتن جو ذڪر موجود آهي.

### ربوبيت جي صفت:

ربوبيت جو مطلب آهي ته: جيئن الله تعاليٰ جي خالقيت ڪائنات ۽ ان جي هر شيءِ پيدا ڪئي آهي، اهڙيءَ ريت ان جي ربوبيت ڪائنات جي سنوارَ، پورو پورو اندازو ۽ ترتيب به رکي آهي. وَخَلَقَ كُلَّ شَيۡءٍ فَقَدَّرَهٗ تَقۡدِيۡرًا (الفرقان-٢) "انهيءَ سڀ شيون پيدا ڪيون ۽ پوءِ هر شيءِ لاءِ ان جو پورو پورو اندازو رکيو."

قرآن ۾ هي جاءِ تي آهي فَسَوّٰى — يعني شين کي خلقي انهن کي سنواريائين. اهڙي طرح دنيا ۾ هر مخلوق جي پالنا ۽ اوسر جو سامان پڻ مهيا ڪيو آهي:



وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا

"زمين ۾ ڪو به چرندڙ جاندار اهڙو ڪونهي جنهن جو رزق الله جي مٿان نه هجي."(هود.6)

### رحمت جي صفت:

وري هن ڪائنات ۾ جيڪا به شيءِ جوڙي وئي ته ان جي خوبي ۽ ڪمال اهو آهي جو اها خلقت جي نظام لاءِ نهايت سهولت ۽ فائدي واري آهي. اهي شيون پنهنجي مفيد هئڻ ۾ اهڙيون ته نراليون آهن جو محسوس ٿئي ٿو ته هر تخليق ان ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ته الاهي رحمت جو ظهور آهي.

ذٰلِكَ عٰلِمُ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ۙ﴿۶﴾ الَّذِىۡۤ اَحۡسَنَ كُلَّ شَىۡءٍ خَلَقَهٗ (سجده — 7،6)

"اهو الله آهي لڪل توڙي ظاهري شين جو ڄاڻندڙ، طاقت وارو، رحمت وارو، جنهن جيڪا شيءِ ناهي، حُسن ۽ خوبيءَ سان ناهي."

### عدل جي صفت:

هن دنيا جي ڪارخاني ۾ تعمير، جوڙ، سونهن ۽ سوبيا مان جيڪو ڪجهه به آهي ان مان عدل ۽ توازن ظاهر ٿئي ٿو. فطرت جي تقاضا آهي ته ڪائنات ۾ ربوبيت ۽ رحمت سان گڏ پڇاڻو ۽ مڪافات پڻ هجي ته جيئن نقصان ۽ فساد جو ازالو ٿئي.جيڪڏهن عدل اڻ لڀ هجي ها ته جيڪر دنيا مان ذميواري ۽ جوابدهيءَ جو تصور ئي ختم ٿي وڃي ها ۽ پوءِ هر طرف رڳو ڇڙواڳي، انارڪي ۽ فساد ئي فساد هجي.

الله تعاليٰ جي ذات عادل آهي ۽ عدل جو خلقڻهار آهي. هُن حساب ڪتاب خلقيو آهي ۽ حساب ڪتاب جو ڏينهن به جوڙيو آهي. مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ "حساب ڪتاب جي ڏينهن جو مالڪ آهي" (فاتحه-3) اهو عدالت الاهي جو اعلان آهي.

جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته الاهيات جو عقيدو انسان ۾ شڪر، تقديس ۽ عبادت جو جذبو پيدا ڪري ٿو. اهڙي طرح انسان انهن جذبن جي اصل مرڪز ذات الله تعاليٰ جي معرفت جي شعور کي حاصل ڪري ٿو. قرآن حڪيم الله تعاليٰ جي ان معرفت واري شعور کي توحيد جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. قرآن حڪيم ايمان بالله يا توحيد جا ٽي پهلو بيان ڪيا آهن:

1- **توحيد في الربوبيت:** قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾: يعني انسانن لاءِ اڪيلي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پالڻهار جي پالنا وارن قانونن اپنائڻ سان انسان پالڻهار جي حفاظت جي دائري ۾ اچي وڃي ٿو.

2- **توحيد في الصفات:** مَلِكِ النَّاسِ ﴿٢﴾ يعني انسانن جي اڪيلي حاڪم ۽ مالڪ جي احڪامن ۽ ضابطن اختيار ڪرڻ سان انسان احڪم الحاڪمين جي حفاظت جي دائري ۾ اچي ويندو آهي.

3- **توحيد في العبادت:** اِلٰهِ النَّاسِ ﴿٣﴾: يعني انسانن جي اڪيلي خالق ۽ معبود ڪي عبادتن ۽ نيازمنديءَ سان سمورا حق حوالي ڪري انسان الله تعاليٰ جي حفاظت جي دائري ۾ اچي ويندو آهي.

هيءُ پيغمبرِ انسانيت جي ذريعي ايمان وارن ڪي قرآن جي هدايت جو حتمي ۽ آخري پيغام آهي جيڪو هڪ لحاظ ڪان سموري قرآن جو خلاصو آهي. قرآن جي ٻين قانونن وانگر انهن قانونن ۾ پڻ ڪا به رعايت ناهي.

## توحيد في الربوبيت ڇا آهي؟

جڏهن ماڻهو الله تعاليٰ جي ربوبيت واري توحيد جو اقرار ڪندو آهي ته هُو عقل جي پوري شعور ۽ دل جي سمورين گهرائين سان اڪيلي، ڪائنات جي پالڻهار جي پالنا وارن قانونن ڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ اختيار ڪندو آهي. قرآن حڪيم ۾ الله پنهنجي پالڻهاريءَ وارن قانونن جو تعارف هن ريت ڪرايو آهي:

1- الله سمورن جهانن جو پالڻهار آهي ۽ ان جي پالنا سيني لاءِ عام آهي.

2- زمين تي ڪو به اهڙو جاندار ڪونهي جنهن لاءِ الله تعاليٰ رزق جو بندوبست نه ڪيو هجي.

3- خالق ڪل شيءِ. رب ڪل شيءِ: هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ به اُهوئي آهي ۽ هر شيءِ جو پروردگار ۽ مالڪ به اهوئي آهي.

4- رزق جا سڀ ذريعا ان جا ئي عطا ڪيل آهن. ايستائين جو زمين ۾ نشوونما جي صلاحيت به ان جي ئي حڪم سان آهي. اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ (الواقعه-64) ۽ زمين ڪي پاڻيءَ جي عطا به ان جي ئي بندوبست سان آهي. اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ ﴿٦٩﴾ (الواقعه -69)

قرآن جي روءِ سان الله تعاليٰ جي پالڻهاريءَ وارن قانونن ڪي عملي طور تي اختيار ڪرڻ جون صورتون هي آهن:



1- جهڙيءَ ريت الله تعاليٰ جي پروردگاري عام آهي، اهڙيءَ طرح ايمان وارن ڪي سندس نيابت جي ذميداري هن طرح ادا ڪرڻي آهي جو عام ربوبيت يعني انسانن جي پالڻهاري ۽ پرگهور جي نظام ڪي پنهنجي انفرادي زندگي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ قائم ڪرڻو آهي، ته جيئن سمورن انسانن ڪي رزق جا مناسب موقعا ۽ وسيلا حاصل ٿين. ائين:

(الف) ماڻهو پنهنجي ضرورتن ڪان وڌيڪ مال الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جو پابند آهي. قرآن مجيد ان جو حڪم زڪواة، انفاق ۽ العفو سان ڏنو آهي.

(ب) پنهنجي نگرانيءَ ۾ شامل سمورن فردن جي ذميداري سهڻي طريقي سان سرانجام ڏي.

(ج) اهڙن مقصدن لاءِ ٿيندڙ اجتماعي ڪوشش ۾ عملي طور تي شريڪ رهي.

2- جڏهن هر شيءِ جو خالق اهوئي آهي ۽ پالنا جا انتظام ڪندڙ به اُهو ئي آهي، ته ان صورت ۾ انسان نائب طور مليل شين جو فقط امين آهي. امانت جي تقاضا هيءَ هوندي آهي ته اُهي شيون اصل مالڪ جي مرضي ۽ منشا سان استعمال ٿي سگهن ٿيون. انسان جو پنهنجو اختيار ختم ٿي وڃي ٿو. انسان ڪي اُهي امانتون پنهنجي حقدارن تائين پهچائڻيون آهن. هن جهان ۾ ڪاميابي ۽ سرخروئي لاءِ اُهائي ان جي آزمائش آهي.

جيڪڏهن انسان توحيد في الربوبيت جي انهن تقاضائن ۽ لوازمات ڪي پورو نٿو ڪري ۽ الله تعاليٰ جي عطا ڪيل رزق ڪي پنهنجي جاگير قرار ڏيئي اسراف ۾ استعمال ڪري ٿو يا پنهنجي عياشيءَ واري آرام طلب زندگيءَ ۾ وڃائي ٿو يا پنهنجي اولاد جي اٽڪٽ آرام ده مستقبل جي نذر ڪري ٿو ته پوءِ اُهو توحيد جي قرآني تصور جو منڪر آهي ۽ ان جو الله تعاليٰ تي ايمان، الله جي ٻڌايل طريقن مطابق نه آهي.

## توحيد في الصفات ڇا آهي؟

قرآن حڪيم اسان ڪي ٻڌائي ٿو:

1- الله تعاليٰ جي هستي جامع ڪمالات آهي ۽ پوري ڪائنات جي مٿان سندس ئي حاڪميت آهي. هُو پنهنجي اقتدار ۽ اختيار ڪي پنهنجي

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جوڙيل قانونن مطابق استعمال ڪندو آهي. اُهي قانون نوس ۽ غير متبدل آهن. ڪائنات جي گوناگونيءَ ۾ سيارن ۽ ڪهڪشائن جي نظام ڪان وٺي اسان جي شمسي نظام تائين سمورا سيارا ۽ گرهہ الله تعاليٰ جي مقرر وقتن ۽ قانونن جي پابندي ڪري رهيا آهن ۽ ان ۾ ڪنهن کي بہ تبديليءَ جو اختيار ڪونهي. ان جو نتيجو هيءُ آهي تہ ڪروڙين سال گذرڻ باوجود ڪائنات جي نظام ۾ ڪابہ ابتري يا فساد رونما ناهي ٿيو.

انهن ڪائناتي قانونن وانگر انسانن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ کي فساد ۽ تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ خالق طرفان قانون مقرر آهن جن تي عمل ڪرڻ سان انسانن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ کي بہ اها ئي ڪاميابي ۽ استحڪام ملي سگهي ٿو ۽ انسان احڪم الحاڪمين جي حفاظت جي دائري ۾ اچي سگهي ٿو. قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ الله تعاليٰ جا جوڙيل قانون سندس صفتن ۾ جلوه گر آهن. الله تعاليٰ جي انهن اڻ ڳڻين سمورين صفتن جون جامع سندس ربوبيت، رحمت ۽ عدالت جون ٽي مرڪزي صفتون آهن جيڪي انسانن کي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ لاءِ ضابطن جو بنياد فراهم ڪن ٿيون.

2- انسان کي الله تعاليٰ زمين تي پنهنجو خليفو بنائي موڪليو آهي. ان حيثيت ۾ هو الله تعاليٰ جي صفتن جي پوئلڳ ٿيڻ جو پابند آهي. انسان ذات جون پنهنجون بنيادي صفتون هڪ محدود ۽ سميٽيل شڪل ۾ خود خدا جي ذات جو عڪس آهن. تنهنڪري انساني شخصيت جي نشوونما تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي ۽ هُو الله جو ولي (دوست هئڻ) جو درجو ۽ انساني ڪماليت ۽ سرخروئي تڏهن ئي حاصل ڪري سگهي ٿو جڏهن الله تعاليٰ جي صفتن کي پنهنجو معيار بڻائي.

الله تعاليٰ جي صفتن جو تابعدار بڻجڻ لاءِ سماج ۾ جتي انفرادي ڪوشش جي ضرورت آهي، اتي ان کان وڌيڪ اجتماعي ڪوشش ۾ شريڪ ٿيڻ سان انهن مقصدن کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. خلقِ خدا سان همدردي ۽ خير خواهي، بيڪسن سان مهربانيون، مسڪينن ۽ محرومن جي بحال ڪاري توڙي بندگي ۽ پانهپ جون بيون ذميداريون هڪ تہ ماڻهو انفرادي طور تي بہ ادا ڪري سگهي ٿو پر انهن ڪمن لاءِ وڌن نتيجن جو تعلق ظالماڻي نظام جي تبديلي ۽ عدل ۽ انصاف واري اجتماعي نظام قائم ڪرڻ سان آهي. تنهنڪري سماج مان



ظلم ۽ زيادتيءَ واري نظام جي خاتمي جي انقلابي ڪوشش ۽ سماجي تبديليءَ جي تحريڪن ۾ عملي شرڪت انسان جي خلافتي ڪردار جي ادائگيءَ جون لازمي تقاضائون آهن. ان ڪانسواءِ توحيد جو ڪوبہ ڏنڌلو ۽ رواجي تصور اسلام جو تصور نہ آهي. انهن تقاضائن ڪانسواءِ جيڪڏهن ڪو توحيد تي عمل جي دعويٰ ڪري ٿو تہ اُهو سخت غلط فهميءَ جو شڪار آهي.

مختصر لفظن ۾ توحيد في الصفات هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ جهڙيءَ ريت هن ڪائنات جو خالق آهي. اهڙيءَ طرح ان کي هلائيندڙ احڪم الحاڪمين آهي ۽ هُن پنهنجي سموري مخلوق لاءِ ضابطا مقرر ڪيا آهن. انسان کي اشرف المخلوقات جي حيثيت ۾ پنهنجو نائب بڻائي پنهنجي صفتن جي پيرويءَ جي ذريعي ڪيس پنهنجي ذات جي ترقيءَ جو رستو ٻڌايو آهي. تنهن ڪري توحيد في الصفات جي تقاضا هيءَ آهي تہ:

1- انسان الله تعاليٰ جي ٻڌايل ضابطن جو پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي سمورن مسئلن ۾ پابند آهي.

2- الله تعاليٰ جي صفتن جو رنگ پنهنجو پاڻ تي غالب ڪري. ۽ انهن صفتن جي برڪت ۽ اثرن سان خدا جي مخلوق لاءِ پاڻ کي ڪارائتو ثابت ڪري، تہ جيئن ان ريت الله تعاليٰ جي قرب ۽ رضا جو حقدار بڻجي سگهي.

3- انساني آزادين ۽ انسانن جي سلامتي ۽ فلاح واري نظام جي قيام لاءِ ٿيندڙ اجتماعي ڪوشش ۾ باقاعده عملي حصو وٺي.

## توحيد في العبادت

الله تعاليٰ توحيد جي عقيدي لاءِ ڪلمي طيب جا لفظ ٻڌايا آهن: لااله الاالله. هن ڪلمي جا ٻہ حصا آهن. هڪ سلبي يعني سڀ کان پهريائين سيني غلامين ۽ باطل روايتن جو انڪار. هن ڳالهہ جو يقين ۽ هن حقيقت جو اعتراف تہ دنيا ۾ ڪابہ هستي ناهي جيڪا عبادت ۽ اطاعت جي حقدار هجي، جنهن کي آقا، داتا ۽ دستگير تسليم ڪجي ۽ جنهن کي حاجت روا مڃجي. ڪلمي طيب ۾ سيڪاريل انڪار ان ظالماڻي نظام ۽ سماج ڪان بہ آهي جيڪو خدا جي مخلوق کي پنهنجي جبري غلاميءَ ۾ آڻي ٿو. ان خوف جو بہ انڪار آهي جيڪو ڏاڍ ذريعي فردن ۽ قومن تي مسلط ڪيو ويندو آهي. ان پيري مريديءَ ۽ مسلڪي رهبريءَ جو بہ انڪار آهي جنهن ۾ مرشدن ۽ مسلڪي رهبرن کي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پنهنجي ذاتي ۽ مسلڪي سوچ انسانن جي ذهنن تي مسلط ڪرڻ جو حق حاصل هجي ٿو. مطلب ته اهو انڪار سمورين باطل ۽ سرڪشيءَ سان قابض فرعونن، طاقتور سرڪش آمرن، قارونن ۽ آذري مذهبي پيشه ورن کان بغاوت جو پيغام آهي. جڏهن ان ريت زمين صاف ٿي وڃي ته ان تي نئين عمارت جي اڏاوت سولي ٿي پوي ٿي.

ڪلمي پاڪ جو ٻيو پهلو ايجابي آهي. يعني سمورين طاغوتي قوتن جي انڪار بعد هن ڳالهه جو اقرار ته الله تعاليٰ هڪ ئي قوت اهڙي آهي جنهن جي اطاعت ضروري آهي ۽ انهيءَ لاءِ ئي ٻانهپ جا سمورا حق آهن، جيڪو ڪائنات جو خالق آهي ۽ پنهنجي تخليق جي سمورين ضرورتن ۽ نفعي نقصان جو علم رکي ٿو. جيڪو انهن ضرورتن پٽاندڙ قانون ٺاهيندو آهي. جيڪو اشرف المخلوقات جي عزت جو محافظ آهي ۽ پيغمبرن ۽ ڪتابن جي ذريعي انسان جي عزتِ نفس کي لتاڙجڻ کان بچائڻ سندس مرضي ۽ مشيت آهي. جنهن جو فيصلو ۽ حڪم حرفِ آخر جي حيثيت رکي ٿو. هُو پنهنجي سلطنت جي ذري ذري تي پنهنجي حڪمن جي بجا آوري چاهي ٿو ۽ سندس حڪمن تي هلڻ ڪانسواءِ ڪوبه چارو ڪونهي. سندس اختيارن کي ڪوبه چئلينج نٿو ڪري سگهي ۽ هُو پنهنجي اقتدار ۾ اڪيلو آهي. سڀ سندس آڏو سر بسجود هوندا آهن ۽ پر هُو ڪنهن آڏو جهڪندو ناهي. **الله** جون اُهي سموريون معنائون فقط الله تعاليٰ جي ذات ۾ موجود آهن. ڪوبه فرشتو، جن يا ٻي مخلوق انهن صفتن جي مالڪ ناهي. تنهنڪري ٻانهپ جا سمورا حق، سموريون محتاجيون، سڀ نيازمنديون، سڀ عبادتون، سڀ تقاضائون ۽ سڀ وابستگيون انهيءَ ذات جي ئي لائق آهن. راضپو به انهيءَ ذات جو ڪپي ۽ ڀروسو به انهيءَ ذات تي هجي.

سموري ڪائنات ۾ حڪم ۽ حڪومت پڻ الله تعاليٰ جي آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص يا گروهه الله تعاليٰ جي ان اختيار ۾ دخل اندازي ڪري پنهنجي جبر ۽ تسلط سان انسانن يا قومن کي غلام بڻائي وٺي، انهن جي ذهنن کي ذات يا مسلڪ جو غلام بڻائي وٺي ۽ استحصالي طريقن سان انهن جي وسيلن تي قابض ٿي وڃي ته اهو عمل الله تعاليٰ جي مالڪيءَ جي اختيار ۽ حڪم ۾ شرڪ بڻجي پوي ٿو. تڏهن الله تعاليٰ جي مشيت انهن غلام فردن ۽ قومن جي آزادي چاهيندي آهي، ته جيئن آزادي ۽ انصاف ڀريو معاشرو ميسر ٿئي جتي هُو



ڪنهن به ڏاڍ ۽ ظلم ڪانسواءِ الله تعاليٰ جي احڪامن تي عمل ڪري سگهن.

اهو ئي سبب هو ته حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل جي آزاديءَ جو مطالبو فرعون آڏو رکيو. فَأَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيٓ إِسْرَآءِيلَ (الاعراف-105) فرعون چيو "مون ڪانسواءِ ڪوبه رب ۽ حاڪم ڪونهي." ان ڪانپوءِ حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل کي فرعون جي غلاميءَ مان ڪڍي آزاديءَ جي نعمت سان سرفراز ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ته جيئن هُو آزاد ماحول ۾ حقيقي خدا جي احڪامن جي پابندي ڪري سگهن.

سمورن نبين جي تعليم ۽ جدوجهد ۾ انهن قومن جي غاصبن ۽ جابرن سان مزاحمت جي جدوجهد جو ذڪر قرآن وري وري ڪيو آهي. خود پيغمبر اسلام ﷺ لاءِ قرآن اهو ئي ٻڌايو آهي ته پاڻ سڳورن کي انسانن ڏانهن ساڳي ئي طرح سان موڪليو ويو آهي، جهڙي طرح موسيٰ عليه السلام کي فرعون ڏانهن موڪليو ويو هو. اهو ئي سبب آهي جو پيغمبر اسلام ﷺ پنهنجي دؤر جي سرڪش، طاقتور ۽ ظالم سردارن سان مسلسل جهاد ڪري انهن جي جبر ۽ ڏاڍ جو خاتمو آندو. ان دؤر جي ٻن غاصب عالمي طاقتن، قيصر ۽ ڪسريٰ جي خاتمي کي پنهنجي نبوي مشن جي مقصدن ۾ ڳڻايو. توحيد جو بنيادي تصور پڻ انسان کي سمورين غلامين کان نجات ڏيارڻ آهي. انسان کي ذهني غلامين، انفرادي غلامين ۽ گروهي ۽ قومي غلامين کان نجات ڏياري هڪ الله تعاليٰ جي عبديت ۽ امن ۽ سلامتيءَ جي نظام ۾ آڻڻ توحيد جو اصل مقصد آهي. تنهنڪري توحيد جي تصور مان انساني آزادين کي جيڪڏهن ڪڍي ڇڏجي ته اهو تصور پنهنجو روح ۽ جامعيت ٻئي وڃائي ويهندو.

مختصر لفظن ۾ توحيد في العبادت کي انسان جو عملي طرح مڃڻ هيئن آهي ته:

1- جهڙيءَ ريت خالق ۽ رب هستي الله تعاليٰ جي ذات آهي، ساڳيءَ طرح اسان جي سمورين عبادتن، تقديس ۽ شڪر جي مستحق ذات پڻ اُها ئي آهي. اهڙيءَ ريت ڪوبه اهڙو ڪونهي جنهن کي ذات باري تعاليٰ جي صفتن ۾ شريڪ ڪجي.

2- اسان جو جيئڻ مرڻ، اسانجون نمازون ۽ اسانجون قربانيون سڀ الله تعاليٰ لاءِ آهن ۽ اسان کي وحي جي ذريعي جيڪا تعليم ڏني ويئي آهي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اسان انهيءَ کي ئي زندگيءَ جو ضابطو مڃيون.


3- اسان کي کپي تہ جيڪي فرد ۽ قوتون طاقت يا ڏاڍ جي زور تي فردن، گروهن يا قومن کي غلام بڻائي سندن محنت ۽ وسيلن مان ناجائز فائدو حاصل ڪن انهن سان مقابلي ۽ مزاحمت واري پيغمبري طريقي جي پيروي ڪريون ۽ جيڪي فرد يا جماعتون اها جهد سرانجام ڏيئي رهيون هجن انهن جو ڀرپور ساٿ ڏنو وڃي.

الله تعاليٰ زندگي گذارڻ جو باقي تفصيل پنهنجي نازل ڪيل ڪتاب قرآن حڪيم ۾ کولي بيان ڪيو آهي ۽ پيغمبر اسلام صلي الله عليہ وسلم جي زندگي قرآن حڪيم تي عمل جو مثالي نمونو آهي. ان جي روشنيءَ ۾ اسان الله تعاليٰ سان عملي تعلق، تعبد ۽ تخلق قائم ڪريون. اُها ئي عملي الاهيات آهي.



# قرآن جو ڀڌايل سماجي شعور

انسان پنهنجي تخليق کان وٺي اڄ تائين پنهنجي تمدني ۽ سماجي زندگيءَ لاءِ جن مرحلن مان گذريو آهي، ان ۾ سندس چار حيثيتون انساني دنيا ۾ مڃيل رهيون آهن. قرآن حڪيم انسان جي انهن چئن حيثيتن جي حدن ۽ دائرن جو واضح طور تعين ڪيو آهي، جنهن سان هُو پنهنجي متوازن شخصيت ۽ ڪامياب زندگيءَ سان گڏ سڌريل ۽ فلاحي معاشرو جوڙي سگهي. فرد، خاندان، قوم ۽ بين الاقواميت جي انهن چئن حيثيتن جي جوڙجڪ جو توازن قرآن جي رُوءِ سان هن ريت سامهون اچي ٿو:




## سماجي زندگيءَ جو پهريون ايڪو: فرد

قرآن حڪيم ۾ انساني شخصيت، انساني شعور ۽ انساني نفس لاءِ ”نفس“ جو اصطلاح ئي استعمال ٿيو آهي.

**انساني شخصيت:**

انسان الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل اڻ ڳڻي مخلوق مان هڪ آهي جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي سموري مخلوقات تي فضيلت ڏني آهي.

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰى كَثِيْرٍ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



مِّمَّنۡ خَلَقۡنَا تَفۡضِيۡلًا (اسراء-70)

"۽ اسان انسان ذات کي عزت بخشي ۽ ان کي سمنڊن ۽ خشڪين ۾ سواري ڏني ۽ پاڪ رزق عطا ڪيو ۽ پنهنجي ڪيترين ئي مخلوق تي فضيلت ڏني."

الله تعاليٰ پنهنجي هن تخليق کي ڪيترين ئي وصفن سان نوازيو آهي. انساني شخصيت بنيادي طور تي انهن ئي وصفن جي مجموعي جو نالو آهي. اها انسان جي شعوري ڪيفيت آهي جنهن کي سوچڻ، سمجهڻ، تدبر ڪرڻ جي صلاحيت يا غور و فڪر سان تعبير ڪيو ويو آهي جنهن سان انسان هڪ باشعور مخلوق بڻجي ٿو. انسان جي تڪريم ۾ سمنڊ ۽ خشڪيءَ ۾ سواريءَ جو ذڪر انسان جي تخليقي صلاحيتن جي بدولت انسان جي عظمت ڏانهن اشارو آهي. تنهنڪري حضرت شاه رفيع الدين رح انسان جي وصف هيئن بيان ڪري ٿو:

وما يتفکر وصنع باالآلات انسان ارضيا

ترجمو: "جو عقل سان سوچيندو آهي ۽ اوزارن جي مدد سان شيون ٺاهيندو آهي، اُهو هن زمين تي وسندڙ انسان آهي." (تڪميل الاذهان ص25)

قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو ته انساني شخصيت هڪ مستقل ايڪو آهي ۽ هو دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي عملن جو پاڻ ذميوار آهي:

كُلُّ نَفۡسٍۢ بِمَا كَسَبَتۡ رَهِيۡنَةٌ (مدثر38)

هر نفس پنهنجي ڪسب (عملن) عيوض گروي آهي.

يَوۡمَ لَا تَمۡلِكُ نَفۡسٌ لِّنَفۡسٍ شَيۡـًٔا ۖ وَالۡاَمۡرُ يَوۡمَئِذٍ لِّلّٰهِ (انفطار-19)

ترجمو: "جنهن ڏينهن ڪوبه نفس ڪنهن ٻئي نفس جو ڀلو نه ڪري سگهندو، ان ڏينهن فقط الله جو حڪم هوندو."

**انساني نفس:**

قرآن حڪيم مطابق انساني شخصيت جو ٻيو حصو انساني نفس/نفس آهي. اهو ٻيو حصو انسان پاران زمين تي پنهنجي خلافتي ڪردار جي ادائگيءَ لاءِ پنهنجي راضپي سان حاصل ڪيل امانت آهي، جنهن تي انسان مڪمل دسترس رکي ٿو. هيءَ امانت انساني نفس کي مڪمل طور متوازن حالت ۾ پيدائش وقت عطا ٿيندي آهي. جيڪو انسان ان امانت کي الله جي حضور ۾



پهچائڻ ۾ ڪامياب رهيو ۽ ان جو توازن بگڙڻ نه ڏنو اهو ڪامياب ۽ سوڀارو هوندو ۽ جنهن ان جي توازن کي بگاڙي ڇڏيو اهو ناڪام ۽ نامراد هوندو. ان توازن جي قائم رهڻ جو بنيادي دارومدار حلال رزق ڪمائڻ ۽ انساني نفعي بخشيءَ تي آهي. انهن ٻنهي ڪمن سان انساني نفس جو توازن برقرار ۽ سگهارو رهندو آهي. جڏهن ته ظلم سان، پوءِ ان جي نوعيت ڪهڙي به قسم جي هجي ان جو توازن بگڙي ويندو آهي. اهو ظلم يعني عدل جي ابتڙ ڪم ڪيترو به معمولي ڇونه هجي ڪنهن نه ڪنهن درجي تي نفس جي توازن تي منفي اثر مرتب ڪندو آهي. اهو توازن جيترو وڌيڪ بگڙندو ان درجي تي نفس جي توازن تي منفي اثر مرتب ڪندو آهي ۽ آخرت ۾ ڪاميابيءَ جا امڪان اوترا ئي گهٽ ٿيندا ويندا. تنهنڪري ئي قرآن مجيد ۾ مؤمنن کي نفس جي حفاظت جو حڪم ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن انسان صالح ۽ انساني نفع بخشيءَ جا عمل ڪندو رهي ۽ حلال رزق تي ڪاربند رهي ته هڪ منزل اهڙي ايندي آهي جتي انسان پنهنجي رب کان ۽ سندس رب پنهنجي ٻانهي کان راضي ٿي ويندو آهي. هيءَ منزل قرآن جي اصطلاح ۾ "نفس مطمئنه" سڏجي ٿي جيڪا انساني زندگيءَ جو آخري مقصد آهي.

## سماجي زندگيءَ جو ٻيو ايڪو: ڪٽنب

قرآن حڪيم خانداني زندگيءَ ۾ اولاد، والدين ۽ مٽن مائٽن سان روين ۽ لاڳاپن جي ضرورت ۽ نفاست تي بيحد زور ڏنو آهي. ان ۾ اولاد ۽ مٽن مائٽن سان انهن روين ۽ لاڳاپن ۾ صلهءِ رحميءَ جا حڪم آهن، والدين سان انتهائي مهرباني ۽ خدمت جي جذبي سان احسان جو حڪم ڏنو ويو آهي.

**اولاد:**

هيءُ رشتو انساني فطرت جي گهرائين سان ڳنڍيل آهي، ان جي باوجود انسان ان رشتي کان مٿانهون ٿي ڪري پنهنجي تخليقي مقصدن جي پورائي لاءِ پنهنجي ترجيحات جي چونڊ ڪندو رهي. هن رشتي بابت قرآن ۾ چيو ويو آهي ته: هڪ طرف رزق جي کوٽ جي خوف کان اولاد جي قتل تائين تيار ٿي ويندو آهي ۽ ٻئي طرف ان جي محبت ۾ پنهنجي خالق ۽ رب کان ويڳاڻو بڻجي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ويندو آهي، تنهنڪري قرآن حڪيم ۾ انسان جو خوف ۽ محبت جي توازن ڏانهن وري وري ڌيان ڇڪرايو ويو آهي. فرمايو ويو:

وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَاِيَّاكُمْ (الاسراء 31)

”۽ پنهنجي اولاد کي مفلسيءَ جي انديشي سبب قتل نہ ڪريو، اسان انهن کي بہ رزق ڏيون ٿا ۽ توهان کي بہ.“

جيڪي ماڻهو مسڪينيءَ جي ڊپ کان اولاد جي پئدائش کي روڪين ٿا يا پٽن لاءِ وسيلن بچائڻ جي غرض سان پنهنجي نياڻين کي پيدا ٿيڻ نٿا ڏين يا قتل ڪري ڇڏين ٿا، اُهي ماڻهو انسانيت جا سڀ کان وڏا ڏوهاري آهن. ڪجھ ماڻهو مسيڪينيءَ جي ڊپ کان پنهنجن ٻارن کي ڪم سان لڳائين ٿا ۽ تعليم ۽ تربيت نٿا ڏيارين اهو پڻ قتل جي مترادف آهي.

ٻئي طرف فرمايو ويو آهي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩﴾ (المنافقون-9)

”اي ايمان وارؤ! توهان جا مال ۽ توهان جو اولاد توهان کي الله جي ياد ۽ فرمانبرداريءَ کان غافل نہ ڪن ۽ جيڪي ائين ڪندا تہ اهي ئي خساري ۾ پوڻ وارا ماڻهو آهن.“

انسان پنهنجي مال کي ميڙو ڪرڻ پويان ۽ پنهنجي اولاد جي اڻ ڪٿ مستقبل سنوارڻ جي چڪر ۾ جائز ناجائز دنياداريءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پنهنجو خسارو ڪري ٿو. تنهنڪري اولاد لاءِ فڪرمندي بہ ايتري ڪرڻي آهي جنهن سان انسان ان چڪر ۾ خدا سان پنهنجو ناتو نہ ٽوڙي ويهي. انسان جو پنهنجو الله جي حضور ۾ سرخروئيءَ سان وڃڻ بيحد اهم آهي.

## والدين:

انسان جي مٿان پيءُ ماءُ جو احترام ۽ خدمت سڀ کان پهريون حق آهي ۽ ساڻن احسان ڪرڻ جو حڪم آهي.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسٰنًا ۭ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ كُرْهًا ۭ وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ۭ حَتّٰٓي اِذَا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَبَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰي وَالِدَيَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَصْلِحْ لِيْ فِيْ ذُرِّيَّتِيْ ۚ اِنِّىْ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاِنِّىْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٥﴾ (الاحقاف-15)



”۽ اسان انسان کي حڪم ڏنو آهي تہ پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪري. سندس ماءُ ڪيس پيٽ ۾ سانديو ۽ تڪليف سان ڄڻيو. ۽ سندس ٿڃ ڇڏائڻ ٽيهن مهينن ۾ ٿي. ايستائين جو هُو پختگيءَ کي پهتو ۽ چاليهن ورهين کي پهتو تہ چوڻ لڳو تہ اي منهنجا رب! مون کي توفيق ڏي تہ مان تنهنجي احسان جو شڪر ادا ڪريان جيڪو تو مون تي ڪيو ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪيو ۽ هي تہ اهو نيڪ عمل ڪريان جنهن سان تون راضي ٿئين. پوءِ منهنجي اولاد کي منهنجي لاءِ نيڪ ڪجانءِ. مان توڏي رجوع ٿيان ٿو ۽ يقيناً مان تنهنجي فرمانبردار ٻانهن مان آهيان.“

هتي هر طرح سان خدمت ڪرڻ جي تاڪيد آهي. هڪ هنڌ فرمايو ويو آهي تہ:

وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۭ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَآ اَوْ كِلٰـهُمَا فَلَا تَـقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿٢٣﴾ وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿٢٤﴾ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ۭ اِنْ تَكُوْنُوْا صٰلِحِيْنَ فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿٢٥﴾ (الاسراء-23-25)

”۽ تنهنجي رب فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ توهان ان کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان سٺو سلوڪ ڪريو. جيڪڏهن هُو توهان جي آڏو پوڙهائپ کي پهچي وڃن، انهن مان هڪ يا ٻئي، تہ کين اُف نہ چئو ۽ نہ کين ڇڙٻ ڏيو ۽ ساڻن احترام سان ڳالهايو ۽ انهن آڏو نرميءَ سان عجز جون ٻانهون جهڪائي ڇڏيو ۽ چئو تہ اي رب! انهن ٻنهي تي رحم فرماءِ، جيئن تہ انهن مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو. تنهنجو رب خوب ڄاڻي ٿو تہ توهان جي دلين ۾ ڇا آهي. جيڪڏهن توهان نيڪ رهندؤ تہ هُو (اڳين ڪوتاهين تي) توبہ ڪندڙن کي معاف ڪندڙ آهي.

## اقربا:

قرآن حڪيم انسان جي سڦلائتي ۽ اثرائتي عملي زندگيءَ لاءِ عدل ۽ احسان جي روين سان گڏوگڏ اقربا (ويجهن مٽن مائٽن ۽ پاڙيسرين) سان صلئہ رحميءَ جو حڪم وڏي اهميت سان واضح ڪيو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَاۗئِ ذِي الْقُرْبٰى (النحل-90)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ترجمو: ”بيشڪ الله حڪم ڏئي ٿو عدل جو ۽ احسان جو ۽ قرابت دارن کي ڏيڻ جو.“

ماڻهو جيئن پنهنجي ٻارن ٻچن جي ضرورت کي ڏسي تڙپي اٿندو آهي ۽ ان کي پورو ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح ڪيس ٻين عزيز و اقارب ۽ پاڙيسرين جي ضرورتن جو پڻ احساس هئڻ گهرجي. هر هڪ صلاحيت مند شخص پنهنجي مال تي فقط پنهنجو ۽ پنهنجي گهر وارن جو ئي حق نہ سمجهي بلڪ پنهنجن مٽن مائٽن جي حقن ادا ڪرڻ کي بہ پنهنجي ذميداريءَ ۾ شامل ڪري. قرآن انفاق کي ايمان جو لازمي حصو قرار ڏنو آهي ۽ جتي بہ انفاق جي استعمال ۽ خرچ جو بيان ڪيو ان ۾ پيءُ ماءُ ڪانپوءِ اقربا (مٽن، مائٽن، پاڙيسرين) کي شامل ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پوءِ يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن تي خرچ ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ اهو پڻ صلهٔ رحميءَ جي درجي ۾ آهي.

يَسۡـَٔلُوۡنَكَ مَاذَا يُنۡفِقُوۡنَ قُلۡ مَاۤ اَنۡفَقۡتُمۡ مِّنۡ خَيۡرٍ فَلِلۡوَالِدَيۡنِ وَالۡاَقۡرَبِيۡنَ وَالۡيَتٰمٰى وَالۡمَسٰكِيۡنِ وَابۡنِ السَّبِيۡلِ وَمَا تَفۡعَلُوۡا مِنۡ خَيۡرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيۡمٌ (البقره-215)

”ماڻهو پڇن ٿا تہ ڇا خرچ ڪريون. چئہ تہ جيڪو مال توهان خرچ ڪريو تہ ان ۾ حق آهي توهان جي ماءُ پيءُ جو ۽ مٽن مائٽن جو ۽ يتيمن جو ۽ محتاجن جو ۽ مسافرن جو. اوهان جيڪي بہ خير جا ڪم ڪيو ٿا الله انهيءَ کي ڄاڻي ٿو. (۽ ان جو صلو ڏئي ٿو.)“

فَاٰتِ ذَا الۡقُرۡبٰى حَقَّهٗ وَالۡمِسۡكِيۡنَ وَابۡنَ السَّبِيۡلِ ذٰلِكَ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ يُرِيۡدُوۡنَ وَجۡهَ اللّٰهِ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ (الروم-38)

”پوءِ مٽن مائٽن کي سندن حق ڏيو ۽ مسڪين کي ۽ مسافر کي. اهو ڀلو آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله جو راضپو چاهين ٿا ۽ اُهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن.“

الله تعاليٰ انسانن لاءِ ڪاميابي ۽ سلامتيءَ جو جيڪو محفوظ قلعو ٺاهيو آهي ان جو رستو لازمي طور تي خرچ ڪرڻ جي شاهراهہ تان گذرندو آهي. سندس فرمان آهي تہ رزق جي ججهائي ملندي ئي ان بنياد تي آهي تہ ان ۾ ماءُ پيءُ، يتيمن، مسڪينن، سوالين، محرومن ۽ مسافرن جو حق آهي. جنهن اهو حق ادا ڪيو اهو الله جو راضپو ماڻيندو ۽ ان جي رحمت ۽ برڪت مان پڻ لهڻيدار ٿبو ٿيندو.



## سماج جو ٽيون ايڪو: قوم

قوم انساني سماج جو ٽيون اجتماعي ادارو آهي. الله تعاليٰ انسانن جي تعارف لاءِ قبائل ۽ اقوام جو وجود پنهنجي مشيت قرار ڏنو آهي.

وَجَعَلۡنٰكُمۡ شُعُوۡبًا وَّقَبَآئِلَ لِتَعَارَفُوۡا (الحجرات-12)

”اوهان کي قومن ۽ قبيلن ۾ ٺاهيو ويو تہ جيئن سڃاڻا وڃو.“

(ترجمو: امام راغب اصفهاني)

انسان جي تمدني زندگيءَ جي انهن ٻن ادارن قوم ۽ قبيلي جي ذريعي انسان جي سڃاڻپ قائم رهندي آهي، اها سڃاڻپ الله تعاليٰ جي مشيت آهي جيڪا هر حالت ۾ قائم رهڻ کپي. جيڪڏهن تمدني زندگيءَ جو ڪو بہ عمل، طريقو يا نظريو انهيءَ سڃاڻپ کي ميساريندو تہ اهو الله تعاليٰ جي مشيت جو انحراف ٿيندو. ان وقت ايمان وارن جو فرض بيهندو تہ اهي قومن ۽ قبيلن جي ان سڃاڻپ جي بقا لاءِ مزاحمت ۽ جهاد ڪن. پر اهي ٻئي سڃاڻپون انسان جي فوقيت ۽ عظمت جو بنياد نہ آهن. تنهنڪري فرمايو ويو: اِنَّ اَكۡرَمَكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ اَتۡقٰكُمۡ. ”الله تعاليٰ وٽ توهان مان عزت وارو اهوئي آهي جيڪو سڀني کان وڌيڪ پرهيزگار آهي.“ قرآن تمدني زندگيءَ ۾ انساني سماج جي هن ٽئين اداري، قوم جي تشڪيل ۽ جوڙجڪ جو بنياد ٻولين ۽ زبانون ٺهرايو. فرمايو:

وَمَاۤ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوۡمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمۡ (ابراهيم-4)

”۽ اسان جيڪو بہ پيغمبر موڪليو ان قوم جي ٻوليءَ ۾ موڪليو. ان لاءِ تہ جيئن (سندن ئي ٻوليءَ ۾ ڳالهہ جو) مطلب چٽو ڪري ڏيکاري.“

پوءِ انهن ٻولين جو هجڻ بہ الله تعاليٰ ان ريت ڪمال قدرت سان پنهنجي شعائر مان ڳڻايو آهي، جيئن زمين ۽ آسمان جي تخليق ان جي ڪمال قدرت سان تخليق ٿي آهي.

وَمِنۡ اٰيٰتِهٖ خَلۡقُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَاخۡتِلَافُ اَلۡسِنَتِكُمۡ وَاَلۡوَانِكُمۡ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلۡعٰلِمِيۡنَ (الروم-22)

”۽ ان جي نشانين مان آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ توهان جي ٻولين ۽ توهان جي رنگن جو اختلاف آهي. بيشڪ انهيءَ ۾ ڄاڻن وارن (قومن) جي لاءِ نشانيون آهن.“

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اللہ تعاليٰ کي انسانن جي آزادي پياري آهي، تہ جيئن هُو نيڪي ۽ بدي ۽ حق ۽ باطل جي ٻن رستن جي چونڊ ۾ مجاز بڻجي سگهن. بلڪل انهيءَ ريت قومن جي آزادي پڻ پياري آهي تہ جيئن قومون ڪنهن جبر ۽ غلاميءَ کانسواءِ پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي فطري طريقن تي عمل پيرا ٿي سگهن. تنهنڪري انساني تاريخ ۾ جڏهن بہ فردن ۽ قومن تي غلاميون مسلط ٿيون، اللہ تعاليٰ پيغمبرن ۽ مصلحين جي ذريعي انهن غلامين مان ڪڍڻ جا موقعا عطا ڪيا. سڀني نبين سڳورن جي اُها جدوجهد تفصيل سان قرآن مجيد ۾ هر هنڌ موجود آهي. بني اسرائيل جي مٿان مصر جي فرعونن جي مسلط ڪيل غلامي ختم ڪرڻ لاءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام جيڪا جدوجهد ڪئي سڄي قرآن ۾ ان جو وري وري ذڪر ٿيو آهي. حضرت موسيٰ عليہ السلام فرعون جي درٻار ۾ کليل لفظن ۾ بني اسرائيل جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو:

فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ (الاعراف 105)

”پوءِ بني اسرائيل کي (آزاد ڪري) مون سان وڃڻ ڏي.“

اللہ تعاليٰ کي فردن ۽ قومن جون اُهي آزاديون بهتر شخصيت ۽ سماج جي تشڪيل لاءِ پسنديده آهن. ان ڪانپوءِ فردن کي بهتر خاندان جي تشڪيل طرف وڌڻو آهي، تيئن قومن کي بهتر ملت جي قيام وارو مقصدن حاصل ڪرڻ جي ذميداري آهي.

**سماج:**

انسانن جي آبادي جيڪا قبيلن ۽ قومن مان ٺهندي آهي، قرآن حڪيم ۾ ان لاءِ ”القريہ“ يا ”القريٰ“ جو اصطلاح استعمال ٿيو آهي. امام راغب اصفهاني مفردات ۾ لکن ٿا ”القريہ اهو هنڌ آهي جتي ماڻهو گڏجي آباد ٿين تہ مجموعي حيثيت ۾ انهن ٻنهي (ماڻهن ۽ وستيءَ) کي قريہ چوندا آهن.“ (ص846) انسانن جي اجتماع ۽ انهن جي هنڌن کي انفرادي طور پڻ ”قريہ“ سڏيو ويندو آهي.

انساني آبادين کي هدايت جي راهہ تي هلائڻ لاءِ اللہ تعاليٰ طرفان هڪٻئي پٺيان ۽ ڪڏهن مختلف قومن ڏانهن هڪ ئي وقت پيغمبر ۽ سڌارڪ ايندا رهيا آهن. اللہ تعاليٰ هر دؤر ۾ وحي جي تعليم جي ذريعي انساني سماج جي سڀني فردن، رشتن ۽ ادارن کي هلائڻ لاءِ مڪمل رهنمائي ڪئي. جيڪي



معاشرا وحيءَ جي تعليم کي قبول ڪندا رهيا، ڪين امن، سلامتي ۽ اطمينان نصيب ٿيو پر جن معاشرن ان تعليم کان منهن موڙي پنهنجي سرڪشي ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ ظلم ۽ ناانصافيءَ وارو رستو اختيار ڪيو، قدرت ڪين پنهنجي گرفت ۾ ورتو.

وَكَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِىَ ظَالِمَةٌ ۭ اِنَّ اَخْذَهٗٓ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ (هود-102)

”۽ تنهنجي پروردگار جي پڪڙ اهڙي هوندي آهي جڏهن هُو انساني آبادين کي ظلم ڪندي پڪڙيندو آهي. پڪ سان سندس پڪڙ وڏي دردناڪ ۽ ڏاڍي سخت هوندي آهي.“

سڀني انساني آبادين ۽ معاشرن ۾ هادي ۽ نذير موڪليا ويا، جن ڪين چڱاين تي هلڻ ۽ مداين کان بچڻ ۽ ڪامرانيءَ جو رستو ٻڌايو. ان لاءِ ڪين باقاعدي مهلت ڏني وئي. ان جي باوجود جڏهن هُو ظلم ۽ ناانصافيءَ جون سموريون حدون ٽپي ويا تہ هلاڪت سندن مقدر بڻجي وئي:

وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى حَتّٰى يَبْعَثَ فِيْٓ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ وَمَا كُنَّا مُهْلِكِي الْقُرٰٓى اِلَّا وَاَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ (القصص-59)

”۽ (ياد رکو، توهان جي پروردگار جو قانون هيءَ آهي تہ) هُو تيستائين انسانن جي وسندين کي (سندن عملن جي نتيجي ۾) هلاڪ نہ ڪندو آهي، جيستائين سندن مرڪزي وسنديءَ ۾ هڪ پيغمبر مبعوث نہ ڪري ۽ خدا جون آيتون پڙهي ڪري نہ ٻڌائي. ۽ اسان ڪڏهن بہ وسندين کي هلاڪ ڪرڻ وارا نہ آهيون فقط ان حالت ۾ تہ ان جي باشندن ظلم جو شيوو اختيار ڪيو هجي.“

قرآن حڪيم اهڙي ظالم معاشري کي تبديل ڪرڻ ڏانهن سڏي ٿو:

وَمَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَاۗءِ وَالْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ۚ وَاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۚ وَّاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ نَصِيْرًا (النساء-75)

”۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان وڙهو نٿا اللہ جي راهہ ۾ ۽ انهن ڪمزور مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن لاءِ جيڪي چون ٿا تہ اي خدا اسان کي هن وسنديءَ مان ڪڍ جنهن جا رهاڪو ظالم آهن ۽ اسان لاءِ پاڻ وٽان ڪو پرجهلو بيهار ۽ اسان لاءِ پاڻ وٽان ڪو مددگار اتار.“

قرآن حڪيم، ”مستضعفين“ ۽ ”مستڪبرين“ جا بہ طبقا واضح ڪري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ٻڌايا آهن تہ مستڪبرين جو طبقو الله جي باغين ۽ سرڪشن جو طبقو آهي جيڪو سندس ٻانهن کي غلام بنائي انهن جي وسيلن ۽ محنت جو استحصال ڪري ظلم ڪندڙ بڻجي ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ انهن مستضعفين يعني غريب ڪمزورن جي طاقت کي منظم ڪري ان ظالماڻي سماج کي بدلائي انصاف ۽ عدل وارو معاشرو قائم ڪرڻ لاءِ قرآن حڪيم جا واضح احڪام آهن، تہ جيئن الله تعاليٰ جا ٻانها آزادي، اطمينان ۽ سلامتيءَ سان ان جي اطاعت ۽ راضپي لاءِ پاڻ حوالي ڪري سگهن. اهڙو معاشرو جيڪو طاقت جي زور تي انسانن ۽ قومن کي غلامي ۽ جبر ۾ رکي يا ڪمزور مردن، عورتن ۽ ٻارن کي طبقاتي غلاميءَ جي ماتحت ڪري وٺي، انهن ٻنهي صورتن ۾ هر قسم جي مزاحمت جا طريقا اختيار ڪرڻ قرآن جي مڃيندڙن لاءِ بيحد ضروري آهن. ۽ جيڪڏهن جنگ کانسواءِ اهو ڪنهن بہ صورت ۾ ممڪن ناهي تہ قرآن مذڪوره آيت ۾ نہ فقط ان آخري اقدام جو مطالبو ڪيو آهي بلڪ ظلم جي خلاف ان جنگ کي في سبيل الله جو رتبو قرار ڏنو آهي.

جيستائين سماج ۾ ظالماڻي نظام کي تبديل ڪرڻ جون اهي ڪوششون جاري رهنديون آهن تيستائين الله تعاليٰ سڄي سماج کي مهلت ڏيندو آهي تہ شايد ڪڏهن هي ماڻهو پنهنجي حالت بدلائين. تڏهن الله تعاليٰ جي ذات انهن سعادتمندن جي حفاظت ڪندي آهي جيڪي ان ڀلائيءَ جي ڪم ۾ سرگرم ٿيندا آهن. پر جڏهن اڪثريت ڪنهن بہ صورت ۾ تبديليءَ لاءِ تيار نہ هوندي آهي تہ پوءِ خدائي قانون موجب ڪين ڏوهاري قرار ڏيئي ڪين پنهنجي انجام ڏانهن ڌڪيو ويندو آهي.

فَلَوْلَا كَانَ مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْ قَبْلِكُمْ اُولُوْا بَقِيَّةٍ يَّنْهَوْنَ عَنِ الْفَسَادِ فِي الْاَرْضِ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّنْ اَنْجَيْنَا مِنْهُمْ وَاتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَا اُتْرِفُوْا فِيْهِ وَكَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿١١٦﴾ وَمَا كَانَ رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا مُصْلِحُوْنَ ﴿١١٧﴾ (هود117-116)

”پوءِ ائين ڇو نہ ٿيو جو توهان کان اڳين قومن ۾ اهڙا خير وارا هجن ها جيڪي زمين ۾ فساد ڪرڻ کان روڪين ها. اهڙا ٿورا ماڻهو نڪتا جن کي اسان انهن مان بچائي ورتو. ۽ ظالم ماڻهو تہ انهيءَ عيش ۾ پيا رهيا جيڪو کين مليو هو ۽ (ان سببان) هُو ڏوهاري هئا ۽ تنهنجو رب اهڙو ناهي جو هُو وسندين کي ناحق تباهہ ڪري، جيتوڻيڪ ان جا رهاڪو سڌارڪ ڪردار ادا ڪندڙ هجن.“



# سماج جو ڇوٿون ايڪو: بين الاقواميت

اسلام ۾ قومن جو وجود انسانن جي تعارف لاءِ مثبت ۽ الله تعاليٰ جي مشيت ۽ مرضيءَ جي تقاضا آهي. پر اسلام قومن کي مستقل درجو ڏيڻ سان گڏوگڏ ڪين هڪ بين الاقواميت جي عملي سلسلي ۾ رکڻ گهري ٿو تہ جيئن ان عمل سان ملت جي صورت ۾ وسيع انساني اجتماعيت قائم ٿي سگهي.

**اقوام:**

الله تعاليٰ کي جهڙيءَ ريت پنهنجن ٻانهن جي انفرادي غلامي، استحصال ۽ غير الله جي ٻانهپ پسند ناهي، اهڙيءَ طرح انسانن جي منظم ترين اجتماع ”قوم“ جي غلامي ۽ استحصال پڻ هرگز منظور ڪونهي. تنهنڪري طاقت ۽ ڏاڍ جي بنياد تي جڏهن بہ انسانن کي محڪوم بڻايو ويو آهي تہ الله تعاليٰ ڪن لاءِ ڪن جي ذريعي مدافعت ڪرائي قومن جي آزادي ۽ ڇوٽڪاري جا اسباب ناهيا آهن. قرآن حڪيم ۾ چيو ويو آهي:

اَلَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ حَقٍّ اِلَّآ اَنْ يَّقُوْلُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ۭ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَّصَلَوٰتٌ وَّمَسٰجِدُ يُذْكَرُ فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ۭ وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٤٠﴾ (الحج-40)

”جيڪي ماڻهو پنهنجي وسندين مان ناحق تڙيا ويا، توڙي جو اهي پنهنجي الله کي پنهنجو پالڻهار مڃيندڙ هئا ۽ (ڏسو) جيڪڏهن الله ڪن ماڻهن جي هٿان ڪن ماڻهن جي مدافعت نہ ڪرائيندو رهي ها. (۽ هڪ گروهہ کي ٻئي گروهہ تي ظلم ۽ تشدد جي کلي ڇُوٽ ڏيئي ڇڏي ها) تہ ڪنهن قوم جي عبادتگاهہ زمين تي محفوظ نہ رهي ها. خانقاهون، گرجا، عبادتگاهون، مسجدون جن ۾ ڪثرت سان الله جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، سڀ ڪڏهن جو ڊاهي ڇڏيا وڃن ها. (پر ياد رکو تہ) جيڪو بہ الله جي واٽ جي حمايت ۾ هوندو تنهن جي الله بہ ضرور مدد ڪندو. پڪ سان هو بيحد سگهارو ۽ سيني تي غالب آهي.“

قرآن حڪيم تمدني زندگيءَ ۾ قومن جي سڃاڻپ ۽ تعارف سان گڏ ڪين عدل ۽ انصاف تي عمل پيرا رهڻ جو تاڪيد ڪيو آهي تہ ڪنهن بہ طرح سندن

www.iqbalkalmati.blogspot.com



خواهشن، سندن مفادن ۽ سندن ضرورتن جي طلب ان حد تائين نہ پهچي وڃي جو هُو ٻين قومن سان انصاف ڪرڻ ڇڏي ڏين. تنهنڪري فرمايو ويو:

وَلَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شَنَاٰنُ قَوۡمٍ عَلٰٓى اَلَّا تَعۡدِلُوۡا‌ؕ اِعۡدِلُوۡا هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى‌ وَاتَّقُوا اللّٰهَ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ۝٨ (مائده-8)

”۽ (ڏسو!) ائين ڪڏهن نہ ٿئي جو ڪنهن قوم جي دشمني توهان کي هن ڳالهہ تي نہ اُڀاري تہ (ساڻن) انصاف نہ ڪريو. (هرحال ۾) انصاف ڪريو، اها ئي تقويٰ سان ٺهڪندڙ ڳالهہ آهي. ۽ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو. توهان جو ڪجهہ ڪريو ٿا هو ان جي خبر رکندڙ آهي.“

**ملت:**

دين الاهيءَ جو بنياد انسان ذات جي هيڪڙائي ۽ يڪائپي آهي. الله تعاليٰ جا جيترا بہ رسول دنيا ۾ آيا سيني اِها تعليم ڏني هئي تہ توهان اصل ۾ هڪ امت آهيو ۽ اوهان سيني جو پروردگار هڪ ئي آهي. تنهنڪري توهان سيني کي کپي تہ انهيءَ هڪ پروردگار جي بندگي ڪريو.

قرآن حڪيم چوي ٿو تہ شروعات ۾ سڀ انسان قدرتي زندگي بسر ڪندا هئا ۽ انهن ۾ نہ ڪنهن قسم جو اختلاف هو نہ ڪو جهڳڙو. پوءِ ائين ٿيو تہ انساني نسل جي گهڻائي، معيشت جي ضرورتن جي وسعت، تڪڙن مفادن جي هيڇ ۽ پنهنجي اولاد جي آئيندي بابت خدشن سبب طرحين طرحين اختلاف پيدا ٿيا ۽ انهن اختلافن ۽ تفرقي، ظلم ۽ فساد جي صورت اختيار ڪري ورتي. هر گروهہ ٻئي گروهہ سان نفرت ڪرڻ لڳو ۽ هر زبردست زيردست جا حق ڦٻائڻ لڳو. جڏهن اِها صورتحال پيدا ٿي تہ ضروري ٿيو تہ انسان ذات جي هدايت ۽ عدل ۽ سچائيءَ جي قيام لاءِ وحي الاهيءَ جي روشني ظاهر ٿئي، تنهنڪري اُها روشني ظاهر ٿي ۽ خدا جي رسولن جي دعوت ۽ تبليغ جو سلسلو قائم ٿيو.

كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيۡنَ وَمُنۡذِرِيۡنَ وَاَنۡزَلَ مَعَهُمُ الۡكِتٰبَ بِالۡحَـقِّ لِيَحۡكُمَ بَيۡنَ النَّاسِ فِيۡمَا اخۡتَلَفُوۡا فِيۡهِ‌ؕ (بقره-213)

”شروعات ۾ سڀ انسان هڪ ئي گروهہ هئا (پوءِ انهن ۾ اختلاف پيدا ٿيو پوءِ الله نبين کي مبعوث ڪيو. هُو (نيڪ عمليءَ جي نتيجن جي) خوشخبري ڏيندا ۽ (بدعمليءَ جي نتيجن کان) تنبيهہ ڪندا هئا ۽ انهن سان گڏ ”الڪتاب“



(يعني وحي الاهيءَ جي لکيل ڪتاب جي تعليم) نازل ڪيو، تہ جيئن جن ڳالهين ۾ ماڻهو اختلاف ڪرڻ لڳا هئا، انهن ۾ اهو فيصلو ڪندڙ هجي.“

قرآن حڪيم حضرت ابراهيم عليہ السلام جي شخصيت کان شاهدي ڏياري ٿو تہ جهڙيءَ ريت هُو دين حق واري راهہ تي سموري انسان ذات لاءِ الله تعاليٰ جي وحدانيت جي ميجوتيءَ ۾ هر قدم تي اڳ کان اڳرو ۽ نيڪ عمليءَ واري زندگيءَ جو مثال هو، تہ ان کي پنهنجي لاءِ حجت بڻايو.

وَقَالُوۡا كُوۡنُوۡا هُوۡدًا اَوۡ نَصٰرٰى تَهۡتَدُوۡا‌ؕ قُلۡ بَلۡ مِلَّةَ اِبۡرٰهٖمَ حَنِيۡفًا‌ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ

(البقره-135)

”۽ يهودي چون ٿا تہ يهودي ٿي وڃو، هدايت ماڻيندؤ. نصاريٰ چون ٿا تہ نصراني ٿي وڃو، هدايت ماڻيندؤ. (اي پيغمبر) تون چؤ تہ! (الله جي عالمگير هدايت توهان جي انهن گروهہ بندين جي پابند نٿي ٿي سگهي) هدايت جي راهہ تہ اُها ئي حنيفي راهہ آهي جيڪا ابراهيم جو طريقو هئي ۽ هُو مشرڪن مان نہ هو.“

قرآن حڪيم امت واحده جي تشڪيل لاءِ امت محمديہ تي هيءَ ذميداري لاڳو ڪئي تہ هُو انسانيت کي معروف (سلامتيءَ جي قدرن) سان بهره ور ڪن ۽ منڪر (هلاڪت جي مظاهر) کان بچائين.

كُنۡتُمۡ خَيۡرَ اُمَّةٍ اُخۡرِجَتۡ لِلنَّاسِ تَاۡمُرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَتَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَتُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ‌ؕ

(آل عمران 110)

”توهان پلاري ۽ ذميداريءَ واري امت آهيو جنهن کي ماڻهن لاءِ ڪڍيو ويو آهي تہ توهان ڀلائيءَ جو حڪم ڏيو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان آڻيو ٿا.“

انسان کي زمين تي خليفو بڻائي نيابت الاهي عطا ڪئي وئي آهي. نيابت الاهيءَ جي ذميدارين جو تعلق انسان جي انفرادي زندگيءَ کان وڌيڪ اجتماعي زندگيءَ سان آهي، تنهنڪري قرآن حڪيم انسانن جي اجتماعيت کي قائم رکڻ لاءِ انسانيت ۽ دين جي هيڪڙائي ۽ وحدت کي هر حال ۾ برقرار رکڻ جي تلقين ڪئي آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوۡا رَبَّكُمُ الَّذِىۡ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ نَّفۡسٍ وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ مِنۡهَا زَوۡجَهَا وَبَثَّ مِنۡهُمَا رِجَالًا كَثِيۡرًا وَّنِسَآءً‌ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِىۡ تَسَآءَلُوۡنَ بِهٖ وَالۡاَرۡحَامَ‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيۡكُمۡ رَقِيۡبًا

(نساءِ-1)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



”اي انسانو! پنهنجي پروردگار (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو. اهو پالڻهار جنهن توهان کي اڪيلي جان مان پيدا ڪيو (يعني جهڙيءَ ريت مرد جي نسل مان ڇوڪرو پيدا ٿيندو آهي تہ ڇوڪري بہ پيدا ٿيندي آهي) پوءِ انهن ٻنهي جي نسل مان مردن ۽ عورتن جو وڏو تعداد دنيا ۾ پکيڙيو (۽ مٿن مائٽين ۽ قرابتن جو تمام وڏو دائرو ظاهر ٿيو) پوءِ ڏسو، جنهن جي نالي تي هڪٻئي کان (مهر ۽ محبت جو) سوال ڪندا آهيو. قرابت داريءَ جي معاملي ۾ بيپرواهہ نہ ٿي وڃو. يقين رکو تہ الله توهان تي (توهان جي عملن جو) نگهبان آهي.“

قرآن انسانيت جي ان وحدت کي قائم رکڻ لاءِ ايمان جي مرڪزي نڪتن ۽ عمل لاءِ ”المعروف“ ۽ ”المنڪر“ جا تفصيل پڻ بيان ڪيا آهن. معروف عرف مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ سڃاڻڻ آهي.تنهنڪري ”معروف“ اهڙي ڳالهہ ٿي جيڪا انسانن جي سلامتي ۽ ڪاميابيءَ لاءِ ڄاتل سڃاتل ڳالهہ ۽ مڃيل حقيقت هجي. ”منڪر“ جي معنيٰ انڪار آهي. يعني اهڙي ڳالهہ جنهن مان انساني تباهيءَ جي محرڪات ۽ پڌرن مظاهر جو انڪار ڪيو ويو هجي. قرآن نيڪي ۽ برائيءَ لاءِ اهي لفظ ان ڪري اختيار ڪيا جو هو چوي ٿو تہ دنيا ۾ عقيدن ۽ فڪرن جو ڪيترو بہ اختلاف ڇو نہ هجي، پر ڪجهہ ڳالهيون اهڙيون آهن جن جي سٺي هجڻ تي سڀني کي اتفاق آهي. ديانتداري سٺي ڳالهہ آهي، بدديانتي برائي آهي. ان سان ڪنهن کي بہ اختلاف ڪونهي تہ ماءُ پيءُ جي خدمت، پاڙيسرين سان سهٺو سلوڪ، مسڪينن جي پرگهور، مظلوم جي دادرسي انسان جا سٺا اعمال آهن ۽ ظلم ۽ بدسلوڪي خراب عمل آهن. چڻ تہ اِهي اُهي ڳالهيون ٿيون جن جي سٺائي عام طور تي ڄاتل سڃاتل هجي ۽ جن جي خلاف وڃڻ عام طور تي انڪار ۽ اعتراض جوڳو آهي. دنيا جا سمورا مذهب، دنيا جا سمورا اخلاق، دنيا جون سموريون حڪمتون، دنيا جون سموريون جماعتون ٻين ڳالهين ۾ ڪيترو بہ اختلاف رکنديون هجن، پر جيستائين انهن عملن جو تعلق آهي سڀ هڪ ئي راءِ ۽ خيال رکن ٿا.

قرآن چوي ٿو تہ ان ئي عملي واٽ کي انسان ذات لاءِ خدا، ”دين“ قرار ڏنو آهي. اهو ئي سڌو ۽ درست دين آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ ٽيڏ ۽ خامي ناهي. اهو ئي ”دين حنيف“ آهي جنهن جي دعوت حضرت ابراهيم ڏني هئي. انهيءَ جو نالو قرآن جي اصطلاح ۾ ”الاسلام“ آهي، يعني خدا جي مقرر



ڪيل قانونن جي فرمانبرداري.

قرآن حڪيم دين لاءِ ”الاسلام“ جو لفظ ان ڪري اختيار ڪيو آهي جو ”الاسلام“ جي معنيٰ ڪنهن کي مڃي وٺڻ ۽ فرمانبرداري ڪرڻ آهي. هُو چوي ٿو تہ دين جي حقيقت ئي اها آهي تہ الله تعاليٰ جيڪو قانون انسان جي سعادت لاءِ مقرر ڪيو آهي ان جي پليءَ پت پوئواري ڪئي وڃي. هُو چوي ٿو تہ اها ڳالهہ فقط انسان لاءِ ئي نہ آهي پر سموري ڪائنات انهيءَ بنياد تي قائم آهي. سيني جي بقا ۽ قيام لاءِ الله تعاليٰ ڪونہ ڪو عملي قانون مقرر فرمايو آهي ۽ سڀ ان جي اطاعت ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هڪ پَلَ لاءِ بہ ان کان روگرداني ڪئي وڃي تہ ڪائنات جو نظام درهم برهم ٿي وڃي.

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# قرآن جو پڌايل اقتصادي شعور

الله تعاليٰ انسان کي زمين تي پنهنجو خليفو بڻايو آهي ۽ خليفو هئڻ جي حيثيت ۾ انسان الله تعاليٰ جي منشاء ۽ حڪمت عمليءَ کي سرانجام ڏيڻ جو پابند آهي. هي حڪمت عملي الله تعاليٰ پنهنجي رسولن جي ذريعي سندن ئي ٻوليءَ ۾ وقت بوقت دنيا جي هر ملڪ ۽ قوم جي سامهون پيش ڪئي:

"لِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ۔ "(الرعد-7)

"هر هڪ قوم جي لاءِ راهه ڏيکاريندڙ آهن. "

انسانن جي انهيءَ هدايت واري واٽ جي لاءِ "قرآن حڪيم" الاهي دستور جو آخري ايڊيشن آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جي انهيءَ منشاء ۽ حڪمت عمليءَ جي تشريح آهي. ان تشريح ۾ سڀ کان پهريون اصول: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ۔ آهي. "الله تعاليٰ سڄي جهان وارن جي پالڻهار لاءِ سڀ ساراهه آهي."

## پالڻهاريءَ جو مفهوم ۽ خلافت جي ذميواري:

پالڻهاريءَ جو مفهوم هي آهي:

هُوَ انشاءُ الشيءِ حالا فحالا الي حدالتمام

"ڪنهن شيءِ جي ان جي مختلف حالتن ۽ ضرورتن مطابق محبت ۽ شفقت سان اهڙي طرح پال پوس ڪندو رهڻ جو اها پنهنجي توڙ واري حد تي پهچي وڃي."

(مفردات امام راغب اصفهاني)

هتان هيءَ حقيقت واضح ٿي وڃي ٿي ته ربوبيت يا پالڻهاريءَ جو مفهوم صرف اسباب مهيا ڪرڻ تائين ختم نٿو ٿي وڃي بلڪ اسباب جي تنظيم جوڙي هلائڻ جو نظام به ان ۾ داخل آهي. انسان جيئن ته خليفو آهي، انهيءَ



ڪري خليفي هئڻ جي حيثيت ۾ اهڙو نظام حيات قائم ڪرڻ جو پابند آهي، جنهن ۾ صرف الله جي حڪمت عملي جو عڪس نظر ايندو هجي. خليفو هن ڳالهه جو به پابند آهي ته جيڪي پيداواري وسيلا سڀني انسانن جي گڏيل ميراث ڪري پيدا ڪيا ويا آهن " خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا "(البقره: ٢٩) هو انهن جي تقسيم جي نظام جو اهڙو بندوبست ۽ نگراني ڪري، جنهن سان ڪي طاقتور ماڻهو يا طبقا ڪمزور ماڻهن يا طبقن جو حق غضب ڪري نه سگهن. قرآن حڪيم ۾ جهڙي طرح زمين جهڙي بنيادي پيداواري وسيلن کي الله تعاليٰ پاڻ ڏانهن منسوب ڪيو آهي ته "ان لاءِ جيڪو پاڻي موڪليون ٿا سو اسان ٿا موڪليون. ءَاَنْتُمْ اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ( واقعه: ٦٩) يا جيڪا "زمين ۾ اوپڙ جي صلاحيت آهي اها به اسان جي تخليق ڪيل آهي." ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ (پارو ٢٧؛ آيت واقعه: ٦٤) انهيءَ بنياد تي زرعي زمين به الله جي آهي ۽ اها سڀني انسانن جي گڏيل افادي لاءِ آهي. هاڻي خليفي جو ڪم آهي ته هو زمين جي تقسيم ۽ استفادي جو اهڙو نظام رکي جنهن ۾ سرمائي يا طاقت جي بنياد تي ڪو به ماڻهو پنهنجي آبادي ڪرڻ جيتري حق کان وڌيڪ پاڻ وٽ قبضي ۾ نه آڻي سگهي. عليٰ هٰذالقياس قدرت جا پيدا ڪيل سڀئي پيداواري وسيلا انسانن جو مشترڪ سرمايو آهن ۽ ان ۾ سڀني کي برابر جي استفاديءَ جو استحقاق آهي، باقي ان مهيا وسيلن مان فائدو حاصل ڪرڻ جو نتيجو انسان جي پنهنجي محنت تي آهي. الله جيڪو ڪجهه ڏئي ٿو اهو مقرر نظام ۽ عدل سان ڏئي ٿو. جيئن پنهنجي رحمت سان وسڪارو ڪري ٿو ته سڀني لاءِ پاڻي وسائي ٿو پر ان جو فائدو اهو هاري وڌيڪ بهتر حاصل ڪري سگهندو جنهن اڳواٽ محنت ڪري زمين ڪيڙي ان ۾ ٻج ڇٽي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح هر ماڻهو پنهنجي صلاحيت جي مطابق هڪ نظام هيٺ ان مان استفادو حاصل ڪري سگهي ٿو.

قرآن حڪيم ۾ فرمايو ويو آهي:

اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ (القمر-49)

"بيشڪ، اسان سڀ ڪنهن شيءِ کي ان جي اندازي سان پيدا ڪيو آهي. "

هتان هيءَ ڳالهه به چٽي طرح واضح آهي ته ربوبيت جو مفهوم ڪنهن خاص شعبي جي حيات لاءِ مخصوص ڪونهي بلڪ ان ۾ ذهني ۽ جسماني، روحاني ۽ سماجي، اخلاقي ۽ اقتصادي مطلب ته هر قسم ۽ هر شعبي جي ترقي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



۽ اوسر ان ۾ شامل آهي. انهيءَ ڪري رب العالمين جي خليفي لاءِ سندس انتهائي وسعت جي حد تائين اهڙو نظام قائم ڪرڻ ضروري آهي، جنهن سان تربيت ۽ پالنا توڙي ترقي ۽ سلامتي جو نظام هڪجهڙن ڪائناتي ۽ عالمگير اصولن تي هجي. اهڙي طرح جنهن وقت به جهڙيون ضرورتون هجن، تن سڀني جي پٽاندر هجي، تان ته ڪنهن به مذهب ۽ ملت جي فرق ڪانسواءِ سڀني کي هڪجهڙا ذريعا ۽ موقعا حاصل ٿي سگهن ۽ ان مان هڪ مقرر نظام ۽ عدل هيٺ پنهنجي پنهنجي صلاحيتن پٽاندر سڀ ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

حقيقت ۾ انهيءَ مقصد جي پورائي لاءِ ئي هن جهان جون اصل جوڙون جوڙيندڙ زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ انسان جي لاءِ مسخر ڪئي آهي ۽ سڄي مخلوق کان ان کي تڪريم وارو بڻائي هيءَ خلافت واري "امانت" ڪيس سپرد ڪئي آهي:

وَسَخَّرَ لَكُم مَّا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا مِّنْهُ (الجاثيه-13)

"۽ جيڪي آسمان ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي تن سڀني کي پنهنجي طرفان اوهان جي لاءِ ڪم ۾ لاتو اٿس."

إِنَّا عَرَضْنَا الْأَمَانَةَ عَلَى السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَالْجِبَالِ فَأَبَيْنَ أَن يَحْمِلْنَهَا وَأَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْإِنسَانُ (الاحزاب-72)

"بيشڪ، اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن جي اڳيان امانت کي آندو. پوءِ انهن ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان ڊڄي ويا ۽ ان کي انسان کنيو."

**خلافت امانت آهي ۽ خليفو امين الله:**

انهيءَ بنياد تي خلافت نج امانت هوندي ۽ خليفو امين الله هوندو. خلافت هر حيثيت ۾ سڀني امانتن جي سنڀال ۽ نگراني ڪندي ۽ انهن کي اهڙي طرح تنظيم ۽ تقسيم ۾ آڻيندي جو اها مخلوق جي لاءِ الله تعاليٰ جي صفت "رزاقي" جو مظهر بڻجي پوي.

إِنَّ اللَّهَ يَأْمُرُكُمْ أَن تُؤَدُّوا الْأَمَانَاتِ إِلَىٰ أَهْلِهَا وَإِذَا حَكَمْتُم بَيْنَ النَّاسِ أَن تَحْكُمُوا بِالْعَدْلِ (النساء-58)

"بيشڪ، الله اوهان کي حڪم ڪري ٿو ته امانتون سندن مالڪن کي پهچائي ڏيو ۽ (حڪم ڪري ٿو ته) جڏهن اوهين ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪريو ته انصاف سان فيصلو ڏيو."



وَأَنفِقُوا مِمَّا جَعَلَكُم مُّسْتَخْلَفِينَ فِيهِ (الحديد-7)

"۽ ان (مال) مان خرچ ڪريو جنهن ۾ اوهان کي پنهنجو نائب ڪيو اٿس."

چاڪاڻ ته خلافت الاهي ۾ هر شيءِ جو حقيقي مالڪ الله آهي انهيءَ ڪري قرآن جي روءِ سان مملڪت جون سڀ شيون ماڻهن کي فقط "امانت" جي طور تي استعمال لاءِ ڏنيون وڃن ۽ هر فرد جي حيثيت "امين" واري هجي. انهيءَ قسم جي نظام کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ خلافت جي سامهون هڪڙا طئي ٿيل مقصد هوندا ۽ ٻيا انهن مقصدن جا طريقي ڪار هوندا. مقصد قرآن مقرر ڪري ڇڏيا آهن ۽ طريقي ڪار رياست هر دور ۾ پنهنجي موجود حالتن پٽاندر جوڙيندي. قرآن جا اهي مقرر ڪيل مقاصد هي آهن ته جهڙي طرح الله پنهنجي سڄي مخلوق جي لاءِ رزق جي بخشش عام ڪئي آهي ۽ ان جي تقسيم واري نظام ۾ ڪنهن کي خاص بنائڻ ۽ ترجيح ڏيڻ جي صورت پيدا نٿي ٿئي، بلڪل ساڳي طرح رياست جو فرض آهي ته اها الله جي مخلوق لاءِ رزق جي وسيلن جي ضرورتن پٽاندڙ عدل سان اهڙي طرح تقسيم ڪري جو مرتبي، مذهب ۽ نسل جو فرق به ان جي آڏو نه اچي. ساڳي وقت ان جو هي به فرض آهي ته اها انسانن جي لاءِ انهن ڪيل محنت ۽ سعيي جو محنتاڻو به نظر انداز نه ڪري ته جيئن ترقيءَ جي لاءِ انساني مهارتن مان وڌ ۾ وڌ فائدو سماج کي رسي سگهي.

جهڙي طرح الله پنهنجي سڄي مخلوق جي رزق جو ذميوار آهي ۽ رزق جي ذريعن جو سڄو ڦهلاءُ سندس قدرت آهي، بلڪل اهڙي طرح رياست جو فرض بڻبو ته اها عوام جي مفاد کي سامهون رکندي سندن ضرورتن ۽ مصلحتن پٽاندڙ رزق جي ذريعن جي تنظيم ۽ تقسيم ڪري. اهڙي طرح الله جي مخلوق جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري پنهنجي ذميدارين کي نڀائي.

وَمَا مِن دَابَّةٍ فِي الْأَرْضِ إِلَّا عَلَى اللَّهِ رِزْقُهَا (هود-6)

"۽ زمين تي هلڻ وارو ڪوبه اهڙو نه آهي جنهن جي روزي الله جي ذمي نه هجي."

**پيداوار جي ذريعن جي تقسيم ڪيئن ٿئي؟**

رهيو طريقي ڪار جو مسئلو ته ان مقصد تائين پهچڻ جو ڪهڙو رستو اختيار ڪيو وڃي؟ انهيءَ سلسلي ۾ رياست جي سامهون ٻه ڳالهيون اهم هجڻ گهرجن.

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



1- پيداواري ذريعن جو نظام. 2- پيداوار جي تقسيم. ڇاڪاڻ ته مقصد متعين آهن، تنهن ڪري انهن مقصدن کي سامهون رکي اهڙو نظام جوڙيو وڃي جو لازمي طرح الله جي مخلوق کي رزق طيب مهيا ٿي سگهي. پوءِ ڀلي پيداوار جا ذريعا فردن جي حوالي هجن يا جماعتن جي حوالي. البت ان ۾ رڳو هيءَ ڳالهه بيحد ضروري آهي ته انهن فردن توڙي جماعتن جي لازمي طور تي هڪ "امين" واري حيثيت هجي. انهن کي به تيستائين ان امانت سنڀالڻ جو حق حاصل هوندو جيستائين اهي مٿي ڄاڻايل مقصدن جي حاصلات لاءِ رياست جو هٿ ونڊائيندا رهندا. ٻي صورت ۾ رياست ان مقصد لاءِ هر اصلاح ڪرڻ جي مجاز آهي. جيڪڏهن ڪٿي اها ذميواري رياست ادا نٿي ڪري ته پوءِ الله جا مڃيندڙ پنهنجي ذاتي ۽ اجتماعي حيثيت ۾ اهي ذميواريون نڀائيندا ۽ گڏوگڏ اهڙي نظام جي قيام لاءِ جاکوڙيندا جنهن سان رياست، الله جي فرمانبرداري ۽ رزق جي تقسيم جي ذميوار بڻجي.

**پيداوار جا ذريعا عام ڀلي لاءِ آهن:**

بهرحال هي هڪ طئي ٿيل ڳالهه آهي ته خلافت الاهي ۾ پيداوار جا ذريعا ذاتي وقار ۽ اقتداري سگهه وڌائڻ جي لاءِ نه هوندا آهن ۽ نه اِن لاءِ هوندا آهن ته انهن جي بنياد تي ڪو به اڪيلو ماڻهو يا جماعت رزق جي وسيلن تي قابض ٿي ڪمزورن کي پنهنجي غلاميءَ تي مجبور ڪري سگهن. جيڪڏهن الله جي قانونن کي توڙي ڪنهن سماج ۾ فردن يا جماعتن ايئن ڪيو آهي ته پوءِ الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن ۽ وستين کي هلاڪت ۽ تباهيءَ ۾ وڌو آهي:

وَكَمْ أَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ بَطِرَتْ مَعِيشَتَهَا (القصص-58)

"۽ ڪيترائي ڳوٺ اسان برباد ڪيا جيڪي پنهنجي گذران ۾ حد کان لنگهي ويا."

فَلَمَّا نَسُوا مَا ذُكِّرُوا بِهِ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ أَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ حَتَّىٰ إِذَا فَرِحُوا بِمَا أُوتُوا أَخَذْنَاهُمْ بَغْتَةً فَإِذَا هُمْ مُبْلِسُونَ۔ (الانعام-44)

"پوءِ کين جيڪا نصيحت ڪئي وئي تنهن کي انهن جڏهن ڀُلائي ڇڏيو تڏهن اسان مٿن سڀ ڪنهن شيءِ جا دروازا کوليا. تان جو جيڪي (رزق جا وسيلا) کين ڏنا ويا تنهن سان جنهن وقت خوش ٿيا تڏهن اسان انهن کي اوچتو پڪڙيو ۽ پوءِ اهي اتي جو اتي (هن دنيا ۾ ئي) نااميد ٿيا."



وَإِذَا أَرَدْنَا أَنْ نُهْلِكَ قَرْيَةً أَمَرْنَا مُتْرَفِيهَا فَفَسَقُوا فِيهَا فَحَقَّ عَلَيْهَا الْقَوْلُ فَدَمَّرْنَاهَا تَدْمِيرًا۔ (بني اسرائيل-16)

"۽ جڏهن به اسان ڪنهن وستيءَ کي برباد ڪرڻ گهريو ته ان جي آسودن ماڻهن کي حڪم ڪيوسون، پوءِ انهن (رزق جي وسيلن ورهائڻ) ۾ نافرماني ڪئي، پوءِ ان وستيءَ تي عذاب جي ڳالهه ثابت ٿي، پوءِ اسان ان کي چڱيءَ طرح نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو."

هتي هيءَ ڳالهه به واضح ٿيڻ کپي ته خلافت الاهي ۾ انفرادي ۽ اجتماعي ملڪيت جي به ڪا اهميت ڪونهي، اصل شيءِ مقصد آهي. جيڪڏهن فردن ۾ تقسيم ڪرڻ سان هي مقصد حاصل ٿي وڃي ٿو ته پيداوار جا ذريعا فردن ۾ تقسيم ڪيا ويندا پر جيڪڏهن اجتماعي طور تي ڪم يا پوک ڪرائڻ ۾ عام ماڻهن جو نفعو هجي ته ان کان به ڪا روڪ ٽوڪ ناهي.

حقيقت هي آهي ته اسلام خدمت خلق تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو. ان جي نظر ۾ فرضن جي اهميت وڌيڪ آهي، حق انهيءَ سان پاڻهرتو لاڳاپيل آهن. يعني جهڙيءَ طرح اسلام جي عدالت مان هر شخص کي هي حق مليل ٿو ته هو زنده رهي ۽ زندگيءَ جي ضرورتن مان نفعو حاصل ڪري، ان کان وڌيڪ هن ڳالهه جي تاڪيد ڪئي وڃي ٿي ته هو ٻين کي به زنده رهڻ ڏئي ۽ ايثار ۽ قرباني ۾ هڪ ٻئي کان اڳ ڪڍي وڃڻ جي ڪوشش ڪري.

**ملڪيت جي مسئلي جو غلط تصور:**

بدقسمتيءَ سان دولتمندن، تاريخ جي هر دور ۾ مذهبي پيشه ورن جي سهڪار سان پيداواري ذريعن جي انتظام ڪاريءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت ذاتي ملڪيت جي مسئلي کي ڏني آهي. عام اشياءَ جي ملڪيت کي انسانن جي اجتماعي وسيلن تائين وسيع ڪيو ويو آهي. ان جي نتيجي ۾ انفرادي ۽ اجتماعي مسئلا ايڏا ڳنڀير بڻجي ويا آهن جو انهن انسانن کي پنهنجي اصل مقصد کان کوهين پري ڪري ڇڏيو آهي ۽ الله جي مخلوق جي حقيقي خوشحالي ۽ بحالڪاري انهيءَ ڇڪتاڻ جي ور چڙهي وئي آهي. ذاتي ملڪيت جي انهيءَ غلط تصور، گهڻو ڪري اهڙا انسانيت دشمن نتيجا پيدا ڪيا آهن جو هڪ طرف گهر ويٺي بنا محنت، دولت ۽ عياشي جي سامان جي گهڻ ٿي وئي آهي ۽ ٻئي طرف محنت ۽ مشقت جي باوجود غربت ۽ مفلسيءَ جا چرڪائيندڙ منظر عام جام ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



امير جي امير تر ٿيڻ ۽ غريب جي غريب تر ٿيڻ جي ڪري انسانيت جو بيحد نقصان ٿئي ٿو. هڪ طرف دولت ۽ عياشيءَ جي سامان جي گهڻ ٿيڻ جي ڪري انفرادي زندگيءَ ۾ انسانن کي پنهنجي شخصيت جي تڪميل ۽ تزڪيي واري زندگيءَ کان محرومي ملي رهي آهي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ مسلمانن کي سچي انسانيت جي لاءِ مثالي نموني جو جيڪو ڪردار ادا ڪرڻو هو، ان جي محرومي پلئہ پئجي رهي آهي. اهڙي طرح هڪ طرف الله تعاليٰ مومنن سان جيڪو انهن جي جانين ۽ مالن جو سودو ڪري ڇڏيو هو تہ ان جي بدلي ۾ کين جنت عطا ڪندو، ان سودي جو انحراف ٿي رهيو آهي. ٻئي طرف وري غربت ۽ مفلسيءَ جي ڪري ماڻهن جو وڏو تعداد پاڻ ۾ اعليٰ انساني قدر پيدا ڪرڻ جي محروميءَ جي نتيجي ۾ پنهنجي خلقڻهار سان پنهنجو تعلق جوڙي رکڻ ۾ ناڪام ٿي رهيو آهي.

## ملڪيت بابت اسلام جو نظريو:

اسلام هن مسئلي کي هڪ ئي لفظ "خلافت" سان طئي ڪري ڇڏيو آهي. زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ جو حقيقي مالڪ الله تعاليٰ آهي ۽ زمين آسمان جون سڀ شيون "خليفي" جي حيثيت ۾ انسان کي "امانت" طور استعمال لاءِ ڏنيون ويون آهن. اهڙي طرح هر "امين" کي ان جي استعمال جو حق ان وقت تائين آهي جيستائين انهيءَ سان عام ڀلي واري مقصد ۾ خلل پوڻ جو انديشو نہ هجي. ٻي صورت ۾ خلافت کي ان جو جائز حق ڇڏي باقي مال ۾ هر تصرف جو اختيار ڏنو ويو آهي. يعني رياست بگڙيل مالي نظام کي سنوارڻ جو هر قسم جو اختيار رکي ٿي.

ثُمَّ جَعَلْنَاكُمْ خَلَائِفَ فِي الْأَرْضِ مِنْ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُونَ۔ (يونس -14)

"وري اسان اوهان کي انهن کانپوءِ زمين ۾ جانشين ڪيو تہ ڏسون اوهين ڪهڙي طرح ڪم ڪريو ٿا."

وَأَنْفِقُوا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُسْتَخْلَفِينَ فِيهِ (الحديد-7)

"۽ ان (مال) مان خرچ ڪريو، جنهن ۾ اوهان کي پنهنجو نائب ڪيو اٿس."

ظاهر آهي خرچ ڪرڻ جو خدا جي پاران استخلاف ملڻ يعني ڌرتيءَ تي نائب هجڻ جو مقصد ئي ان مال جي ورهاست جو هڪ منصفاڻو نظام جوڙڻ آهي.



إِنَّ اللَّهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنْفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُمْ بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ

"الله تعاليٰ مومنن سان انهن جي جانين ۽ مالن جو سودو ڪري ڇڏيو آهي، هن جي بدلي ۾ نہ انهن لاءِ جنت آهي."

سودي ٿي وڃڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جي ملڪيت مطلق رهندي آهي، بلڪ اها سودي ڪرڻ واري جي مرضيءَ تي اڪلاءَ ۾ ايندي آهي.

ان ڪري هيءَ ڳالهہ طئي آهي تہ اسلام ۾ ملڪيت کي استعمال جو ۽ ان مان نفعي وٺڻ جو ايترو ئي حق محدود رکيو ويو آهي. ان ڪري اسلام ۾ جتي بہ شخصي ۽ اجتماعي ملڪيت جو ذڪر آهي، ان مان جاٽايل قسم جي ملڪيت ئي مراد آهي. باقي جيڪي ملڪيت جا ٻيا تصور اسلام جي نالي سان پيش ڪيا وڃن ٿا سي پيشہ ور مذهبي ماڻهن پنهنجي حياتيءَ جي ٿورڙي نفعي لاءِ غاصب حڪمرانن کي جوڙي ڏنا آهن. (وَاشْتَرَوْا بِهِ ثَمَنًا قَلِيلًا) اهي تصورات اسلامي اقتصاديات جي سرمائيداراڻي تشريح (Capitalist Economic Interpretation) آهن، جيڪا سراسر قرآن جي تعليم ۽ الله تعاليٰ جي منشا جي خلاف ورزي آهي.

## قرآن سرمائي جو بنياد محنت کي بيهاري ٿو.

قرآن حڪيم انسان کي لهڻيدار ان شيءِ جو ئي ڪيو آهي، جنهن ۾ سندس محنت شامل آهي. لَيْسَ لِلْإِنْسَانِ إِلَّا مَا سَعَىٰ۔ انسان جي لاءِ اهو ئي آهي جنهن لاءِ هُن محنت ڪئي آهي. اهڙي طرح سان سرمايو جيئڻ تہ ليڪو لهڻو آهي، ان ڪري ان جو بنياد بہ محنت ئي آهي، پوءِ اها جسماني محنت هجي توڙي ذهني مشقت واري محنت، اهڙي ئي بنياد تي قرآن ڪاروبار ۾ حلال ڪمائي جو بنياد بيع يعني واپار تي رکيو آهي جو ان ۾ ماڻهوءَ جي مشقت شامل آهي. پر جي ان ۾ سود يعني عدم محنت جي ڪا بہ شڪل شامل ٿيندي تہ ان کي حرام قرار ڏنو ويو. أَحَلَّ اللَّهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبَا۔ الله اوهان جي لاءِ واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ ربا يعني سود کي حرام ٻڌايو آهي. هاڻي قرآن جي ٻڌايل هن چٽي اقتصادي اصول کي سيني اقتصادي پهلوئن تي منطبق ڪبو. پوءِ جتي بہ محنت شامل نہ هوندي اتي ان ڪمائي کي سود وانگر حرام سمجهبو. ۽ جتي ماڻهوءَ جي جسماني محنت ۽ ذهني مشقت موجود هوندي تہ ان ڪمائيءَ کي بيع وانگر حلال سمجهبو. مزارعت ۽ مضاربت وغيره ۾ بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سرمائي جي بنياد تي سرمايو ڪمائيندو تہ انهيءَ جي لاءِ اهو حرام ٿيندو.

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# قرآن سمجھڻ ۾ رڪاوٽ

بيشڪ، قرآن مجيد جي اعجاز جا گهڻا ئي ڪارڻ آهن. ان جو انداز ۽ فن بديع، گذريل تاريخ ۾ اڳوڻين امتن جي حالتن جو بيان ۽ ان جون پيشن گوئيون ۽ ان جي بلاغت: اهي سڀ ان جي مڙني اعجازن (معجزن) مان ڪجھ آهن پر قرآن مجيد جو اصل اعجاز (معجزو) ان جي تعليم ۾ انسانن جي هدايت جو اهو نظام آهي، جيڪو اُن پيش ڪيو آهي. ڇئجي ڪٽي تہ قرآن مجيد جي علمي ۽ عملي افاديت ئي ان جو سڀ کان وڏو معجزو آهي، جنهن مان هر ماڻهو اهو عربي هجي يا عجمي، عوام مان هجي يا عالم، فلسفي هجي يا سادي طبيعت وارو، فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ قرآن جي انهيءَ اعجاز کي سمجهي سگهي ٿو پر جيڪڏهن قرآن جو اعجاز صرف عربي ٻولي جي فصاحت ۽ بلاغت جو پابند ٿي وڃي تہ انهيءَ صورت ۾ ڳاڻ ڳٽين ٿورن ماڻهن کان سواءِ ٻيا ماڻهو قرآن جي اعجازي خوبين کان محروم رهجي ويندا. قرآن حڪيم هڪ انقلابي نظام جي دعوت ڏئي ٿو. اهو انقلابي نظام بين الاقوامي ۽ سموري انسانيت تي مشتمل آهي. ايندڙ دنيا تائين جڏهن بہ مسلمانن جي ڪا جماعت انهيءَ تي عمل ڪندي تہ انهيءَ مان اهي ئي نتيجا پيدا ٿيندا جيڪي اسلامي تاريخ جي پهرئين دؤر يعني خلافت راشده ۾ دنيا وارن ڏٺا هئا. اهو قرآن جو اثر آهي.

مسيحي دنيا قرآن جي انهيءَ اثر بخشڻ واري صلاحيت کي عوام جي نظرن کان لڪائڻ لاءِ لڳاتار ڪوشش ڪندي اچي پئي. مصر جي مشهور عيسائي مؤرخ ۽ مصنف جرجي زيدان لکيو آهي تہ ”حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر جي خلافت جو نظام صرف اتفاقي ڳالھ هئي. يعني گذريل



زماني ۾ اسلام جي عظيم الشان انقلاب جو سبب قرآن جي تعليم نہ هئي پر اتفاق سان ڪجھ فرد اهڙا پيدا ٿيا، جن هڪڙو دفعو ائين ڪري ڏيکاريو، پر اهو سدائين ائين ٿئي اهو غلط آهي.“ انهيءَ کان سواءِ قرآن جي وڏن سماجي ۽ معاشرتي انقلابي اثرن کي زائل ڪرڻ لاءِ ٻيا بہ حربا استعمال ڪيا وڃن ٿا، جن مان هلندڙ زماني ۾ هڪ حربو روايتي سيرت وارن جلسن جو نظام آهي. انهيءَ سان ماڻهن جو توجھ قرآن مجيد جي تعليم کان هٽي شخصيت پرستيءَ طرف لڙي وڃي ٿو ۽ هيئن سمجهيو وڃي ٿو تہ اسلام جو سمورو تاثير قرآن بدران نبي ڪريم ﷺ جي بيمثال شخصيت ۾ لڪل آهي، جيڪڏهن آئينده بہ ڪا معجزاتي شخصيت ظاهر ٿي پوي تہ ممڪن آهي تہ اهو اثر ٻيهر پيدا ٿي سگهي. امام مهدي جو ظهور ۽ مسيح جي نازل ٿيڻ جو عقيدو بہ اهڙي ذهنيت جو نتيجو آهي.

قرآن مجيد سموري انسانيت جي بنيادي فڪر جو ترجمان آهي. اهو بنيادي فڪر نہ ڪڏهن بدليو آهي، نہ ئي آئينده ڪڏهن بدلبو ۽ سڀني دينن، مذهبن ۽ فلسفن جو بنياد ۽ اصول اهوئي فڪر آهي. انهيءَ بنيادي فڪر کي الله جي فطرت چئو، انهيءَ کي دين جو نالو ڏيو يا انهيءَ کي انساني ضمير سان تعبير ڪيو. انهيءَ انساني ضمير جي ترجماني انبياءَ، صالح (سڌارڪ) ۽ حڪيم (روشن فڪر دانشور) ڪندا آيا آهن. زماني سان هلندي هلندي اصل فڪر ۾ ٻاهريان مغالطا شامل ٿيندا ويا ۽ وري وري نئين نذير ۽ بشير جي ضرورت پئي. قرآن مجيد انهيءَ بنيادي فڪر جو ترجمان آهي ۽ اهو بنيادي فڪر عالمگير، ازلي، ابدي ۽ لازوال آهي. قرآن ۾ بيشڪ انهيءَ فڪر جو لباس عربي آهي پر لفظن ۽ ترتيبن جون جيڪي معنائون آهن اهي اهل نظر کان لڪل ڪونهن. خالص ۽ نج انسانيت جو قيام قرآن جو نصب العين آهي. قرآن ان ڳالھ جو رستو ڏيکاريو ۽ هڪ دفعو انهيءَ کي وجود ۾ آڻي ڏيکاريو.

قرآن مجيد ۾ آيو آهي تہ: ”شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَ مُوْسٰى وَ عِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَ لَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ“ هن توهان جي دين جو اهو رستو مقرر ڪيو آهي جنهن جي، نوح کي وصيت ڪئي ۽ اي پيغمبر! جيڪا توکي وحي ڪئي آهي اها ئي وحي ابراهيم، موسيٰ ۽ عيسيٰ کي اسان ڪئي هئي. ۽ اها هيءَ تہ هن دين کي قائم ڪيو ۽ ان ۾ تفرقو

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



نہ وجهو.“ حضرت مجاهد کان هن آيت جي تفسير ۾ روايت آهي تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو اي محمد اسان توهان کي ۽ انهن کي هڪڙي ئي دين جي وصيت ڪئي آهي. قرآن جو هڪڙو ٻيو ارشاد آهي: وَاِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُوْنِ ﴿٥٢﴾ فَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ (المؤمنون:53، 54) ”۽ هيءَ توهان جي امت هڪ ئي امت آهي ۽ آءٌ توهان جو رب آهيان تہ توهان مون کان ڊڄو، پوءِ ماڻهن پاڻ ۾ ڦيٽاڙو وجهي پنهنجا پنهنجا دين جدا ڪيا، ۽ جيڪو طريقو جنهن وٽ آهي، اهو انهيءَ ۾ خوش آهي.“

هڪ ٻي جاءِ تي قرآن حڪيم فرمائي ٿو: ”لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنْكُمْ شِرْعَةً وَّمِنْهَاجًا (مائده 5) ”اسان توهان مان هر هڪ لاءِ هڪ شريعت ۽ خاص رستو ٻڌايو.“ حضرت ابن عباس کان روايت آهي تہ شريعت ۽ منهاج جي معنيٰ واٽ ۽ رستي جي آهي. ۽ ٻئي هنڌ ارشاد آهي تہ: لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا (الحج: 67) ”اسان هر هڪ امت لاءِ عبادت جا طريقا مقرر ڪيا آهن تہ اهي ان تي هلن“.

شاهہ ولي الله قرآن جي انهن آيتن جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ فرمائي ٿو تہ معلوم هئڻ گهرجي تہ دين اصل ۾ هڪ آهي ۽ سمورا انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ان تي متفق آهن. سڀني جو اتفاق آهي تہ خدا کي هڪ مڃيو وڃي ۽ ان جي عبادت ڪئي وڃي، ان کان هر قسم جي مدد گهري وڃي ۽ جيڪي ڳالهيون ان جي بارگاهہ جي مناسب نہ آهن انهن کان ان کي پاڪ مڃيو وڃي. هيءُ مڃيو وڃي تہ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري ان تي پنهنجو ڪتاب نازل فرمائي ٿو. هن تي بہ سڀئي متفق آهن تہ قيامت حق آهي ۽ مرڻ کان پوءِ زنده ٿيڻ حق آهي. اهڙي نموني سمورا انبياءِ ڪرام نيڪيءَ (بر) جي اصولي قسمن تي متفق آهن. جيڪو فرق آهي سو مخصوص صورتن ۽ هيئتن جو آهي، جن تي مختلف قسم جي نيڪين، فائديمند تدبيرن، معاش ۽ معاشرت جي سهولتن جو دارومدار آهي، ان جو نالو شريعت ۽ منهاج آهي. شاهہ ولي الله صاحب لکي ٿو تہ معلوم هئڻ گهرجي تہ اهي اطاعتون ۽ عبادتون جنهن جو حڪم الله تعاليٰ سڀني دينن ۽ مذهبن ۾ هڪجهڙي نموني تي ڏنو آهي، اهي انساني نفس ۾ خاص اثر پيدا ڪن ٿيون ۽ انهن تي عمل ڪرڻ سان انساني نفس ۾ ڪشادگي ۽ فرحت پيدا ٿئي ٿي ۽ ڇڏي ڏيڻ سان تنگي ۽ مونجهہ پيدا ٿئي ٿي. انبياءِ ڪرام جي شريعتن ۽ رستن وانگر انهن جي تلقين



ڪيل عبادتن ۽ اطاعتن ۽ انهن جي ارڪان ۽ آداب ۾ بہ اختلاف هوندو آهي پر انهن سڀني جو اصل روح هڪ هوندو آهي.

اسلامي تعليمات جو خلاصو قرآن جي هن آيت: هُوَ الَّذِىٓ أَرْسَلَ رَسُولَهُ بِالْهُدَىٰ وَدِينِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهُ عَلَى الدِّينِ كُلِّهِ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُونَ. (التوبه: 33) ۾ ڏنو ويو آهي. يعني قرآن جو اصلي مقصد سڀني دينن کان اعليٰ دين، سڀني فڪرن کان بلند تر فڪر يا سڀني کان بلند بين الاقوامي نظريو جيڪو گهٽي کان گهٽي انسانيت تي ڦهليل هجي پيش ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ آهي. هي دين ٻين دينن کي غلط نہ ٿو ڪري بلڪ انهن سڀني جي بنيادي سچائين کي تسليم ڪري ٿو. ان جو چوڻ آهي تہ تاريخ ۾ هيئن ٿيندو آيو آهي تہ هڪ قوم هڪ مذهب کي اختيار ڪري ٿي. جيئن جيئن زمانو گذري ٿو، اها دين کي پنهنجي رنگ ۾ رنگيندي وڃي ٿي، اهڙي طرح انساني دين قومي دين بڻجي وڃي ٿو. انهيءَ جي باوجود ان قوم جو ضد هجي ٿو تہ ان جو دين ئي سچي انسانيت جو دين آهي ۽ صرف سندن قوم ئي انسانيت جي علمبردار ۽ نمائنده آهي. بيشڪ، شروع ۾ انهن جو دين انساني دين هوندو آهي ۽ ان ۾ هر رنگ ۽ هر نسل واري کي فائدو ملي ويندو آهي، پر آهستي آهستي انهن جو اهو دين قومي يا گروهي دين بڻجي ويندو آهي. پڇاڙيءَ ۾ تہ نوبت اتي وڃي پهچندي آهي تہ هر فرد هي سمجهڻ لڳندو آهي تہ مان ۽ صرف مان ئي حق تي آهيان باقي ماڻهو سڀ گمراہ ۽ ڪافر آهن. پوءِ نتيجو هي نڪرندو آهي تہ جيڪو دين سموري انسانيت کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئڻ وارو بڻجي آيو، ان تي اهڙو وقت اچي ويندو آهي جو اهو انتهائي انتشار ۽ جهڳڙن جو سبب بڻجي ويندو آهي. قرآن مجيد جي نظر ۾ اهوئي ڪفر آهي. قرآن انهن سڀني قومي ۽ گروهي مذهبن کي جيڪي انسانيت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جو سبب بڻجي رهيا هئا، مردود قرار ڏئي ڇڏيو ۽ هيءَ تلقين ڪئي تہ خدا جو سچو مذهب اهو آهي جيڪو خدا جي زياده ويجهو هجي ۽ خدا کي ويجهي هئڻ جي معنيٰ هيءَ آهي تہ اهو فرقن ۽ گروهن کان مٿي ٿي ڪري سموري انسانيت کي پنهنجي دامن ۾ سمائي وٺي. قرآن سڀني قومن، دينن ۽ مذهبن جي مرڪزي نڪتن کي جيڪي سموري انسانيت تي لاڳو ٿي سگهن پيا، يڪجا ڪيو ۽ سڄي دنيا کي هيءَ دعوت ڏني تہ صرف هي هڪڙو بنياد آهي، جنهن تي صحيح انسانيت جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تعمير ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن يهودين جي قوم ۾ انهيءَ انسانيت جو فقدان آهي ته پوءِ توڙي جو هو پنهنجي زبان سان پاڻ کي "ابناء الله" ۽ "احبائه" (يعني خدا جو پٽ ۽ دوست) سڏائين تڏهن به گمراه آهن. جيڪڏهن عيسائي به انهيءَ کان خالي آهن ته انهن جو ابن الله سڏائڻ کين ڪنهن ڪم نه ايندو. اهڙي نموني مسلمانن تي به اهو حڪم لاڳو ٿي سگهي ٿو. قرآن هڪڙي ساهمي آهي، جنهن ۾ سيئي توري سگهجن ٿا. يهودي، عيسائي، مسلمان جي هن ۾ ڪابه تميز ڪانهي. جيڪو سرنهن جي داڻي جيترو به گهٽ ٿيندو ته اهو الله وٽ پچا مان گذرندو. اصل دين اهوئي آهي، باقي سڀ ان جا ذريعا ۽ وسيلا آهن جن کي اصطلاح طور شريعتون ۽ رسمون چيو ويو آهي. اهي شريعتون ۽ رسمون اصل دين تائين پهچڻ جو ذريعو آهن. انهن شريعتن جي وجود ۽ انهن جي فائديمند هجڻ کان انڪار ناهي. پر جيڪڏهن اهي شريعتون ۽ رسمون بي روح بڻجي وڃن ۽ انهن سان اهو اصل مقصد حاصل نه ٿي سگهي ته پوءِ انهن جي ڪابه معنيٰ نه ٿي رهي. قرآن مجيد انهن بي روح رسمن جي خلاف جهاد جي تلقين ڪري ٿو ۽ يهودين جي انهيءَ ظاهري دين داري تي ان سيني کان زياده تنقيد ڪئي آهي. قرآن مجيد فطري دين جو علمبردار آهي. ان جي معنيٰ هيءَ آهي ته اهو اهڙي تعليم ڏئي ٿو، جيڪا انسانيت جي صحيح فطرت جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ سڄي نوع انسان جي فائدي لاءِ آهي پر جيڪڏهن قرآن کي هڪ فرقي يا گروهه جو ڪتاب بڻايو وڃي ته پوءِ هي ثابت ڪرڻ ته اهو ازلي ۽ ابدي آهي ۽ ان جي تعليم سيني لاءِ ۽ هر زماني لاءِ آهي، ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو. جو ته قرآن جي عالمگيريت صرف هن بنياد تي آهي ته اهو سموري انسانيت جو ڪتاب آهي.

بيشڪ، قرآن مجيد جي تعليم جو نتيجو هڪڙي زماني ۾ ۽ هڪڙي خاص مظهر ۾ جلوه نما ٿيو. هاڻي ضروري ڪونهي ته ٻئي زماني ۾ به بعينه ساڳي صورت ۾ ظاهر ٿئي. جيڪو زمانو گذري ويو اهو وري واپس نه ايندو. جيڪو پاڻي وهي وڃي ٿو، اهو موٽندو ناهي. قرآن مجيد تي عمل ڪري خلافت راشده جي پهرئين دؤر ۾ اصحابن جيڪا حڪومت ناهي، هاڻي بلڪل ساڳي اهڙي حڪومت نه ٺهي سگهندي. جيڪي ماڻهو قرآن کي انهيءَ نموني سمجهن ٿا اهي قرآني حڪمت جي صحيح مفهوم کي نه ٿا ڄاڻن. يقيناً خلافت



راشده جي حڪومت قرآني حڪومت جو هڪ نمونو هئي پر اهو نمونو ساڳيو جو ساڳيو هر دؤر ۾ منتقل نه ٿو ٿي سگهي. البت ان جي بنيادن ۽ اصولن تي قرآني حڪومت جو نئون نظام نهي سگهي ٿو. قرآن مجيد اڄ به پنهنجي حڪومت قائم ڪري سگهي ٿو، پر ان لاءِ ضروري آهي ته قرآن کي عقل ۽ اجتهاد سان سمجهيو وڃي ۽ ان جي تعليم جي عالمگيريت جي جڙ معلوم ڪئي وڃي. نه ته جيڪڏهن قرآن فهميءَ جي حد صرف لفظن تائين محدود رهي ۽ انساني فڪر جي گهرائين ۽ زماني جي اٿل پٿل کان قرآن پڙهڻ وارا اڻ ڄاڻ رهيا ته پوءِ نتيجو گذريل صدين جو اسان جي سامهون آهي ۽ اوهان به سمجهي سگهو ٿا.

مطلب ته قرآن جو اصلي مقصد عام انسانن جو سڌارو ۽ ترقي آهي. اهو سموري انسانيت کي انهن جي بنيادي اصولن ۽ مقصدن طرف موٽائڻ آيو هو. ان جو پيغام هي هو ته سڀ انسان هڪ آهن، رنگ، نسل ۽ قوم جو فرق حقيقي ناهي. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته:

"يَا أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّا خَلَقْنَاكُمْ مِنْ ذَكَرٍ وَأُنْثَىٰ وَجَعَلْنَاكُمْ شُعُوبًا وَقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللهِ أَتْقَاكُمْ" (الحجرات: 13).

قرآن مجيد زندگي جا اهي عالمگير ۽ نه بدلجندڙ اصول پيش ڪيا آهن. انهن کي جيڪڏهن غور سان سمجهجي ته ذهن انساني وحدت جي صحيح روح کي حاصل ڪري سگهي ٿو. انهيءَ بنياد تي اسلام شروع زماني ۾ قيصريت ۽ ڪسرويت کي جيڪي ان وقت جبري استحصال جا بڇڙا نشان هئا ختم ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ ان جي جاءِ تي اهڙو نظام قائم ڪيو جنهن ۾ انساني برابري، هر هڪ سان انصاف ۽ پاڻپي جا بنيادي اصول هئا. قرآن جي سموري تعليم جو دارومدار انهن نيڪ عملن تي آهي. جيستائين اعليٰ نصب العين انسان جي سامهون متعين (مقرر) نه هجي ته ان مان صالح عملن جو ظاهر ٿيڻ ممڪن ناهي. ان ڪري قرآن مجيد بار بار الله تي ايمان آڻڻ جو زور ڏنو آهي يعني ايمان باالله نصب العين آهي ۽ عمومي انسانيت جي فلاح ۽ بهبود انهيءَ نصب العين کي عمل ۾ آڻڻ جو ذريعو ۽ طريقو آهي. جيڪڏهن بصيرت واري نظر سان ڏنو وڃي ته ايمان باالله جو عقيدو انسانيت لاءِ هڪ اعليٰ نصب العين جي

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حيثيت رکي ٿو ۽ هن دنيا ۾ انهيءَ کان وڏيک بلند تصور ممکن ڪونهي. الله جي تصور ۾ وحدت انسانيت ۽ وحدت ڪائنات سڀ اچي وڃن ٿا ۽ ذهن جي سامهون لامحدود آفاقيت ۽ بي ڪنار ڪشادگيون حاصل ٿي وڃن ٿيون. الله جو صحيح تصور سيني گهرائين کي پنهنجي اندر سموهي ورتو آهي. ڪابہ اهڙي بلندي ۽ وسعت ڪانهي جيڪا انهيءَ تصور کان بلند ۽ وسيع تر سوچي سگهجي. صحيح خدا پرستي اڳتي هلي لازمي طور انسان دوستيءَ جو سبب بڻجي ٿي. قرآن مجيد انهيءَ خدا پرستيءَ جي تعليم ڏئي ٿو. اهو چوي ٿو تہ سيني انسانن کي هڪ سمجهو ۽ جنهن ڳالهہ تي توهان کي ايمان آهي تہ اها حق آهي، اها هر هڪ کي چئو ۽ وري وري ان کي ذهن نشين ڪرايو ۽ جيڪڏهن اها ڳالهہ ان جي دل ۾ نہ ٿي اچي سگهي تہ ڪيس نرميءَ سان سمجهايو (وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ) ۽ جيڪڏهن نرميءَ سان ڪم نہ هلي تہ رستي ۾ جيڪي غير فطري رڪاوٽون آهن انهن کي طاقت سان هٽايو، چو تہ اهي رڪاوٽون انسانن کي انهن جي صحيح انسانيت کان پري رکڻ جو سبب آهن، حق لاءِ جهاد جي اهائي معنيٰ آهي. بيشڪ، جهاد بڇڙن عملن جي خلاف هوندو آهي پر حقيقت ۾ ان مان مقصد بڇڙائيءَ جي پاڙ پٽڻ آهي. بڇڙائيءَ سان جنگ ڪرڻ سموري انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت آهي. اهوئي قرآن مجيد جو ايمان باالله ۽ جهاد في سبيل الله آهي. هڪڙو عقيدو آهي ۽ ٻيو عمل. هڪڙو نصب العين آهي، ٻيو انهيءَ جو مسلڪ. اهي ٻئي لازم ملزوم آهن. جيڪڏهن هڪڙو ناقص هوندو تہ ان جو مطلب هيءُ ٿيو تہ ٻئي ۾ بہ ڪجهہ ڪمي آهي.

ايمان باالله ۽ جهاد في سبيل الله انهن معنائن ۾ هڪ ڪسوٽي آهي، جنهن تي هر فرد، هر جماعت، هر قوم، هر نظام ۽ قانون کي پرکي سگهجي ٿو ۽ ان ۾ ڪنهن بہ روءِ رعايت جي گنجائش ناهي. هڪ زماني ۾ مسلمان انهن ٻنهي خصلتن جا مالڪ هئا. تنهن ڪري قرآن مجيد انهن کي "امت وسطا" جو خطاب ڏنو. جيئن ارشاد آهي تہ امتياز صرف هن بنياد تي هو تہ اهي ايمان باالله ۽ جهاد في سبيل الله کي صحيح معنائن ۾ مڃيندا ۽ انهن تي عمل ڪندا هئا.

Find More : www.iqbalkalmati.blogspot.com